
داڪٽر سنڌيا چندر ڪندناڻي
مان هوس جاج جو آردلي
(آتم ڪٿا ۱)
ليکڪ
ٻندر گهگيانوي
ترجماني:
ڊاڪٽر سنڌيا چندر ڪندناڻي

مان هوس جاج جو اَردلي

(آتم ڪٿا ١)

ليکڪ

نِندر گهُگيانِوي

ترجمان :

ڊاڪٽر سنڌيا چندر ڪندناڻي

Maan Hose Jaja Jo Ardali

(Autobiography-1) by
Ninder Ghugianvi
Translated by :
Dr. Sandhya Chander Kundnani

ISBN : 978-81-87236-75-7

© : Author

First Edition : 2018
Price : 350/-
Publisher : GANPATI PRAKASHAN
4/32, Ist Floor, Subhash Gali,
Vishwas Nagar, Shahdara,
Delhi - 110032
e-mail : shilalekhbooks@rediffmail.com
Composing : Ganpati Associates, Delhi
Printer : B.K. Offset, Delhi-110032.

شروعات 5

لال ڪوٺي 18

اِن ڪري ٿهيس اَردلي 21

نؤڪريءَ جو پهريون ڏينهن 27

ڪورٽ ۾ ڪِل 35

جج صاحب جي بہ بدليِ ٿي ويئي 38

نئين صاحب جي شيوا ۾ 42

صاحب ڪي ٻڌائي ٽُنبيِ 46

صاحب جي نظرن ۾ مان مراسيِ ٿهي ويس 52

جڏهن جج کي مينهن سوڪڙيءَ طور ملي ! 57

هڪ نئون ڪم 62

ملڻ لڳيون جج کان گاريون 69

چمُن جي مُند ! 79

صاحب جو سنڌوءُ ۾ سالي 83

سوکڙين جي ڏيڻ-وٺڻ جا ڏينهن 91

منهنجي چوري پڪڙجي پيئي 99

ڳائڻ لڳو صاحب 107

مينهن جيِ گابيءَ جو وڇوڙو 112

صاحب جو پير ٽُٽو 120

منهنجيِ ۽ صاحب جي بدليِ 129

۽ مان ڳوٺ پڳُس ! 136

شروعات

۱۹۹۶ يا ۹۷ جي ڳالهہ هوندي، نندر گهُگهيانويءَ سان مان پهريون دفعو پٽيالا، پاشا پوَن ۾ مليو هوس. هوُ اُتي ڪچو-پڪو نوڪر هو. ڪم اَچڻ لاءِ ٽڪڙو ۽ شيوا پاونا سان پرپور. ’اَنڪل جي، اَنڪل جي‘ چوندي هُن جو منهن نہ ٿڪجندو هو. ٿوري ٿوري ڳالهہ تي ڪلندو هو. اُن وقت تائين مون هن جو ڪو ڪتاب تہ نہ پڙهيو هو پر هن جو نالو ساهتيہ سپائن جي خبرن ۾ پڙهيو هو.

ٻيو پيرو هو هڪ ساهتيڪ ميڙ ۾ مليو هو. هن جي ڪِل غائب هئي. هو ڏاڍو دکي لڳي رهيو هو. هن جي ڪچي-پڪي نوڪري ڇڏائجي ويئي هئي. هو هر وڏي ليکڪ کي چئي رهيو هو، ”اَنڪل جي، چئو نہ پاشا ويا ڳہ جي اَڏيڪش کي، مون سان ٿيل اَنياءُ دوُر ڪن.“

مون هن کي بابا نانڪ جي ساکِي ٻُڌائي، جن هڪ اڻ پڙهيل ڳوٺ کي وسيل رهڻ جو وردان ڏنو هو، جيئن هو پنهنجا اَوگڻ ڦهلائي نہ سگهن ۽ هڪ پڙهيل لکيل ڳوٺ کي اُجڙي وڃڻ جو وچن ڏنو جيئن هنن جو سداچار پري-پري تائين ڦهلجي وڃي. گهٽيئي پيرا اُجڙڻ، وَسڻ کان وڌيڪ فائدي وارو ثابت ٿيندو آهي. مون هن کي پنهنجو مثال ڏنو تہ ڪَٽِرونشاهيءَ جي وقت مونکي ماستري لهر جي سرگرمين ۽ مارڪسواد سان نزديڪيءَ سبب ڏهن سالن جي پڪي نوڪريءَ تان هٽايو ويو. مان بہ هڪ پيرو اُداس ٿي ويو هوس ڇو تہ اُن وقت جي مانسڪ دکہ سان لڳندو هو تہ ڪو بہ رستو ڪليل ڪونهي، هاڻي مان ٻيو ڇا ٿو ڪري سگهان. پر هاڻي جڏهن پنيان ليئو پائي ڏسان ٿو تہ لڳندو آهي تہ جيڪڏهن منهنجي مٿان ’سرڪاري مَهر‘ نہ ٿي هجي ها تہ پٽنبدا ضلعي جي ڪنهن اسڪول ۾ پڙهائيندو هجان ها. شايد نہ ئي ساهتيہ ۾ ۽ نہ ئي ڪتنب ۾ هاڻي واريون حاصلاتون حاصل ڪري سگهان ها.

مون هن کي چيو، تہ دل نہ لاهي، ڪو رستو ضرور نڪرندو. منهنجي خيال موجب جيڪڏهن هو پاشا پوَن جي نوڪري ڪندو رهي ها تہ اُن رستي تي ايترو اڳيان نہ وڌي سگهي ها جيترو اڄ وڌي رهيو آهي.

پوءِ جڏهن مان ’پنجابي ٽربيوُن‘ جو سمپادڪ هوس، هڪ ڏينهن هو منهنجي آفيس ۾ آيو. رسمي ڳالهين کان پوءِ هن ججن سان لاڳاپو رکندڙ لکيل پنهنجي ليکن جون چار قسطون مونکي ڏيندي چيو، ”انڪل جي، هي ڇپجو توهان، هڪ-هڪ ڪري... سنا آهن... ڇپجو انڪل جي...هان.“

مون اُن وقت تائين بہ هن جو ڪو ليکہ نہ پڙهيو هو. مون هن جي طرف ڌيان سان ڏٺو. مونکي هو ’ٻاراٺو‘ لڳو، ٿورو-ٿورو ٻاراٺي دماغ وارو. مون چيومانس، ”پڙهي ڏسندس. اُٺويهہ-ويهن جو فرق تہ ڪٽي اڻ ڏٺو ڪري ٿو سگهجي، پر بنا پڙهڻ جي ئي ڇپجڻ جو واعدو ڪيئن ڪري ڇڏيان تو سان؟“

هن جي راءِ پڪي هئي، ”نہ انڪل جي، هيءُ تہ ڏاڍا سنا آهن جي... منهنجي گهڻن ئي دوستن-ساٿين پڙهيا آهن.“

”جهڙو تون تهڙا تنهنجا دوست-ساٿي... خُواجي جا شاهد ڏيڏر.“ مون هن جا ليکہ فائيل ۾ رکندي چيو. هو ڦِڪو ڪلڻ لڳو.

هن جي وڃڻ ڪانپوءِ مون ’دال مان داڻو ڳولهڻ‘ لاءِ هن جو پهريون ليکہ ڪڍيو. جلد ئي، ٽن-چئن پئرائن تي نظر وڌي تہ لڳو تہ ان کي تہ شروع کان ئي پڙهڻ کپي ۽ ڪم ڇڏي چارئي ليکہ سڄا پڙهي ويس.

مونکي عجب بہ لڳو ۽ خوشي بہ ٿي. هي ليکہ پنهنجين ڪجهہ خاصيتن سبب سچ پچ سُنا هئا. انهن کي سنو چوڻ وارا هن جي دوست-ساٿين کي انهن خاصيتن جي ڄاڻ هئي يا نہ، مونکي خبر ناهي. خود نِندر کي انهن جي ڄاڻ هئي يا نہ، مونکي اها بہ خبر ناهي.

هڪ تہ انهن ۾ ايڪاگرتا هئي ۽ وشيہ ئي ڪيندر ۾ هو. ڪجهہ بہ وڌائي-چڙهائي نہ هو. اِهي اُنهن ليکڪن جي ليکن وانگر ڪونہ هئا، جيڪي ليکن ۾، مثال طور، ذات-پات تي لکڻ کان شروع ڪندي اُنهن کي مينهن کان بہ بي عقل چئي بہ پئرائون مينهن تي بہ لکي ڇڏيندا آهن. پوءِ اسٽيشن جي فُٽ پاٿ تي پاٿارو لڳائڻ وارن جو ذڪر ڪري بہ پئرائون چَنا-پوريءَ جي باري ۾ ٻَڌي ڇڏيندا آهن. آخر ۾ الڳ-الڳ جڳهين تي پئدا ٿيل چَنن کي هڪ جهڙو ٻڌائي ذات-پات وارن ماڻهن کي عقل ڏيندا آهن تہ توهان چَنن وانگر سڀني ماڻهن کي هڪ جهڙو سمجهو. نِندر گهُگيانوي ساڃي-ڪاٻي پاسي

ڪيس صاحب وٽ هو. ائين ڪيس تہ هُنن جي پاسي ئي ٿيٺو هو، پر وڪيل چئي - ٻُڌي ڪري سوڪڙيءَ طور صاحب کي مينهن ڏيئي ڇڏي. وڪيل نياءَ لاءِ لڙڻ بدران ججن جا دلال ٿي پوندا آهن ۽ جج نياءُ ڏيڻ جي جڳهہ تي نياءُ وڪڻندا آهن، سوڪڙيءَ طور مينهن ڏني ويندي آهي.

ججن پاران سرڪاري ڪرمچارين، اَردلين کي گهرن ۾ داس وانگر اِستعمال ڪرڻ خراب وهنوار تہ آهي ئي، غير قانوني بہ آهي. اِهو خراب وهنوار ۽ غير قانوني ڪم اُهي ڪندا آهن، جن مان سني سداچار ۽ قانون جي رڪشا جي اُميد هوندي آهي. ساڪياتڪار ’’اَمڪا سنگهہ بنام ڏمڪا سنگهہ حاضر ٿئي‘‘ جو آواز ڏيڻ واري جو ٿي رهيو آهي ۽ ساڪياتڪار وٺڻ وارو جج پڇندو آهي، ’’گهر جا ڪهڙا - ڪهڙا ڪم ايندا اٿيئي؟ روٽي - ووٽي ٺاهڻ ايندي اٿيئي؟‘‘ ۽ هوُ صاف چئي ڏيندو آهي، ’’پُٽ سڀ ڪان وڏي ڳالهہ تہ اها ئي آهي.‘‘ پر جج نِواس (گهر) ۾ اها روٽي - روٽي جيڪو روپ ڌارڻ ڪندي آهي، اُهو ڪجهہ وڏيڪ ئي آهي. ائين تہ اِها ڪم روپي زنجير هڪ ساڪياتڪار وٺڻ وارو جج ئي سمجهائي ڇڏيندو آهي، ’’پُٽ، هن ويا ڳہ ۾ تہ اي - ٽوُ - زيڊ سڀ جا سڀ ڪم ڪرڻا پوندا آهن، روٽي ٺاهڻ ڪان وٺي باسڻ صاف ڪرڻ، ڪپڙا ڌوئڻ، جانورن جو کير ڪڍڻ، اُنهن کي کارائڻ، ڇيڻو صاف ڪرڻ، ٻارن کي اسڪول ڇڏي - وٺي اچڻ تائين.‘‘ اهو سوچي تہ ڪو ڪم رهجي نہ وڃي، هوُ اهو چئي ڳالهہ کي پورو ٿو ڪري تہ گهر ۽ ڪورٽ جا سڀ جا سڀ ڪم ڪرڻا پوندءِ. هوُ غلام مزور جهڙي ڳالهہ بہ صاف ٿو ڪري، ’’موڪل - ٻوڪل ڪا بہ نہ، آرتوار ڏينهن بہ نہ.‘‘ پوءِ جڏهن پراڻي جج جي بدلي ۽ نئين جي اچڻ جي وچ ۾ ڪجهہ ڏينهن ملن ٿا تہ سپريٽينڊنٽ ئي وچ ۾ دانوُ لڳائي ٿو ڇڏي. هو حڪم ٿو ڪري، ’’ايترا ڏينهن تون مون وٽ ڊيوٽي ڪندو ڪر.‘‘ گهٽيئي پيرا تہ ڪم جي اِن زنجير ۾ ڪا عجيب ڪَڙي بہ ڳنڍجي ٿي وڃي جيئن جاتَ جي ڏنل مينهن جي رنيائڻ جو آواز ٻڌي جج صاحب حڪم ٿو ڏئي، ’’اوبي، هتي اچ. هن کي چُپ ڪرائي منهنجي ساليءَ کي، ڪيئن رنيائي رهي آهي. سالي، گهر آئي آهي، هيءَ ڪهڙي ڪاسائين جي حويلي آهي، هوُن، ڪيئن رنيائي رهي آهي، بيٺي چو...‘‘

ڪيس صاحب وٽ هو. اڻين ڪيس تہ هُنن جي پاسي ئي ٽيڪو هو، پر وڪيل چٽي - ٻُڌي ڪري سوکڙيءَ طور صاحب کي مينهن ڏيئي ڇڏي. وڪيل نياءَ لاءِ لڙڻ بدران ججن جا دلال ٿي پوندا آهن ۽ جج نياءُ ڏيڻ جي جڳهہ تي نياءُ وڪڻندا آهن، سوکڙيءَ طور مينهن ڏني ويندي آهي.

ججن پاران سرڪاري ڪرمچارين، اَردلين کي گهرن ۾ داس وانگر اِستعمال ڪرڻ خراب وهنوار تہ آهي ئي، غير قانوني بہ آهي. اِهو خراب وهنوار ۽ غير قانوني ڪم اُهي ڪندا آهن، جن مان سٺي سداچار ۽ قانون جي رکشا جي اُميد هوندي آهي. ساکياتڪار ”اَمڪا سنگهہ بنام ڏمڪا سنگهہ حاضر ٿئي“ جو آواز ڏيڻ واري جو ٿي رهيو آهي ۽ ساکياتڪار وٺڻ وارو جج پڇندو آهي، ”گهر جا ڪهڙا - ڪهڙا ڪم ايندا اٿيئي؟ روٽي - ووٽي ناهڻ ايندي اٿيئي؟“ ۽ هوُ صاف چٽي ڏيندو آهي، ”پُٽ سڀ ڪان وڏي ڳالهہ تہ اها ئي آهي.“ پر جج نِواس (گهر) ۾ اها روٽي - روٽي جيڪو روپ ڌارڻ ڪندي آهي، اُهو ڪجهہ وڏيڪ ئي آهي. اڻين تہ اِها ڪم روپي زنجير هڪ ساکياتڪار وٺڻ وارو جج ئي سمجهائي ڇڏيندو آهي، ”پُٽ، هن وياڳہ ۾ تہ اي - ٿوُ - زيد سڀ جا سڀ ڪم ڪرڻا پوندا آهن، روٽي ناهڻ ڪان وٺي باسڻ صاف ڪرڻ، ڪپڙا ڌوئڻ، جانورن جو ڪير ڪڍڻ، اُنهن کي ڪارائڻ، ڇيڻو صاف ڪرڻ، ٻارن کي اسڪول ڇڏي - وٺي اچڻ تائين.“ اهو سوچي تہ ڪو ڪم رهجي نہ وڃي، هوُ اهو چٽي ڳالهہ کي پورو ٿو ڪري تہ گهر ۽ ڪورٽ جا سڀ جا سڀ ڪم ڪرڻا پوندءِ. هوُ غلام مزور جهڙي ڳالهہ بہ صاف ٿو ڪري، ”موڪل - ٻوڪل ڪا بہ نہ، آرتوار ڏينهن بہ نہ.“ پوءِ جڏهن پراڻي جج جي بدلي ۽ نئين جي اچڻ جي وچ ۾ ڪجهہ ڏينهن ملن ٿا تہ سپريٽينڊنٽ ئي وچ ۾ دانوُ لڳائي ٿو ڇڏي. هو حڪم ٿو ڪري، ”ايترا ڏينهن تون مون وٽ ڊيوٽي ڪندو ڪر.“ گهٽيئي پيرا تہ ڪم جي اِن زنجير ۾ ڪا عجيب ڪَڙي بہ ڳنڍجي ٿي وڃي جيئن جاتَ جي ڏنل مينهن جي رنيائڻ جو آواز ٻڌي جج صاحب حڪم ٿو ڏئي، ”اوبي، هتي اچ. هن کي چُپ ڪرائي منهنجي ساليءَ کي، ڪيئن رنيائي رهي آهي. سالي، گهر آئي آهي، هيءَ ڪهڙي ڪاسائين جي حويلي آهي، هوُن، ڪيئن رنيائي رهي آهي، بيٺي چو...“

هڪ عجيب ڳالهہ جج صاحب جو شبد ڀنڊار آهي. جيڪڏهن هن کي لکڻ جو شوق هجي ها، تہ ٻولي هن کي ڪڏهن بہ دغا نہ ڏئي ها. مثال طور هن جي پاران نِندر لاءِ هر-هر اِستعمال ڪيل غارين-فعلن جا موتي گهڻن ئي پنن تي پکڙيل آهن. هو هُن کي ’نندري جندري، تونبي ماسٹر‘ کان شروع ڪري ’مراسِي، سالا مراسي، ڪنجر جو مراسي، جهَلا، پوَن پوَن ڪرڻ وارو، ڪُتي جي جيڀ وارو، پوتنو، سالو حرامي، سالو پنڊ، سالو پاکنڊي، ڪنجر جو، شيطان جي ٽوٽي، پري هَٽ مُنهن، ڊيرنا، بنٹُنا-سا، ڪتو، سالو ڪارو ڪانءُ، اُلوءَ جو پٺو، پاڳل، ڪلنڪ، اَنڌو.‘‘ وغيره وغيره چوندو ماءُ-ڀيڻ جي غارين تائين پهچي سماپت ڪندو آهي. جيڪڏهن منهن جي ٻوليءَ کي گهٽ اثردار ٿيل سمجهندو آهي، تہ هٽ جي ٻوليءَ جو اِستعمال ڪندي هن کي ڀيڻ جي غار ڏيئي گلي کان پڪڙي جنگهن تي مُڪ هڻڻ ۾ بہ شرم نہ ڪندو آهي.

چوٽي آهي تہ هڪ ڪرياني واري جي گهر، جيڪو ڳوٹ ۾ وصوليءَ لاءِ ويو، هڪ جاٽ جي کير-روٽي کائيندو-پيئندو هو. اُهو جاٽُ ڪنهن مجبوريءَ سبب رات گذارڻ لاءِ اَچي ويو. ڪرياني واري چڱي شيوا ڪَيَس پر صبح جو وڃڻ وقت جاٽ جي اڳيان هٿ جوڙي وينتي ڪيائينس تہ ڳوٹ ۾ ان جي باري ۾ ڪنهن سان بہ ذڪر نہ ڪري. عجب ۾ پيل جاٽ کي هن سمجهايو، ’جيڪڏهن شيوا سني لڳس، چوندو، سالي لالي ڏاڍي شيوا ڪيَس. جيڪڏهن نہ وٹيس، چوندو، سالي لالي ڍنگہ سان شيوا نہ ڪيائين. مونکي تہ ٻنهي طرفن کان گ اريون ئي ملڻ واريون آهن.‘‘ ساڳي ڳالهہ نِندر جي جج صاحب سان آهي. جيڪڏهن هُن جي گيت-سنگيت جي ساراهہ ڪندو آهي تہ بہ غار ڏيئي ئي ڪندو آهي، ’’منهن ڦاٽل ڪنجر جا ! وڃ اويي توکي ڪجهہ نہ ايندو آهي فقط ٹُنگہ-لُنگہ-لنگہ جي.‘‘ جيڪڏهن هُن جي گيت-سنگيت جي نندا ڪندو آهي، پوءِ تہ غار ڏيئي ئي آهي، ’’هَئِن اويي ! ٻڌو تنهنجو گانو؟ ائين ڳائيندا آهن پُٹ؟ اسانکي گانو ايندو آهي، توکي ڇا ايندو آهي فقط متو کائڻ جي؟‘‘

نِندر هڪ سني ڳالهہ اِها ڪئي آهي جو ’مهانايڪ‘ کان اڳہ اڳيون جج صاحب جيڪو سنو ماڻهو آهي، جو ضروري ذڪر ڪري توازن قائم ڪيو آهي. اِئين اِهو بگڙيل جج، ڪورٹ جو اهڙو روپ نٿو ٻڻجي تہ سڀ ڪورٹون خراب

آهن، سنا جج بہ آهن.‘‘

پهريون، جيڪو جلدي ئي بدلجي ٿو وڃي، هڪ ڏينهن چوي ٿو، ”پُٽ تون ڪُٽي ڇوڪرو آهين، اجان اَڳتي پڙهائي ڪر. هاڻي تنهنجي نوڪريءَ وارو ڪم تہ ٿي ئي ويو. پڙهائي تنهنجي ڪم ايندي. سڀي عمر اردلي ٿوريئي نهيل رهندين.‘‘ هن جج صاحب جي زال بہ نئين جڳهہ تي ملڻ وقت چوي ٿي، ”پُٽ نِندر، منهنجي ڳالهہ ٻڌ، همت نہ هارجانءِ، وري تنهنجو صاحب توکي پيار بہ تہ گهڻو ڪندو آهي. جيڪڏهن دارون پي اُلٽو-سِڌو چوي ٿو تہ چُپ رهندو ڪر، سڀ هڪ-جهڙا نہ هوندا آهن. ڪو ٻيو سنو بہ ايندو.‘‘ موٽڻ وقت هن کي پئنٽ-خميص جو سنو ڪپڙو بہ ڏئي ٿو ۽ ڪجهہ رپيا بہ خيصي ۾ وجهيس ٿو. هن جو سڪيلڊو پٽ رنڪوُ تہ پهرئين ڏينهن ئي هن جو نالو ٻڌي ڪرسيءَ تان اُٿي کڙو ٿو ٿئي. خوشي-خوشي هٿ ملائي چويس ٿو، ”يار تون ڪيئن اچي وئين هن ڪم ۾، هَئن؟ تون ساهتيڪار آهين ۽ اَردلي ٿيو آهين يار.‘‘ هو پنهنجي ماءُ کي هن کي ليکڪ ٿيڻ ٻڌائي ٿو تہ هوءَ متاثر ٿي صاحب کي چئي هن جي نوڪريءَ جو پڪو آرڊر ئي ڪڍائي ٿي ڇڏي. هوُ پنهنجي پيءُ کي ٻڌائي ٿو، ”هيءُ ڏسو، راشٽرپتيءَ جي هٿان ڪتاب شايع ڪرائي رهيو آهي. ڪيئن بينو آهي نهي سنيري، ۽ هتي اَردلي ٿيو آهي. اهو سڀ پيٽ جو معاملو آهي. مان تہ پاڻ هن کي چوندو آهيان تہ اڳتي اجان پڙهي تہ سني نوڪريءَ تي لڳي.‘‘

اَهڙي نموني ٽيون جج، جنهن جي شيوا بگڙيل جج ڪانپوءِ جهول ۾ پوي ٿي، بہ پنهنجي ڪم ۾ مست رهڻ وارو سنو ماڻهو آهي. پر هن جي سُنائيءَ جي سڀي ڪسر نوڪريءَ کي نہ ٽڪائڻ واري ۽ تنگہ ڪرڻ لاءِ مٿان ڪرڻ واري هنجي زال پوري ڪري ٿي ڇڏي.

اهڙا سڀ جج عام ماڻهن وانگر الگہ-الگہ روپن ۾ سامهون اَچن ٿا. هو سڀ ڪنهن خاص نياءَ ۽ ڪورٽ جي سانچي ۾ نهيل نٿا لڳن، جڏهن تہ سماجي ڀلائيءَ لاءِ ضرور نهيل هئڻ کپن.

جڏهن نِندر ’پنجابي ٽِربيوُن‘ جي آفيس ۾ مون سان ملڻ آيو هو، مون مذاق ۾ پڇيومانس، ”يائي، هڪ ڳالهہ سچ-سچ ٻڌائي، تون جيترو ڏسڻ ۾

اَچين ٿو، اوترو ئي آهين يا اوترو ئي ڏرتيءَ جي اندر به آهين؟''

هو ٺهڪ ڏيئي کليو، ''نه اَنڪل جي، ڌرتيءَ ۾ ته مان ٿورو به نه آهيان جي. مان ته ايترو ئي آهيان جي بس ننڍڙو-ننڍڙو.'' پوءِ هن پنهنجي ننڍي شرير کي ڏسي چيو، ''اچا ٻار ڪيترا وڏا هوندا آهن اَنڪل جي؟ مان ته توهان جو ٻار آهيان، جي.''

پر هيءُ ڪتاب پڙهي لڳي ٿو، هوُ ٿورو ته زمين ۾ ضرور آهي. صاحب ته جيڪو هو سو هو ئي، هيءُ به هن سان پنگو ونڻ ۾ نه هٻڪندو هو. هو پاڻ مڃي ٿو، ''گهٽيئي پيرا ته جج صاحب کي چيڙي مونکي ڏاڍو مزو ايندو هو.''

هڪ ڏينهن جڏهن جج صاحب کي پاڻي پيارڻ لاءِ هو پاڻيءَ جو گلاس هٿ ۾ پڪڙي ڪٽي ٿو وڃي، ته هو گاريون ڏيئي چويس ٿو ته هوُ يا هن جو مهمان ڪجهه به گهُري ته ٽِري ۾ ڪٽي ايندو ڪر. ٻئي ڏينهن جڏهن هڪ مهمان ڪار ۾ رکيل عينڪ ڊرائيور کان گهرائڻ لاءِ موڪليس ٿو ته هوُ چاٽي ٻُجهي عينڪ به ٽِري ۾ رکي پيش ٿو ڪريس. جج مٿي تي هٿ ٿو هڻي، ''پري هَٽ تنهنجي ته! عقل جو اَنڌو آهين! هي ڇا؟'' پوءِ به هو چُپ رهڻ بدران هن کي هُن جو ڪلهه وارو حڪم ياد ٿو ڏياريس. هُن کي اچان به وڏيڪ باهه ٿي لڳي وڃي، ''چُپ ڪر، سالا پوئنڪين ٿو. جيڪڏهن مان جوُتا چمپل گهُراياڻءِ، اُهي به ٽِري ۾ رکندين؟ پڇ هتان موُر ڪ ڪٽان جا.'' نِدر رنڌٽي ۾ وڃي ڏاڍو کلي ٿو.

جڏهن مينهن جي ٻچي مري وڃي ٿي، هوُ سادي صورت ٺاهي چوي ٿو، ''سر جي، مينهن ڏاڍو رني سڄي رات، هاڻي به روئي رهي آهي. وچ وچ ۾ ياد به ڪري رهي آهي ٻچيءَ کي، ٻچڙي مري ويئي هن جي.'' جج جو پڙڪڻ سياويڪ هو، ''منهن ڦاٽي تنهنجي پئدا ٿيڻ تي! پوءِ مان ڇا ڪريان؟ تون به روئي وٺ مينهن سان چپڪي. جڏهن تون مرندين، تنهنجي ماءُ به ائين ئي روئندين توتي.''

ٻهارو نه ملڻ تي هو جج وٽ وڃي پڇي ٿو، ''سائين، توهان ته نه ڏنو ٻهارو ڪٿي؟'' جج آگ ببوُلا نه ٿئي ته ڇا ڪري؟

''مان ٻهاري جي رکوالي ٿو ڪريان هتي؟ مان ٻهارو سنڀاليان؟ مونکان ٻهارو ٿو پڇين؟'' هوُ پڙڪي ٿو وڃي.

اُن ڏينهن تہ حد ئي ٿي ٿي وڃي جڏهن جج اجان چڱيءَ طرح ڪار ۾ وينو بہ نہ هو تہ نِندر زور سان دروازو بند ٿو ڪري ڇڏي. هن جو پير ڦاسي ٿو وڃي. ڏند پيسيندو پير کي هٿن سان دٻائيندو هو رڙ ٿو ڪري، ”او هو، هاءِ اويي ! ٻيڙي ٻڏي تنهنجي. او هو هو، مان مري ويس، اڇ تون، اڇ تون، ڪونيءَ اڇ، مان توکي نانيِ ياد ڏياريندس ! اڇ تون، تنهنجون ٽنگون ڀڃيان.“ هن جي ڪونيءَ تي پهچڻ تي هوُ ڀڙڪي اُٿي ٿو، ”تون حرامي ! هليو وڃ هتان. سالو، ڪتو ڪتان جو... ڪتان اچي ويو مون وٽ ! انڌو ڪتي جو، وڃ سمنڊ ۾ ٻيڙي ٻڏيئي ! هيئن بند ڪندا آهن دروازو؟ پير ڀڃي ڇڏيئہ منهنجو، پوُتنيءَ جا !“

جڏهن ڊاڪٽر دوا هٽي رات جو هڪ دفعو وري لڳائڻ لاءِ شيشي هن جي طرف ڪري ٿو، جج رڙ ٿو ڪري، ”هيِ ڇا لڳائيندو رکَہِ متيِ... ڏيو مونکي ڏيو ڊاڪٽر صاحب توهان، مان پاڻيهي لڳائي ڇڏيندس.“

ڏسڻ جهڙي ڳالھ آهي تہ هن جي ڄاڻي ٻُجهي يا اڻ ڄاڻ نموني ڪيل ڪارنامي ڪري گيٽ تي گَنمَئن بہ باغم باغ آهي ۽ ٻيو اَردلي ڪشن بہ چوي ٿو، ”صاحب بہ تو جهڙن سان ئي نيڪ ٿيندو آهي. مون جهڙن کي ڇا ٿو سمجهي...چڱو پير ڀڃيُئس سالي جو.“

صاحب پهريان ويھہ-پنجويهہ ڏينهن سُنو ٿو هلي. هن جي ڳاني جي ساراهہ ٿو ڪري، ”اويي نِندر، تو تہ ڪمال ڪري ڇڏيو. تون هتي اَردلي ٿي ڇا ڪري رهيو آهين اويي؟ تون اِسٽيج تي ڳائي... گهڻائي رپيا... تو وٽ ڪلا آهي.“ پر جلدي ئي هو ٿوري ٿوري ڳالھ تي مراسيِ چوڻ شروع ٿو ڪري. هوُ غارين لاءِ چوندي چوندي اڪر ٿو ڳولهي. هو پنهنجو اَندازو ٿو لڳائي تہ جج کي ڪو گهروُٽينشن آهي، زال لڙندي هونديس جيڪا هتي نٿي اَچي. هاڻي هن کي آرام ڪٿي؟ هوُوڃي پڇيس ٿو تہ مالڪياڻي ڪڏهن ايندي. ائين ڪرڻ سان چڙ تہ هن جي سوُرَ واري پير تي ڪنهن پير رکي ڇڏيو هجي، ”توکي مالڪياڻيءَ ڪان ڇا ڏهي ونڻي آهي؟ ڪُتي جو پڇ آهين تون، ٻارهن سالن ڪانپوءِ بہ ٽيڙي جي ٽيڙيِ. پوئڪڙ ڪان هَتي ويندو ڪر ڪڏهن.“ اُن وقت تہ ڳالھ بلڪل صاف ٿيِ ٿي وڃي جڏهن صاحب پنهنجي سنڌوءَ سان صلح

جي ڪوشش جي جواب ۾ چوي ٿو، ”ڏس تعصيلدار صاحب، مان ڏاڍو خراب ماڻهو آهيان. مان اُن عوَرت جا پير ڇو وڃي پڪڙيان؟ اَڇي... نہ اَڇي...“

گهروُ پريشانيءَ ڪان سواءِ جج جي چڙيل رهڻ جو هڪ ٻيو سبب آهي، جيڪو ڪتاب جي گهٽين ئي گهٽنائن مان اُڀري ٿو، هُن جو اَندران ئي اَندران نِندر تان جَلڻ. پڳوان ڪي خبر، هوُ بہ اِن باري ۾ سُڄاڳ آهي يا نہ ۽ هيءُ بہ اِن ڳالهہ ڪي سمجهي ٿو يا نہ. ٿوري ٿوري ڳالهہ تي هوُ هن ڪي نہ، هن جي ڪَلا ڪي غاريون ٿو ڏئي. ڪٿي هيِ هڪ جج، پر سنبنڌي ماڻهن ڪان سواءِ ڪو نٿو سُڃاڻي. ڪٿي هيِ اَردلي، جنهن جا فوٽا ۽ ليکہ اَخبارن ۾ ڇپجندا آهن، جيڪو ساهتڪ سڀائن ۾ شامل ٿيندو آهي، جنهن ڪي ريڊيو-ٽيليوزن تي گهُرايو ويندو آهي. هو منجهند جو هن ڪان وارن جي مالش ڪرائي، شام جو پيِ ڪري ”وار ڏُڪائي ڇڏيئہ ۽ بگاڙي ڇڏيئہ“ چئي چوي ٿو، ”ڪا ڳالهہ ناهي پُٽ، ڪا ناهي... توڪي ٿاهيندس مان وڏو گايڪ. سالو وڏو گايڪ... اَڇي ويو... ٿُنگہ-لُنگہ، مراسيِ ڪٿان جو منهنجي پلئہ پيو.“ وقت وقت تي هن جو نِندا راڳہ جاري رهي ٿو، ”ڪم ڪرڻ وقت هٿ ٿا ڏڪنس، ٿُنگہ-لُنگہ-لُنگہ ڪرڻ لاءِ ڪيئن ٿا هلندس سڄو ڏينهن؟ ٿوڙيانءِ تنهنجون ٽنگون سالو وڏو گايڪ. مان ڪريان ٿو تنهنجو حيلو-وسيلو، وڏي گايڪ جو. ڪيئن بينو آهي سالو اَڪڙيل ڪوڙهيءَ وانگر، منترين سان گڏ گلي ۾ هار پاتل آهي... ٽوپڙو آهي تنهنجو هارن جهڙو؟ تنهنجي گلي ۾ جيڪڏهن مون جوُتن جو هار نہ پاتو تہ چئجانءِ. اَڇي وئين وڏو گايڪ تون... ٿوڙيان تنهنجون ٽنگون مان... تنهنجي ٿُنگہ-لُنگہ-لُنگہ ٿوڙيان يا تنهنجي ڳڇي؟ ٻنهي مان ڪهڙي ٿوڙيانءِ؟ ٻڌاءِ مونکي... ڪهڙي ٿوڙيانءِ اوبي؟... جيڪڏهن تنهنجي آڱر ڪٿي ڇڏيانءِ مان هاڻي ئي، تنهنجي ٿُنگہ-لُنگہ-لُنگہ ڪيئن وڃندي؟ وڃندي؟ جيڪڏهن وڃندي تہ ٻڌاءِ اوبي.“

ڪٿي تہ شروعات جي ڏينهن ۾ جج هن ڪي ’ڪمال ڪري ڇڏيئہ‘ ۽ ’تو وٽ ڪلا آهي‘ چئي اردلي نهڻ جي جڳهہ تي اسٽيج تي ڳائڻ جي ۽ ڪليل ڪمائيءَ جي صلاح ۽ همٿ ڏيندو هو، ڪٿي اڄ چوندو آهي، ”هَئن اوبي مراسي، جيڪڏهن تون اها تُنبي پڪڙي بس يا ريل گاڏين ۾ ماڻهن ڪي گانا

ٻڌائيندين ۽ هٿ ۾ هڪ لڪڙي پڪڙيندين ته توکي ڪوبه نقصان ته بلڪل نه ٿيندءِ اويي.'' هوُ''هين... هين... هين...'' ڪلي ٿو. سڀ ڪان ڪلائڻ وارو ته اُهو درشيه آهي جڏهن ڪڏهن به نه ڀَايل ۽ نه وڃايل هئڻ جي باوجود جج پاڻ هن ڪان وڏيڪ سنو ڀَائيندڙ ۽ وڃائيندڙ هئڻ جي دعويٰ ڪري ٽُنبي پڪڙي ٿو وني ۽ ڀَائڻ ٿو لڳي. جيڪو گهراتُ راڳه هن جي منهن مان نڪري ٿو ۽ جيڪو رودن ۽ ولاپ ويچاري ٽُنبيءَ جي تارن مان نڪري ٿو، اُن جو سچو ورنن ڪتاب ۾ پڙهڻ سان ئي ملي ٿو.

جج پهريان ويهه-پنجويهه ڏينهن سنو هليو. ڪيڙو هن کي تڏهن پيو. ان دؤر ۾ به هوُبنا پيئڻ جي ٺيڪ رهندو هو، پر دارون اندر ويندي ئي هن جا طؤر طريقا بدلجيويندا هئا. هوُ روز شام جو پيئندو هو جنهن سان گڏ ئي نوٽنڪي شروع ٿي ويندي هئي. بدلي ٿيندي ئي هوُوري پهرين ڏينهن وانگر ٿي ٿو وڃي، ''اويي نِندرا، ڀَالهه ٻُڌ اويي، تنهنجي ٽُنبي ڇا ٿي چوي، ٽُنگه-لُنگه-لُنگه؟ هاڻي تنهنجي ٽُنبي ڪير ٻڌندو اويي؟ مان ڪيئن ٻُڌندس تنهنجي ٽُنبي؟ اويي هتي اچ مون وٽ، اچ هتي... ڀَالهه ٻُڌ اويي ! مان ڪيئن ٻُڌندس تنهنجي ٽُنبي؟ هتي اچ هتي مون وٽ، اچ اويي... ڀَالهه ٻُڌ اويي پُٽ، تنهنجي ٽُنگه-لُنگه-لُنگه، ٻڌاءِ مونکي، مان ڪيئن ٻُڌان؟ هوُهن کي پنهنجي پاسي ويهاري ٿو، اَڪيون پرجي ٿيون اَچنس، هن کي ڀاڪر ٿو پائي، ٻارن وانگر روئي ٿو پوي، ۽ هڪ پئگه اَندر ڪري چوي ٿو، ''ڀَالهه ٻُڌ اويي پُٽ، هاڻي ويندي وقت گيت ٻڌائي ڇڏ... ڪجهه ڀَائي يَملي جاتَ جو.'' گيت ٻُڌي هن جي حوالي سان چوي ٿو، ''اويي نِندريا، اويي هاڻي اسان به پري جا سَجن ٿي وياسين اويي... سپاڻي ڪان اسان کي به پري هلي وڃڻو آهي. اويي نِندري، تنهنجي ٽُنگه-لُنگه-لُنگه ڪٿي ٻڌنداسين هاڻي؟ پُٽ تون مون سان گڏ ئي هل... مان ته توکي گڏ وني ئي هلندس... ڏسان ٿو ڪير ٿو روڪي مونکي.''

پانڪ عجب ۾ ٿا پون، ڪٿي جج صاحب حالتن جي ڪري بگڙيل، حقيقت ۾ هڪ نرم دل ۽ جذباتي اِنسان ته ڪونهي؟ ڪٿي هو دماغي بيمار ته ڪونهي؟

اهو سچو وقت نِندر گهڱيانوي ''ڪا ڀَالهه ناهي، سُنا ڏينهن ايندا...''

ڳائيندي ۽ سوچيندي ڪاٽي ٿو. هن لاءِ سنا ڏينهن آڻڻ لاءِ تئين صاحب جي بگڙيل زال مددي ٿئي ٿي، جڏهن هوءَ هن کي سوِيٽيءَ جي پيشاب تي پوچو لڳائڻ لاءِ چوي ٿي. هن جو آتم سنمان جاڳي اُٿي ٿو. هوُسهڻ کان وڌيڪ پيَل رهڻ کان ڏکي ٿو، ”مان نہ صاحبان، پوچو-ٻوچو نہ هڻٽو... مان توکي ٻڌايان ٿو، مونکي پوچو نہ هڻٽو آهي... سياڻي چوندين، اسان جي ٻارن جو ڪاڪوس ڪڻ.“ اهو گيت هن لاءِ هيءُ روپ ڌارڻ ڪري ٿو چڏي -

”وقت ڪَٽ، سنا ڏينهن ايندا اوبي.“

ڪتاب جي شروعات ۾ نِندر ننڍي عمر ۾ پڙهڻ جي لگن جي باري ۾ لکي ٿو ۽ ٻڌائي ٿو تہ ڪٽي ڪنهن اکند پاٺ صاحب لاءِ پاٺ ڪرڻ لاءِ کو گهٽ ٿي ويندو هو تہ علائقي جو پاڻيِ سنگهہ هن کي وٺي ويندو هو. هاڻي جڏهن پنجابي ساهتيہ جون الڳہ-الڳہ شاخون چڱو وڪاس ڪري رهيون آهن، سني وَڪتا جي اڄ بہ ڪَمِي آهي. منهنجي اِڇا آهي، گهٽ پوندڙ پاڻيءَ جي جڳهہ ونڻ واري وانگر هيءُ گهٽ پوندڙ وَڪتا جي جڳهہ بہ وٺي. هن ۾ سُني وَڪتا هئڻ جي پوري قابليت آهي جيڪا هن ڪتاب مان چڱيءَ طرح ظاهر ٿي آهي.

’پنجابي ٽِربيوُن‘ ۾ سمپادڪ رهندي هن ڪتاب جو گهڻو ڪجهہ ڇپائي ۽ وڏي انداز ۾ پاڻکن تائين پهچائي مونکي خوشي ٿي هئي. نِندر گهگيانويءَ کي بہ اُتساہ مليو. ساهتيہ رچنا جي ڪم ۾ هوُ اڳہ کان وڌيڪ سرگرم ٿي ويو. اوتري ئي خوشي مونکي هن ڪتاب کي پاڻکن کي پيت ڪندي ٿي رهي آهي.

گُربچن سنگهہ ڀُلر

ND-50، وشاکا ايڪليو،

پيتمپُرا، دهلي-110088

فون : 011-42502364

پيارو نِندر

جڏهن بہ مان نِندر گهڻگيانويءَ جو ليکہ پڙهندو آهيان تہ مونکي هن جي بي باکي، هن جي معصوميت، تعنوءِ مذاقي سياءُ ڏاڍو وڻندو آهي. هن زندگيءَ کي تمام ويجهائيءَ کان ڏٺو آهي، ويجهائيءَ کان ئي نہ هڪ اهڙيءَ کنڌ کان ڏٺو آهي، جتان ڏسڻ گهڻن ئي وڏن (عزتدار) ماڻهن جي نصيب ۾ نہ هوندو آهي. هن 'ڪجهہ نہ' تهي اُنهن ماڻهن جو تماشو ڏٺو آهي جيڪي پاڻ کي گهڻو ڪجهہ سمجهندا آهن. هن جي اها نظر هن جي ليکہ کي هڪ الڳہ ئي سقلتاءِ نيارو پڻو (نِواڻ) ڏئي ٿو.

نِندر جي اها آتم-ڪٿناتمڪ رچنا آهي جيڪا پنجابي پاٺڪن ۾ ڏاڍي لوڪپريہ ٿي ۽ جنهن جا ست انڪ شايع ٿي چڪا آهن. انهن تي ٽي.وي سيريل ۽ ريڊيو فيچر بہ ٺهيا آهن.

ننڍيءَ عمر ۾ نِندر جج جو اردلي ٿيو. ويچاري جج کي کهڙي خبر هئي تہ هڪ معصوم ڇوڪرو هن کي ڪيترو باريڪيءَ سان ڏسي رهيو آهي ۽ هُن جي اندر هڪ ياوي ليکڪ لڪل آهي. ان رچنا کي وندريل ۽ قيمتي ناهڻ ۾ نِندر جي بي مثال پرتيبا سان گڏوگڏ اُن دلچسپ حالت جو بہ هٿ آهي.

مونکي تمام گهڻي خوشي آهي تہ هاڻي اِن جو هندي انڪ هندي پاٺڪن لاءِ بہ ميسر آهي. مونکي پوري اُميد آهي تہ هن جي پنجابي ڪتاب وانگر هيءُ بہ اوترو ئي مشهور ٿيندو.

- سُرجيت پاتر

مون پاران ٻه ٻول

’’مان هوس جج جو اَردلي‘‘ جو پنجابي انڪ 2001ع ۾ شايع ٿيو هو. هاڻي تائين اِن جا اَٺ اَنڪ شايع ٿي چُڪا آهن. تڏهن تہ پريان-پريان ڪان پاٺڪ هن جي گهُر هنديءَ ۾ بہ ڪري رهيا هئا. ٻہ سال اڳ اَنواد ٿي تيار هو. ڪن سببن ڪري ڪتاب شايع نہ ٿي رهيو هو. پاٺڪ پڇندا رهيا تہ دير ڇو ٿي رهي آهي. عام پاٺڪن ڪانسواءِ جج، وڪيل، اَردلي ۽ ڪورٽن سان سنٻنڌي ماڻهو بہ هندي انڪ جو ڏاڍي بيصبريءَ سان اِنتظار ڪري رهيا هئا.

هن ڪتاب جو اَنواد اُردو ۽ تيلگوءَ ۾ بہ ٿي چُڪو آهي. مونکي ڏاڍي خوشي آهي تہ منهنجيءَ آتم ڪٿا کي پاٺڪن پاران ايترو پيار ۽ سنمان مليو آهي. جڏهن ڪو مونکان پڇندو آهي تہ تنهنجي لکيل ڪتابن مان توکي سڀ کان وڌيڪ ڪهڙو ڪتاب لڳندو آهي تہ منهنجي منهن مان پاڻيهي نڪرندو آهي، ’مان هوس جج جو اَردلي.‘

اِن جو هندي روپ پاٺڪن کي پيش ڪندي مان ڏاڍو خوش آهيان. انواد ڪرڻ وقت منهنجي جهوني دوست نَوويش نَوراهي ۽ هن جي ڌرمپتنيءَ رتو ڪلسيءَ منهنجي ڏاڍي مدد ڪئي، جنهن لاءِ مان هنن جو تهدل سان شڪرگذار آهيان.

نندر گهُگيانوِي

لال ڪوٺِي

اِن کي ’لال ڪوٺِي‘ چوندا آهن. اُهي بہ ڏينهن هئا، جڏهن هتي ’ڏينهن‘ ٿيندا هئا. لال ڪوٺيءَ تي سچ پچ لالي ٿيندي هئي ۽ چڱي رؤنق لڳندي هئي هتي.

سالن ڪانپوءِ اڄ پنهنجي جڄ صاحب جي ’لال ڪوٺِي‘ءَ جي پاسي کان لنگهندي منهنجا پير اوچتو ئي دروازي جي سامهون بيهجي ويا آهن. دروازو ڪڏي چڙيو ويو آهي. مان دروازو کولهي رهيو آهيان. لوهہ جي تختن جي جڳهہ تي ٽُٽل - ڦُٽل سِرن جي ڊينڊي پت ناهي چڙي ويئي آهي.

ڪوٺيءَ اَندر آڪ، سرڪنڊا، ڪائِي ۽ گاهہ سان گڏ ڪنڊيدار ٻوٽيون پئدا ٿي ويا آهن. ڪوٺيءَ جي هڪدم وچ تي لڳل ڊگها، ٻُوڙا ۽ پراڻا وَڻ خبر ناهي ڪير ڪَٽي ڪٽي ويو آهي؟ پٿين جي سيمينٽ جون پَپڙيون ڪرِي رهيون آهن. سِرون پور ٿي رهيون آهن.

’لال ڪوٺي‘ءَ جي وراندي ۾ جتي ڪڏهن اسان جو صاحب ڏاڍي شان سان وهندو هو، مٽيءَ جو وڏو ڍير لڳل آهي... ڇڻ ڪو ڪنهن جي قبر کوٽي ويو هجي.

ٿورو اڳتي وڃي ڏسان ٿو... اُها جڳهہ... جتي مان صاحب لاءِ پاڇيون ۽ ٻيو گهڻو ئي ڪجهہ پوکيندو هوس. هاڻي اُها جڳهہ پنهنجو پاڻيهي پئدا ٿيل گاهہ ۾ لڪل آهي. هتي مون ڪُرپو ۽ ڪَل چڱو هلايو. منيون گجرون، ڪڙڪ موريون ۽ ساوَن وارن وارا بصر پوکيندو رهيو آهيان. اها ’لال ڪوٺِي‘ منهنجي ماضيءَ جي گذريل گهڙين ئي يادن سان نزديڪيءَ (قريب) سان ڳنڍيل آهي. اڄ سالن ڪانپوءِ ياد ڪندي ۽ ڪوٺيءَ کي ڏسندي منهنجي اَکيون ۾ پاڻي پرجي ويو. چاهي هتي مون مشڪل وقت ڪاٽيو يا سؤلو، آخر وقت تہ وقت ٿيندو آهي ! چڱو وقت گذري وڃڻ ڪانپوءِ اُهو ئي مشڪل وقت هاڻي مونکي سٺو لڳي رهيو آهي... خبر ناهي ڇو؟

چوندا آهن، اِنسانن وانگر وڻن ۾ گهرن تي بہ هميشه هڪ جهڙا ڏينهن نہ رهندا آهن... اُهي ڦٽندا-پڪڙندا ۾ اُڦندا-وهندا رهندا آهن. ڪنهن وقت 'لال

ڪوٺي' مهاراجا جو 'مهمان گهر' هوندي هئي. پري-پري کان راجا-راڻيون ۾ اُنهن جا رَنگ-رنگيلا هتي اچي رهندا هئا. وقت گذريو... راجائون بہ هلي ويا. ڪوٺي ضلع پريشد جي هٿ ۾ اَچي ويئي. هتي وڏن-آفيسرن جا ٺڪاڻا نهي ويا. منهنجو صاحب بہ تہ وڏو-آفيسر ئي هو، تڏهن تہ هن کي هن ڪوٺيءَ ۾ ٺڪاڻو مليو هو. منهنجو صاحب هتي ٽن سالن تائين رهيو.

ڪليل-ڪليل ڪمرا هڪ-ٻئي سان گڏ ڳنڍيل هئا. اوترا ئي وڏا رنڌڻا ۾ باٿروم. گهڻيئي ڀيرا رات جو منهنجو صاحب دارون پي گرجندو هو تہ 'لال ڪوٺيِ' بہ گونجندي هئي... آواز هڪ ڪمري کان ڦيندي ستين ڪمري تائين سرڪندي ويندي هئي تہ ائين لڳندو هو ڄڻ پاڳلخاني ۾ آيل ڪنهن 'نئين پاڳل' کي دؤرو پيو آهي.

نؤڪر جي رهڻ لاءِ... منهنجو ننڍڙو ڪمرو ڪوٺيءَ جي پٺئين پاسي هو. اُن سان گڏ جانورن جو چارو ڪُترڻ (ڪٽڻ) واري مشين فِٽ (اِسٽاپت) ڪيل هئي. هن ننڍي ڪمري ۾ ويهي مان گهڻو ئي ڪجهہ لکندو هوس. هتي ويهي ڪري ئي مان گهڻيئي ڀيرا اَڌ-اَڌ رات تائين روئندو هوس. هتي مان گهڻيون ئي راتيون... ڪلاڪن جا ڪلاڪ ٽُنبيِ وڃائيندو هوس ۾ ننڍي آواز ۾ ڳائيندو هوس ڪٿي صاحب يا آسي-پاسي وارا منهنجو آواز نہ ٻڌي وٺن ۾ غاريون نہ پلئہ پون.

من ۾ آيو... ڏسان تہ سهين... منهنجو ڪمرو آهي يا ڪنهن ڊاهي ڇڏيو آهي؟ مون ڪوٺيءَ اندر ٽپو ڏيئي ڇڏيو. گاهہ کي پيرن سان چيپاتي مان پوئين طرف هلي ويس. پراڻين لڪڙين جي ڍير مان هڪ ڪاري ٻليِ نڪتي ۾ پاسي واري ڪوٺيءَ ۾ گهُسي ويئي. ٿورو اڳيان ويس تہ ٽي ٻچا مريل مريل پيا هئا. منهنجو ڪمرو... مون وانگر زخميل... بنا ڇت جي اَڌ ٻچيل هو.

منهنجي دل ٻُري نموني ڏڏي ويو. 'اَڙي تون ڪٿي...؟'

مان هڪدم ڏڏي ويندو آهيان... ڇڻ اوچتو هُن مونکان پڇيو هو ! پوءِ پنيان ڏسان ٿو... ڪو ڪونہ هو. ڪنهن جي آواز هئي؟ يا منهنجا ڪن وڄا هئا؟ مون جلدي قدم پوئتي هٽايا ۽ اَڪيون اُگهندو ’لال ڪوٺي‘ ءَ کان ٻاهر اَچي ويس ۽ ڳوٺ تي رستي تي ٿي ويس.

P P P

اِن ڪري ڏهيس اَردلي

ڏهين ڪان اَڳتي پڙهي نہ سگهيس. ڏاڏي چوندو هو، ’ڪٿي ڪا ننڍي-وڏي نوڪري ڳولهي جڏ، پلي ئي پٽيوالو ٿي وڃ، پاڻي-ٻاڻي پيارڻ لاءِ رکيئي ڪوئي... ڪٿان چار پئسا ايندا...‘

ڏاڏيءَ کي ڳوٺ ۾ هريجنن جي طرف ننڍي دڪان هئي... جڏهن هو شهر مان سامان وٺڻ ويندو هو تہ مان دڪان تي ويهندو هوس. ڳائڻ جو ڏاڍو شوق هو. جڏهن شوق تمام گهڻو وڌي ويو تہ ڏاڏيءَ کي چيو، ’مان يَملا جَٽ جو چيلو ٿيڻ ٿو چاهيان، لڌياني هل مون سان گڏ.‘

ڏاڏيءَ نا-نُڪر ڪئي ۽ پيار سان اِها ڳالهہ بہ سمجهايائين، ’پُٽ، مهاجنن جو ڇوڪرو، ۽ ڪم مراسين وارو ڪرڻ ٿو چاهين...؟ اهو اسان کي شوڀيا نٿو ڏئي، توکي يَملي ڪان ڇا وٺڻو؟‘

مون ضد نہ ڇڏيو تہ ڏاڏي مڃي ويو. لڌيانا آياسين. اُستاد لالچند يَملا جَٽ جي ڊيري تي بابا پيرِ ڪٿوري شاهہ جي ياد ۾ ساليانو ميلو ٿيندو هو، اُتي اُستاد نوان شاگرد ٺاهيندو هو. ڪلاڪارن جي چڱي ڀيڙ هئي. مون بہ پڳڙي پيت ڪئي. هن بہ پراڻي پرمپرا مطابق مونکي لوڻ جي چِپٽي پرساد جي روپ ۾ ڏيئي چَٽائي ۽ لڏون بہ ورهايائين. مان هُن جو پڪو شاگرد ٿي ويس ۽ سُڪل ڪَدوءَ جي ٺهيل تُنبيءَ تي آڱريون هلائڻ لڳس. گيت بہ اُستاد جا لکيل ئي ڳائيندو هوس.

پاٺ ڪرڻ جي لڱن تہ ننڍپڻ ڪان ئي هئي. علائقي جي پاٺي سنگهہ کي بہ خبر هئي. گهڻيئي ڀيرا ڪنهن اَکنڊ پاٺ تان ڪو پاٺِي گهٽ ٿي ويندو هو تہ مونکي وٺي ويندا هئا. مان پاٺ پڙهندو هوس تہ ماڻهو چوندا هئا، ’پاٺي، ننڍو ڇوڪرو آهي... وڏو آواز اَٿس... تمام سنو پاٺ ٿو ڪري.‘

جنهن ڏينهن ڀوڳ هوندو هو، ڀوڳ ڪان پوءِ مان تُنبي وڄائيندو هوس... ڌارمڪ گيت ڳائيندو هوس... ماڻهو رپيا ڏيئي همٿ وڌائيندا هئا. ان نموني چڱا پئسا جمع ٿي ويندا هئا... سوا يا ڏيڍ سؤ... رؤل لڳائيءَ جا الڳ بہ ملي

ويندا هئا. ميوا... مصري... ننڍا فوٽا... شهارا ۽ سروپا بہ ملندا هئا.

وچ مان ڪو پاڻي جلندو هو، ’هيءُ مُندوُ ٻنهي طرفن ڪان فائدو وٺي ويو... تُنبي بہ وڃايائين... ۽ رؤل لڳائيءَ جا بہ ڪٽي ويو، آئنده هن کي نہ گهُرائيندا سين.

ڪو ٻيو چوندو هو، ’ڪاڪا، اسانجي ڇوڪري جي مهورت تي بہ اَچجانءِ... فلاڻي ڏينهن تي.‘

اِن نموني پروگرام بہ ملي ويندو هو ۽ مان گهر مان نڪرندو ئي رهندو هوس.

ٻڍيءَ دڪان تي مشڪل سان ڏيڍ-پوڻي بہ سؤ ئي ڪمايو هوندو هو... رپئي-رپئي جا پٽاٽا-بصر ۽ اٽاني-اٽاني جو لوڻ هئڊ وڪڻي. مان پنج-ڇهہ سؤ رپيا ٻڍيءَ کي ڏيئي ڇڏيندو هوس. ٻڍي چوندو هو، ’نؤڪريءَ ڪان اِهو ڪم سٺو آهي...‘

مان چوندو هوس، ’ٻڍي، هاڻي هن ڪم کي سٺو ٿو چوين... تڏهن ڇا ٿيئہ، جڏهن چوندو هئين، ’’هيءُ مراسيپڻو مهاجنن جي ڇوڪرن کي شوڀيا نٿو ڏئي.

ٻڍي کلندو هو. منهنجو وقت گذري رهيو هو.

* * *

هڪ ڏينهن ڪورٽ پاسان لنگهي رهيو هوس. هڪ ساهتڪار دوست پنهنجي رشتيدار وڪيل جي اَڏي تي ويٺو هو. مونکي ڏسي چيائين، ’اَڙي ڪيڏانهن ٿو وڃين... اَچ، ويهہ... ٻڌاءِ ڪا نئين-تازي.‘

مان وڃي ويٺس. دوست پڇيو، ’هاڻي ڇا ڪندو آهين... اَڄڪلهہ کهڙو ڌنڌو اٿيئي تنهنجو؟‘

مون چيو، ’ٻيو ڇا ڪرڻو آهي... ڏهين پاس کي ڪير ٻي.سي. لڳائيندو.‘

دوست چيو، ’تون هيئن ڪر، جيستائين ڪو ٻيو ڪم نٿو مليئي، اوتري دير تون هن وڪيل صاحب وٽ هتي اَچي ويندو ڪر... منهنجي رشتي ۾ آهن هيِ... هن مُنشي صاحب ڪان ڪم سِکي وٺ... ۽ نهي وچ پڪو مُنشي...روزنداري تنهنجي سٺي نهي ويندي.‘

ٻئي ڏينهن ڪان ئي مان وڪيل صاحب وٽ وڃڻ لڳس. وڪيل صاحب

پنهنجي مُنشيءَ کي چئي چڙيو، ’هن ڇوڪري کي سچو ڪم سيکارجانءِ... ڇوڪرو منهنجي سچاٽپ جو آهي ۽ ڪلاڪار به آهي... ليکڪ آهي.‘

ڪجهه ڏينهن ڪانپوءِ ماں ڪورٽن ۾ تاريخون وٺڻ لاءِ وڃڻ لڳس. ججن کي ڏسي اڳتي وڌڻ جي همت ئي نه ٿيندي هئي. پنيان ئي بيهندو هوس... همت ئي نه ٿيندي هئي ته جج کي چوان، ’سائين، اهو اسان جو ڪيس آهي، تاريخ ڏيو.‘

هڪ ڏينهن پُراڻو منشي پِرتي سنگهه چوڻ لڳو، ’ائين ته تنهنجو ڪم نه هلندو... گهبرائي يا ڏڪي ججن ڪان پري بيٺو رهندين ته بيٺو ئي رهندين... پُٽ تون همت ڪري... چڱيءَ طرح هٿ ۾ لفافو پڪڙي مطلب سڌو ڪورٽ ۾ وڃي جج کي نمسڪار ڪرڻو آهي... آهستي-سان نمسڪار... زور سان ڦٽو ڪرڻو، وڏي آواز ۾ نه ڳالهائج... فالتو ڳالهيون نه ڪجانءِ... پوءِ جج صاحب ڪنهن کي ڪجهه نه چوندو آهي... جج به ته ماڻهو آهن... تون ائين ئي ڏڪي رهيو آهين... پاڻ ۾ ڪانفيڊنس آڻ... ڳوٺ جا ڇوڪرا ته دِلير هوندا آهن...‘

منشيءَ جون ڳالهيون ٻُڌي منهنجي همت وڌي ويئي ۽ ڏاڍي ڏيان سان مُنشيپڻو ڪرڻ لڳس.

سچو سال گذري ويو هو. سڄي ڪورٽ جي وڪيلن... منشين، ججن، اَردلين، پيادن ۽ ٻين ملازمن-بائوٽَن وغيره سان سني سچاٽپ ٿي ويئي هئي. گهڻيئي ججن کي ته اِها به خبر پئجي ويئي هئي ته هيءُ مُنشيءَ جو ڇوڪرو ڪلاڪار آهي، ليکڪ آهي. گهڻن ئي اَخبارن ۾ ڇپيل فوٽا به ڏٺا هئا ۽ ليکڪ-رچنائون به پڙهيون هيون.

هڪ جج ته مون تي ڏاڍو خوش ٿيندو هو، جڏهن ماں هن جي ڪورٽ ۾ ويندو هوس. هو مون ڪان منهنجي ڪلاڪاريءَ جي باري ۾ پڇندو هو ۽ ڳالهيون ڪندو هو. جڏهن ڪنهن اَخبار-مخزن ۾ ڪجهه ڇپجندو هو ته ماں اُن جي ڪاپي جج صاحب کي ڏيئي ايندو هوس. پنجابي اَخبارون هن جي گهر ايندون ئي هيون...

صبح جو گهڻيئي دفعا هوُ پاڻيهي چوندو هو، ’ڀائي اَڄ ته تنهنجو ليکه

ڇپجيو آهي اَخبار ۾... مان پڙهي آيو آهيان اَڄ... واه...واه پائي.'

ججن جي سامهون ڪم ڪندي ڪورٽ جي سڀني اَردلين سان بہ منهنجي چڱي سڃاڻپ ٿي ويئي هئي. جڏهن بہ مان ڪنهن اَردليءَ کي ڪورٽ جي سامهون بيهي آواز لڳائيندي ڏسندو هوس، 'هل فلاڻو بنام فلاڻو حاضر ٿئي' تہ مان سوچيندو هوس هنن جي تہ ڏاڍي شان آهي... ججن وٽ ڪم ڪندا آهن... جيڪڏهن مان بہ هنن وانگر هتي آواز لڳائڻ لاءِ لڳي وڃان تہ منهنجي بہ شان ٿي ويندي ۽ پگهار بہ پڪي ٿي ويندي.

هڪ ڏينهن سيشن جج جي ڪورٽ جي سامهون نوٽيس چپڪيل هو، چار اَردلي رکڻا هئا، وينتي-پتر (بايو-ڊيٽا) گهُرايا ويا هئا. مون اَردلي ٿيڻ جو من ٺاهيو... وڪيل صاحب ۽ ڪجهہ دوستن جي راءِ بہ ورتي. وينتي-پتر (بايو-ڊيٽا) آفيس ۾ ڏيئي ڇڏيو.

اِنٽرويو واري ڏينهن تي سيشن جج جي آفيس سامهون ويهہ-پنجويهہ ماڻهو بيٺا هئا... سڀ اَردلي ٿيڻ آيا هئا. ڪائيندڙ-پيئندڙ گهرن جا لڳي رهيا هئا پر بي روزگار هئا. مان بہ اُنهن ۾ وڃي بيهي رهيس. منهنجو وارو آيو. مان اَندر ويس. اِنٽرويو لاءِ سيشن جج صاحب... سينئر سَب جج ۽ سپريٽينڊينٽ وينل هئا. مون ٻئي هٿ جوڙي سڀني کي هڪ ئي مهل نمستي ڪئي.

سيشن جج صاحب منهنجي طرف ڏسي چيو، 'هي ڇوڪرو ڏٺل ٿو لڳي ڪٿي.'

پاسي ۾ وينل سينئر سَب جج صاحب چيو، 'جي ها، ڏٺو تہ مون بہ آهي ڪٿي... پُٽ، تون هتي ڪٿي مُنشي تہ نہ ٿيو آهين؟'

'ها جي سر... مُنشي آهيان جِي...'

'تہ پوءِ تون مُنشيپڻو ڪر... آزاديءَ وارو ڪم آهي... اَردلي ڇو ٿو ٿيڻ چاهين؟' سيشن جج صاحب ڪاٻو ڪَن ڪنندي چيو.

'سَر جِي... غريبي آهي... پائرن-پينرن ۾ سڀ ڪان وڏو آهيان... گهر جي آرٿڪ حالت تمام ڪمزور آهي...'

مون اَڃان پنهنجي ڳالهہ پوري بہ نہ ڪئي هئي تہ جج صاحب پڇيو، 'توکي گهر جا کهڙا-کهڙا ڪم ايندا آهن؟ روٽي وغيره ٺاهڻ ايندي اٿيئي؟

سڀ ڪان وڏي ڳالهہ تہ اِها ئي آهي... رنڌڻي جو ڪم...'

'ها جي سر، روٽي بہ ٺاهڻ ايندي آهي... سڄي گهر جا ٻيا بہ ڪم ايندا آهن.'

سينئر جج صاحب پنهنجو چشمو لاهيندي چيو، 'پُٽ، هن وياڳہ ۾ تہ اي-ٽوُ-زيڊ سڀ جا سڀ ڪم ڪرڻا پوندا آهن... روٽي ٺاهڻ کان وٺي ڪپڙا ڌوئڻ، باسڻ صاف ڪرڻ، ڪير ڌُهڻ، چارو وجهڻ، ڇيڻو ڪٺڻ، ٻارن کي اسڪول ڇڏي-وٺي اچڻ تائين، ڪوٺيءَ ڪورٽ ۾ ڪم ڪرڻ، موڪل-ٻوڪل ڪا بہ نہ، آرتوار ڏينهن بہ موڪل نہ...'

'سَر جي، مان سڀ ڪم ڪري وٺندس جي... مان گهر ۾ بہ ڪندو آهيان. مَمي بيمار رهندي آهي... ڪم مان ئي ڪندو آهيان.'

'جيڪڏهن تنهنجي ممي بيمار رهندي آهي... تون هتي نوڪريءَ جي لڳي وئين تہ پوءِ تنهنجي گهر جا ڪم ڪير ڪندو؟'

'سَر جي، مونکان ننڍو هڪ ڀاءُ آهي... اُن کي بہ سڀ ڪم ايندا آهن... هوُ ڪري وٺندو.'

سيشن جج صاحب جو اڳيون سوال هو، 'اسان جي ديش جو راشٽرپتي ڪير آهي؟' مون صحيح ٻڌايومانس. پوءِ سيشن جج صاحب ناٽڪي سوال ڪيو، 'پُٽ اِهو ٻڌاءِ، هتي اسان جو سينئر سَب جج صاحب ڪير آهي؟' مون چيو، 'هي ڏسو جي، جَناب سان گڏ ئي ويٺل آهن.' ٻُڌي ٺٺئي کلڻ لڳا ۽ جج صاحب چيو، 'ڇوڪرو تہ سمجهدار (سمجهوُ) آهي.' اِهو ٻُڌي مونکي خوشي ٿي هئي.

'چڱو پُٽ، هل... ڏسنداسين، پوءِ توکي خط موڪلينداسين.'

مان وڪيل صاحب وٽ پنهنجي اَڏي تي اَچي ويو هوس. ٻن-اَڍائي ڪلاڪن ڪانپوءِ سيشن جج صاحب جو اَردلي اسان جي اَڏي تي آيو، 'هل ڀائي مُنشي، هل، توکي صاحب گهُرايو آهي... لڳي ٿو تنهنجو ڪم ٿي ويو.'

مان وري جج صاحن جي اڳيان حاضر هوس. سيشن جج صاحب چيو، 'پُٽ، تون هيئن ڪر... پنهنجي ٽيسٽ ڏي... سڀ ڪم ڪري ڏيکار... هي جج صاحب آهن... صبح جو هن جي گهر توکي ڪم ڪرڻو آهي... جيڪڏهن

تنهنجا ڪم نيڪ هوندا تہ پوءِ ڏسنداسين...‘

’نيڪ آهي جي سر، مهرباني؟‘

ڪورٽ ۾ سيني کي خبر پئجي ويئي تہ مان اَردلي ٿي ويو آهيان. ڪورٽ ۾ سڄا ٽپ وارا ماڻهو هر - هر اَچي واڌايون ڏيڻ لڳا.

شام جو گهر وڃي مون ممي - ڊئڊيءَ کي ٻڌايو، سرڪاري نوڪريءَ جو ٻڌي سڀ خوش ٿيا هئا. منهنجي ماءُ مونکي سؤ- سؤ آشيرواد ڏنا ۽ ڊئڊي بہ مٺو ٽپڪپائيندو رهيو. اسانجي ڪچي گهر ۾ خوشي ڇائنجي ويئي هئي. ڊئڊيءَ خوشيءَ ۾ پرجي گهر ۾ نهيل دارونءَ جو پئگ بہ هڻي چڙهيو هو. گهر جا سڀ ميمبر باغم - باغ ٿيا ڦري رهيا هئا. اڄ منهنجي مميءَ منهنجيءَ ساڳہ (سائي ڀاڄي) واريءَ ٻاٽيءَ ۾ ٻيٽو گيهہ وجهي چڙهيو هو. اسان جي گهر ۾ مان ئي پهريون هوس، جيڪو سرڪاري نوڪريءَ تي لڳي رهيو هو. مان اِنتظار ڪري رهيو هوس، ڪڏهن رات ٿئي ۽ وري جلدي سان صبح ٿئي، مان جج صاحب جي گهر ڪم تي وڃان.

P P P

نؤڪريءَ جو پهريون ڏينهن

صبح ٿيو. مان سائيڪل تي چڙهڻ لڳس تہ مميءَ ٻڙ سان منهن منو ڪرايو ۽ چيائين، ”واهيگرو تنهنجو شُڪر آهي... اسان جي گهر تي بہ سنن ڏينهن جو پاڇو پوڻ لڳو آهي... سچي پاتشاه سُکہ ڏجانءِ.“

ڇهہ وڄندي ئي مان صاحب جي سرڪاري ڪوٺيءَ جي دروازي جي سامهون وڃي پهتس. اَڃان دروازو نہ کليو هو، سڀ سُتل لڳي رهيا هئا. هڪ ٽُٽل بينچ دروازي جي اڳيان پيئي هئي، گنمٽن وغيره جي ويهڻ لاءِ لڳي رهي هئي. مان اُن تي ويهي دروازو کلڻ جو اِنتظار ڪرڻ لڳس. منهنجو ڌيان دروازي تي ئي هو تہ ڪڏهن دروازو کلي ۽ مان وڃي جج صاحب کي نمسڪار ڪريان، پنهنجي ڪم تي حاضر ٿيان. اهو بہ ڊپ لڳي رهيو هو تہ ٿي سگهي ٿو هنن کي منهنجو ڪم وڻي ئي نہ، پوءِ ڇو رکندا مونکي !

هڪ ڪلاڪ ٿي ويو. ڪوٺيءَ اندر ڪو جاڳيو لڳي رهيو هو، پر دروازو اڃان تائين نہ کليو هو. مان اُٿيس، دروازي جي سامهون هِتي - هُتي گهُمي رهيو هوس. وري اچي بينچ تي ويهي رهيس. بي - صبريءَ جي ڪري ڪٿي ٽِڪي نہ رهيو هوس.

اَخبار وارو اَچي ويو. مون سوچيو، هاڻي ڪو اَخبارون کڻڻ لاءِ ايندو... شايد دروازو ئي کولي ڇڏي، پر ڪو اَخبارون کڻي هلي ويو هو شايد. مان بينچ تي وينو رهيس. ڪجهہ ئي دير کانپوءِ کير وارو اَچي ويو، مون سوچيو هاڻي دروازو کلندو.

موٽر سائيڪل جو آواز ٻڌندي ئي صاحب جو اَردلي اندران باسڻ کڻي ٻاهر اَچي ويو. اِهو اَردلي ڪوٺيءَ ۾ ئي ڪم ڪرڻ لاءِ رکيل هو، مون چيو، ”ڀائي، مونکي صاحب سان ملڻو آهي... مونکي ڪم تي رکڻ لاءِ گهُرايو اَٿائين.“

”هتي ئي ويهہ، مان پڇي اَچان، تنهنجو نالو ڇا آهي...؟“ هو کير کڻي اندر هليو ويو. مونکي اڃان بہ ڌُڪڌُڪي لڳل هئي تہ منهنجو ڪم ٿيندو يا نہ... ڪهڙي خبر، ڪو ڪوٺيءَ اَندر وڃڻ بہ ڏيندو يا نہ، يا ٻاهران ئي موٽائي

چڙھيندو.

”اچي وڃ... صاحب سڏيئي ٿو.“ هن اَچي چيو. مان هن جي پنيان-پنيان هلي ويس. جج صاحب پنهنجي ڪمري ۾ ويٺل هو. ڪيسن وارا فائيل ڏسي رهيو هو. هن جي زال پاسي ۾ ويهي اَخبار پڙهي رهي هئي.

”سر جي، نمستي جِي.“ مون ٻنهي جا پير ڇُهيا.

”ها ڀائي، اَچي وئين تون؟ اَڄا ڳالهه اِها آهي تہ ڪجهه ڏينهن... بيبي جِي (مالڪڻ-گهر ڌياڻي) تنهنجي ٽيسٽ وٺندي،ڏسون ٿا تون پاس ٿين ٿو يا نہ... سڀ ڪم ڪري ڏيکارڻا اٿيئي... اوڪي... گُڊ لڪ.“

”چڱو سَر جيِ، جيڪو حڪم.“

مالڪڻ مونکي مٿي کان پيرن تائين ڏٺو ۽ چيائين، ”اَڄ ڪشن هتي اچ... هن کي رنڌڻي ۾ وٺي وڃ... هن کان ڪم ڪرائي سڀ... اڄ بريڪ فاسٽ هيءُ ئي ٺاهيندو... ڪم ڪرائي ڏس هن کان...“

هاڻي هڪ طرح سان ڪشن ئي منهنجو گرو هو. مان رنڌڻي ۾ هن سان گڏ هلي ويس. ڏکي بہ رهيو هوس تہ کهڙي خبر ڪشن جو وهنوار ڪيئن هوندو.

”هي باسڻ ڌوئي وٺ پهرين!“ ڪشن چيو. رات جي جوٺن باسڻن سان واش-بيسن ڀريل هئي. ڇوٽو اَردلي بہ ڪوني ءَ جي اَندر ئي گهُمي رهيو هو. ڇوٽو اَردليءَ کي مالڪڻ ڪپڙا اِستري ڪرڻ لاءِ چئي ڇڏيو هو ۽ ڪشن مونکان رنڌڻي جا ڪم ڪرائي رهيو هو. مان ڏاڍي ڌيان سان ڪُکر ڌوئي رهيو هوس تہ ڪٿي ائين نہ ٿئي جو ڪا ڀاڃيءَ جو ٽڪڙو لڳو پيو هجي ۽ ڪشن مالڪڻ کي وڃي ائين چوي، ’مالڪڻ، هن کي تہ باسڻ بہ ڌوئڻ نٿا اَچن... هن کي نوڪريءَ تي رکي ڇا ڪنداسين، واپس گهر موڪليوس... گهٽا ئي گهُمندا آهن هن جهڙا...‘

آهستي-آهستي مون سڀ باسڻ ڌوئي نڪاڻي تي لڳائي ڇڏيا. ڪشن ڪانچ جي گلاس ۾ چانهه وڌي ۽ چيو، ’وٺ پهرين چانهه پيِ وٺ.‘

”نہ، مان تہ پيِ آيو آهيان ڳوٺ (گهر) مان، توهان پيئو سائين.“

ايتري ۾ رنڌڻي ۾ مالڪڻ بہ اَچي ويئي هئي، ’پيِ وٺ چانهه پُٽ پيِ وٺ... ٿڌ چڱي آهي.‘

مون چانهہ جو گلاس پڪڙي ورتو، ٿورو هبڪ سان پيئڻ لڳس. مالڪڻ چيو، ’اَٿو ڳوهيندو آهين؟ پهرين اَٿو ئي ڳوهي ڏيکار اَچ...‘

مون چانهہ وارو گلاس رکي ڇڏيو، ’نہ-نہ... چانهہ پيِ پهرين... چانهہ پي.‘

’’ڪشن هن کي ٿالهہ ڏئيس...‘‘ مالڪڻ منهنجي مٿان سِر تي بيٺي هئي. مان ٿالهہ ۾ اَٽو ڇاڻڻ لڳس. تڏ بہ هئي... ڪجهہ مان ائين ئي گهبرايل بہ هوس... هِتي-هُتي ڏڏندڙ ڇاڻي ڪڏهن ٿالهہ ۾ ۽ ڪڏهن ٻاهر پئي ٿي... اَٽو هيٺ ڪري پوندو هو... مالڪڻ چيو، ’ڏيان سان ڇاڻ، اَٽو هيٺ ڇو ڪيرائي رهيو آهين...‘

هاڻي اَٽي ۾ پاڻي وجهڻو هو، مان ڏکي رهيو هوس تہ ڪٽي پاڻي وڌيڪ نہ پئجي وڃي. پاڻي وڌو ويو تہ اُها ئي ڳالهہ ٿي، پاڻي وڌيڪ پئجي ويو هو. اَٽو ڍڍي ڪَريءَ وانگر ٿي ويو. مالڪڻ چيو، ’هيِ ڇا ڪري ڇڏيئہ تو... هاڻي سُڪل اَٽو وجهہ اِن ۾.‘

سُڪل اَٽو وڌو ۽ ملايو. هاڻي وڌيڪ سخت ٿي ويو هو. مالڪڻ سِر تي ئي بيٺل هئي. مون پڇيو، ’’مالڪڻ، ٿورو پاڻي وجهي ڇڏيان اِن ۾...؟‘‘

مالڪڻ تنگ ٿي، ’بس ان ئي نموني راند ڪندو رهجانءِ، ڪڏهن ڍڍو ڪري ڇڏيئہ، ڪڏهن گهاٽو ڪري ڇڏيئہ... توکي تہ اَٽو ڳوهڻ بہ نٿو اَچي... ۽ تون ڇا...‘

مشڪل سان مون اَٽو ڳوهي ئي ڇڏيو. اِهو سچ هو تہ اَٽو اُن ڏينهن مون پهريون ڀيرو ئي ڳوهيو هو ۽ نوڪريءَ تي لڳڻ لاءِ ئي صاحب جي گهر ۾ سڀ ڪم ڪري سگهڻ جو ڪوڙ مجبوري ۽ غريبيءَ سبب ئي ڳالهايو هو.

’پراٺا کهڙا-کهڙا ٺاهي سگهندو آهين؟ ميٿيءَ وارا ۽ پٽاٽي وارا ٺاهي سگهندو آهين تون...؟‘

’نہ مالڪڻ صاحبان، مونکي تہ گول روٽيون ئي ٺاهڻ ايندیون آهن... اسان جي ڳوٺ ۾ پراٺا تہ گهٽ ئي ٺاهيندا آهن.‘

اهو ٻڌي مالڪڻ يڙڪي اُٿي، ’’هيِ وٺ، هاءِ هاءِ... ڪمال جي ڳالهہ... ٻڌءِ ياڻي، پراٺا ٺاهڻ نہ ايندا اَٿس؟ ٻيو توکي ڇا ايندو؟... جيِ ڳوٺن ۾ ٺاهيندا ناهن، ٻيو ڇا ٺاهيندا آهن ڳوٺن ۾... پٽاٽو... هاءِ هاءِ؟‘

مالڪڻ جو ڳالهائڻ ٻُڌي جج صاحب بہ اَچي ويو، ’ها پائي، ڪيئن ڪاريگر آهي... هلندو ڪم يا نہ...؟‘ مالڪڻ جي هاءِ هاءِ منهنجي دل سُسائي ڇڏي.

”هلندو ڇا، ڇوي ٿو مونکي پراڻا ٿاهڻ نہ ايندا آهن... گول روٽيون ايندديون آهن... ٻُڌائي هاڻي، پراڻا ٿاهڻ نہ ايندا اَٿس... هيِ ڇا ڪم ڪندو هتي؟‘

مالڪڻ غُصي ۾ هئي. جج صاحب چيو، ’ڪا نہ، ڪا ڳالهہ ناهي ڪانتا... ڪا ڳالهہ ناهي، آهستي-آهستي سِکي ويندو ويچارو... ڪا ڳالهہ ناهي... اوبي ڪشن... تون هن کي سڄو ڪم سيکار، ڪا ڳالهہ ناهي پُٽ، پراڻا ٿاهڻ ڪهڙو مشڪل آهي... سکي وٺ.‘ صاحب ڪجهہ همٿ ڏني هئي.

ڇوٽوُ اَردلي بہ ويجهو اَچي ويو هو، هوُان ڳالهہ تي خوش ٿي رهيو هو تہ نئون ماڻهو آيو آهي، هاڻي سڄو ڪم هيءُ ئي ڪندو. هن کي جڻ ڪجهہ ڪلاڪ خالي ويهڻ سان ئي شانتي ملي هئي. لڳي رهيو هو جڻ ڇوٽو ڪمن جو ماريل هو.

جج صاحب ۽ مالڪڻ ڪوٺيءَ جي پنئين رستي تي سئر لاءِ نڪري ويا. صاحب جو پٽ اڃان سمهيل هو. ڪشن مونکي پنهنجي کهاڻي ٻڌائڻ لڳو، ’جڏهن مان نوُڪريءَ تي لڳو هوس تہ اِئين ئي پاس ٿيو هوس، سڀ ڪم پاٺيهي اَچي ويندءِ... ڏکڻ جي ڪا ضرورت ڪونهي... توکي نوُڪري ملي ويندي پکِي... سڄي عمر موُج ڪندين...‘

پاسي ۾ وينل ڇوٽوءَ چيو، ’ڪم جي ڪهڙي ڳالهہ آهي، سڀ اَچي ويندءِ پنهنجو پاڻيهي... اسان سيکاريندا سين ڪم...‘ ڇوٽوُ مشڪيو.

مون ۾ اڃان وڌيڪ همٿ آئي.

مان ٿيڙا ميڙا پراڻا ناهي رهيو هوس، پراڻو سڌو ڪرڻ ۾ ڇوٽوُءِ ڪشن بہ مدد ڪري رهيا هئا. مالڪڻ ۽ جج صاحب بريڪ فاسٽ ڪرڻ لاءِ ميز جي پاسي-پاسي ۾ اَچي وينا، صاحب چيو، ’ها پٽ، ڪٿي اچ، ڇا ناهيو اٿيئي؟‘

صاحب ۽ مالڪڻ ڪائي رهيا هئا، ڇوٽوُ ڏيئي رهيو هو، ’نيڪ آهي، آهستي-آهستي ٽريند ٿي ويندين ٻچا...‘ صاحب چيو.

ڪورٽ ويندي وقت جج صاحب چيو، ’پٽ، سڄو ڪم ڏيان سان ڪج...

جيڪو نٿو اچيئي، ڇوٽو ۽ ڪشن ڪان سمجهجانءِ... نيڪ آهي؟ روٽي، پاٽي، چانهہ، جيڪا بہ ڪپيئي، هتان ئي کائج... چڱو؟'

ڇت تي اُس اَچي چڪي هئي. مالڪڻ اخبار ڪٽي اُس سيڪڻ لاءِ مٿي وچي ويني، مٿان ئي آواز ڏنائين، 'ڪشن هن ڪان ڪم ڪرائي سڀ... فقط ڳالهيون نہ ڪندو رهجانءِ... ٻاڙي ۾ ڪم ڪر.'

ڇوٽوءَ ڪان سڀ ڪپڙا اِستري نہ ٿيا هئا، 'ڏي يار مان ٿو ڪري وٺان ڪپڙا اِستري.' مون اِستري پڪڙي، ڪشن پاسي ۾ ويهي رهيو. ڇوٽوُ رديءَ وارا پڪڙيل اخبار گڏ ڪرڻ لڳو. جج صاحب جو پٽ جاڳي پيو هو. هو اسان جي پاسي اچي ويو. هن جي هٿ ۾ پنجابي ٽِربيوُنِ اَخبار هئي. ايندي ئي هن هٿ ملائڻ لاءِ پنهنجو هٿ منهنجي طرف وڌايو، مان هبڪي ويس. هو جج جو پٽ هو ۽ مان پٽيوالو هوس، اُهو بہ اَجان ڪچو هوس ! خئر، هُن هٿ ملايو ۽ چيو، 'ٻيو ڪهڙو حال اَٿيئي، نيڪ هلي رهيو آهي؟ نئون-نئون هئڻ ڪري اَجنبيپڻو لڳي رهيو هوندءِ...'

هو اسان جي ويجهو ڪرسيءَ تي ويهي اَخبار پڙهڻ لڳو. مون ڏٺو، ڏاڍي ڏيان سان هو ڪا ڪهاڻي پڙهي رهيو هو. اَخبار ۾ 'ڪهاڻي اَنڪ' اُن ڏينهن ڇپيل هو. مون تڪڙو وڏي ڪهاڻيڪار جو نالو ڏسڻ چاهيو، هن چيو، 'پڙهندين تون...؟'

'نہ جي، مان تہ ائين ئي ڏسي رهيو هوس... ڪهاڻي ڪنهن جي لکيل آهي؟ تمام سنيون ڪهاڻيون ڇپجنديون آهن اِن ۾.'

ڇوڪري چيو، 'وَريام سنڌوءَ جي لکيل ڪهاڻي آهي... مان هن جون لکيل پڙهندو آهيان، اِن ۾ گهٽيون ئي ڇپجنديون آهن.'

ڇوڪري جي اها ڳالهہ مونکي ڏاڍي سني لڳي تہ پنجابي پڙهندو آهي ۽ ڪهاڻين جو پاٺڪ آهي. جڏهن هن ويني-ويني سڄي ڪهاڻي پڙهي ورتي تہ مونکان بہ رهيو نہ ويو.

مون پڇيو، 'ڪيئن سائين، سني لڳوَ ڪهاڻي؟'

'ها يار، سني آهي... مان تہ آرتوار جون بہ سڀ اَخبارون پڙهندو آهيان، لٽريري هوندا آهن...'

’سائين، توهان ساهتيڪ ڪتاب بہ پڙهندا ڪريو... مان آڻي ڏيندس توهانکي ڪتاب.‘

’مان پڙهندو آهيان ڪتاب، مٿي منهنجي ڪمري ۾ رکيل آهن... مان تہ ’ناگہ مڻي‘ بہ وٺندو آهيان، اڳئين پيري جو مليو ڪونہ، ختم ٿي ويو هو، اَمرتا مونکي سُٺي لڳندي آهي... تمام سٺو لکندي آهي... لڳي ٿو توکي بہ شوق آهي لٽريچر پڙهڻ جو؟‘ ڳالهيون ڪندي هن مونکان سوال ڪري ڇڏيو هو.

”ها جي، پڙهڻ جو بہ شوق آهي ۽ لکڻ جو بہ، ڳائڻ جو بہ... مان اَخبارن، مخزنن ۾ بہ لکندو رهندو آهيان... هڪ ڪتاب بہ ڇپجيو آهي، اڃان ٿورا ئي ڏينهن اڳہ شايع ٿيو آهي. آرتوار ڏينهن بہ ڇپجندو آهي منهنجو اَخبارن ۾... ريڊيو ۽ ٽي.ويءَ تي بہ ويندو رهندو آهيان مان.“

منهنجيون ڳالهيون ٻُڌي ڇوڪري جي شڪل تي جڻ چمڪ اَچي وئي، ”اَڇا يار، ڪمال آهي... مونکي بہ ڏاڍو شوق آهي ڪلچرل ائڪٽوٽيءَ جو... تنهنجو نالو ڇا آهي؟“

جڏهن مون پنهنجو نالو ٻڌايومانس تہ هو ڪرسيءَ تي اُڇلي پيو، ”ٻڌاءِ يار، ڪمال آهي، اخبار ۾ تنهنجو نالو تہ مون ويهہ پيرا پڙهيو آهي.“ هن خوشي-خوشي وري مون سان هٿ ملايو هو. هاڻي منهنجي خوشي اَڃان بہ وڌي ويئي هئي.

”يار تون ڪيئن اَچي وئين هنن ڪمن ۾...هوُن؟ تون مشهور ساهتيڪار آهين ۽ اَردلي ٿي رهيو آهين؟“

ڇوڪرو حيران ٿي رهيو هو. مان جج صاحب جي اَڇي خميص تي اِستري ڪري رهيو هوس. ڇوڪري منهنجي ٻانهن پڪڙي چيو، ”ڇڏ يار، ڪشن تون ڪر ڪپڙا پاڻ، اچ يار تون، هل توکي ڪتاب ڏيکاريان ۽، هل.“

مان هن جي پنايِن-پنيان ڏاڪڻون چڙهي رهيو هوس. ڇوڪري پنهنجي ماءُ کي چيو، ”ممي هي تہ ليکڪ آهي... هي تہ اَخبارن ۾ بہ ڏاڍو ڇپجندو آهي... مون اڳ بہ پڙهيو، هي ويچارو هتي ڪٿي اَچي ويو... هن جون ڪهڙيون ٽيسٽون وٺيون آهن، ڪيو هِن کي پاس...“

ها، لڳي تہ سمجهُوتو، ڪشن سان ڳڻ ڪم ڪرائي ڇڏيندو... جج صاحب ڪي ڇٽي پڪو آرڊر ڪرائي ئا ڇڏيونس... آهستي-آهستي سِکي وٺندو سڀ ڪم. ڪم هتي آهن بہ ڪهڙا؟ ننڍا-ننڍا ڪم آهن.''

مالڪڻ جا اِهي لفظ منهنجيءَ دل ۾ ڏاڍي خوشي ڀري رهيا هئا. ڇوڪري سان ملي خوشي تہ ٿي ئي هئي، مان تہ اَڃان ننڍيءَ عمر جو اُڀرندڙ ليکڪ ڪلاڪار هوس، ننڍڙو، منهنجو اهو ليکڪپڻو هتي ڪيترو مددگار ثابت ٿي رهيو هو.

* * *

لڳڀڳ ڇهن ڏينهن کانپوءِ منهنجِي نوڪريءَ جو آرڊر نڪري ويو. ڪشن مونکي ٻڌايو تہ وڃ، جلدي ڪر، آفيس مان حڪم وٺندو وڃ ويندي-ويندي. نوڪريءَ تي لڳڻ جو خط وٺڻ لاءِ مان ڪورٽ ويس، سپريٽينڊنٽ سنبنڌي ڪلارڪ کان حڪمنامو خط وٺڻ لاءِ چيو. مون هڪ رجسٽر تي صحيِ ڪئي ۽ حڪمنامي جو خط حاصل ڪري ورتو. اُن خط کي مون ڏاڍي قيمتي شيءِ سمجهي هٿن ۾ پڪڙيو هو. پاسي واريءَ سول اسپتال ۾ ميڊيڪل ڪرايو ۽ ترت ئي حاضري رپورٽ ڏيئي ڇڏي. هاڻي مونکي ڏاڍي شانتي محسوس ٿي رهي هئي، اَڄ کان مان 'سرڪاري بَندو' ٿهي ويو هوس. منهنجي پگهار شروع ٿي ويئي هئي اَڄ کان.

منهنجو آرڊر جج صاحب جي سِفارش ڪرڻ تي ئي نڪتو هو. جج صاحب پنهنجي طرفان رپورٽ ڏني هئي، لکيل هو، ''هيِ ڇوڪرو گهر جا سڀ ڪم آڌت ڏيندڙ ڄاڻندو آهي... نوڪريءَ تي رکڻ لائق آهي، ان ڪري هن کي رکڻ جو حڪم نڪرڻ کپي.''

جج صاحب اِها رپورٽ ضلع ۽ سيشن جج صاحب کي لکي موڪلي هئي. اِن تي جلدي ئي عمل ٿي ويو.

ڪورٽ تان مان سڌو صاحب جي ڪوٺيءَ طرف هلڻ لڳس. صاحب جي پٽ رنڪوءَ چيو، ''واڌايون هجني ڀائي ليکڪ دوست، توکي نوڪري ملي ويئي، تون ليکڪ ٿي بہ اَردلي ٿيو آهين، مونکي اِن ڳالهہ تي عجب لڳي رهيو آهي.''

مالڪڻ چيو، ”ويچاري کي مشڪل سان روزگار مليو آهي، شڪر ڪري پيڳوان، هاڻي تون هن جو منهن منو ڪرائي.“

رنڪو اَندران مٺائيءَ جو ڏٻو ڪڍي آيو، سڀ مٺائي کائڻ لڳا.

ڪشن اَردلي چوڻ لڳو، ’ڪيئن سائين، مون چيو هو نہ، توهان جو ڪم نهڻ وارو آهي، نهي ويو ڪم. هل سنو ٿيو، هاڻي اَسان جو ساٿي پڪو ٿي ويو.‘

رنڪوءَ چيو، ”تنهنجو ساٿي نہ، منهنجو آهي.“

ڪشن چيو، ”سائين، توهان ڪهڙو هتي روز هوندا آهيو، پوءِ تہ مون وٽ ئي رهندو... منهنجو ساٿي ٿيو نہ.“ سڀ کلڻ لڳا.

رنڪو يونيورسٽيءَ ۾ پڙهندو هو۽ هفتي يا ڏهن ڏينهن کانپوءِ ممي - ڊئڊيءَ سان ملڻ ايندو هو. سنا ڪتاب ۽ مخزنون هو هميشه پاڻ سان گڏ رکندو هو. هن جي اِها لگن مونکي سٺي لڳندي هئي. هوُ پنجابي زبان جو پيارو پاٺڪ هو.

P P P

ڪورٽ ۾ ڪِل

ٻئي ڏينهن صبح جو رنڪو اَخبار کڻي مون وٽ آيو، ”اَڙي يار، اَڄ تہ تنهنجي مٿان پارٽي ٿي وئي... هيءُ ڏس، چانيل آهين تون.“

’پنجابِي ٽربيوُن‘ اَخبار هئي. رپورٽ سان گڏ فوٽو ڇپيل هئي. فوٽي ۾ ڀارت جو اڳيون راشٽرپتي گيانِي زئل سنگهہ منهنجو ڪتاب ’تُنبِي دي وارس‘ (جيڪو اُستاد لالچند يَملا جَٽ جي شاگردن جي باري ۾ لکيل هو) رليز ڪري رهيو هو، گڏ مان بيٺل هوس، ضلع جو ڊپٽي ڪمشنر، پوليس ڪپتان ۽ گهڻيئي منتري بہ بيٺل هئا. اها رپورٽ ڪتاب رليز سماروہ جي هئي. جيڪو ڪجهہ ڏينهن اڳہ سَرڪٽ هائوس ۾ ٿيو هو.

جج صاحب بہ رپورٽ پڙهي. رنڪوءَ چيو، ”هل اندر، ڊئڊي سڏي رهيو آهي توکي.“ مان صاحب وٽ ڪمري ۾ ويس. رنڪو بہ مون سان گڏ هو، ”او پٽ تون تہ ڏاڍو گڏي آهين... تون اڳتي اَجان پڙهائي ڪري وٺ... هاڻي تنهنجي نوڪريءَ وارو ڪم تہ ٿي ئي ويو... پڙهائي تنهنجي ڪم ايندي... سڄي عمر اردليپڻو ٿوريئي ڪندو رهندين تون... ترقي ڪري بابوُ ٿي ويندين؟“

رنڪوءَ چيو، ”ڊئڊي، هي ڏسو، راشٽرپتيءَ هٿان ڪتاب شايع ڪرائي ڪيئن بيٺو آهي شان سان ۽ هتي اَردلي ٿيل ڦرندو آهي... اهو سڀ پيٽ جو سوال آهي. مان تہ خود هن کي چوندو آهيان، هِي اڳتي اجان پڙهي ۽ سٺي نوڪريءَ تي لڳي.“

پيءُ-پٽ جي اها راءِ بلڪل ٺيڪ هئي. اها ئي راءِ اڳہ بہ مونکي گهڻن ئي ڏني هئي، پر مون عمل نہ ڪيو هو. بي روزگار گهمندي پهرين مُنشي ۽ هاڻي اَردليءَ جو ڪم مليو هو. هاڻي مان اِن راءِ تي عمل بہ ڪرڻ پيو چاهيان. مان اَجان وڌيڪ پڙهڻ ۽ اڳتي ترقي ڪرڻ پيو چاهيان.

مئڊم ڪڏهن ڪو ڪم نہ چوندي هئي. روٽيءَ جو ۽ باقي سڄو ڪم - ڏنڊو ڪشن ۽ ڇوٽوُئي ڪندا هئا. جيڪڏهن بازار مان ڪا شيءِ آڻڻ جي ضرورت ٿيندي هئي تہ مان سائيڪل کڻندو هوس ۽ آڻيندو هوس يا منجهند جو جج

صاحب جي روٽي کڻي ڪورٽ هلي ويندو هوس.
هڪ ڏينهن مون رنڪوءَ کي چيو، ”رنڪو، توهان مونکان ڪو ڪم نه وٺو ٿا، خالي ويهاري ٿا ڇڏيو... جيڪڏهن ائين ٿئي جو مان صبح کان شام تائين صاحب وٽ ڪورٽ ۾ ڪم ڪريان ۽ شام جو ڪوٺيءَ تي اَچي وڃان... مان ڪورٽ جا ڪم به سکي ويندس... اهو نيڪ نه ٿيندو؟“
ٻئي ڏينهن کان ئي مون صاحب سان گڏ ڪورٽ وڃڻ شروع ڪري ڇڏيو. ڪورٽ ۾ صاحب سان گڏ پهرين پانا اَردلي ڪم ڪري رهيو هو. صاحب پاني کي منهنجي پاسي ٻيهاري چيو، ”اَڙي پانا، هن ڇوڪري کي آواز هڻڻ سيکار، اَڄ هي آوازون لڳائيندو... ۽ سڀ آفيس جا ڪم به هن کي ٻُڌائي ڇڏ.“
مان ڪورٽ جي سامهون آواز لڳائڻ لڳس، ”هل پائي فلاڻو بنام فلاڻو حاضر ٿئي.“ آواز ڏيئي مان وري جج صاحب جي سامهون اَچي بيهندو هوس. جج صاحب ٻئي ڪيس جو فائيل کڻندو هو ۽ نالو پڙهي مونکي چوندو هو، ”هل پُٽ، هي آواز لڳائي هاڻي.“
پانو لنگڙو منهنجي حاضريءَ سبب سَڙي-پچِي ويو هو پر صاحب جو حڪم نه هن کي مڃڻو ئي هو. هوُ پيشيءَ (حاضريءَ) تي اَچڻ وارن ماڻهن کان پئسا اوڳاريندو هو. چوندو هو، ”ڪڍ يار ڏهين جو نوٽ... مان تنهنجو نالو پهرين ٿو ڪرايان.“ اِن نموني هو پئسا ميڙيندو ويندو هو، آواز نه صاحب جي حاضريءَ ۾ ۽ صاحب جي مرضيءَ مطابق يا لسٽ جي نمبرن مطابق ئي لڳڻي هوندو هو يا وري ريڊر ۽ اِسٽئنو جي به وچ-وچ ۾ مرضي هلي ويندي هئي، پر پانو لنگڙو پنهنجو پاسو ڀاري ان ئي لڳائي ڇڏيندو هو.
شام تائين نوٽن سان کيسو پرجي ويندو هو هن جو. هوُ بهاني سان باٿروم ۾ ويندو هو ۽ ڏهين ڏهين جا نوٽ خميص جي اڳئين کيسي مان ڪڍي ٿيپي ناهيندو هو ۽ پئنٽ جي پٺئين کيسي ۾ رکي ڇڏيندو هو... هن کي ڊپ لڳندو هو، ڪٿي صاحب پڇي ئي نه وٺي نه ايترا پئسا ڪٿان کڻي ڦري رهيو آهين. مون تان هو اِن ڳالهه کان به خار کائڻ لڳو هو نه هيءُ نئون ڇوڪرو هاڻي منهنجي جڳهه وٺي رهيو آهي... ايندڙ وقت ۾ منهنجن گراهڪن کان پئسا وٺندو ۽ ڪٿي صاحب کي ئي نه منهنجي باري ۾ اُلٽو-سِڌو ڳنڍي-ڳنڍي

ٻڌائي ڇڏي.

جڏهن بہ ڪڏهن پانو لنگڙو مون تي چِڙندو هو تہ مان اڳيان ڪلي ڏيکاري چڏيندو هيومانس تہ هو اجان بہ وڌيڪ چِڙندو هو... ٻڙ ٻڙ ڪندو هو... جڏهن هو تيڙيون ٽنگون ڪري هلندو هو تہ سچو ڏڏندو هو... جوکر لڳندو هو.

* * *

هڪ ڏينهن ڪورٽ ۾ ڏاڍو کِل جو ماحول ٿهي ويو هو. ٿيو ائين جو مون آواز هنيو. ڪو ٻڍو هو، اُن هردوار سنگهہ سَنڌوُ وڪيل ڪيو هو. اُهو ٻڍو آواز ٻڌندي ئي جج صاحب جي سامهون وچي حاضر ٿيو. صاحب چيس، ”هل پائي، گهُرائي پنهنجي وڪيل کي... ڪير آهي تنهنجو وڪيل؟“

ٻڍي ڏڪندي چيو، ”سائين، مان تہ وڪيل صاحب جو نالو ئي ڀلجي ويو آهيان... فلاڻو... ياد نٿو اَچي...“

جج صاحب چُپ رهيو، ٻن منٽن کان پوءِ وري پڇيائين، ”ڪير آهي وڪيل تنهنجو؟“

ٻڍي هٿ جوڙي چيو، ”سائين... سچو نالو تہ اَجان بہ ياد نٿو اَچي...، ائين جتي گل وجهڻ ويندا آهيون...“

پاسي ۾ بيٺل هڪ وڪيل چيو، ”هردوار سَنڌوُ اَٿس جي.“

سڀ، وڪيل، مُنشي ۽ ماڻهو کلڻ لڳا. ٻڍو پنهنجي وڪيل هردوار سَنڌوءَ جي اَڏي تي هن کي گهُرائڻ وڃڻ لڳو. جج صاحب جي کل هن جي روڪڻ تي بہ نہ رڪجي رهي هئي.

جاڄ صاحب جي ٻہ بدليِ ٿي ويئي

ڪورٽ ويندي اَڃان ڪجھہ ئي ڏينھن ٿيا ھئا تہ ھڪ ڏينھن جڄ صاحب چيو، ”تون ڪوٺيءَ تي ئي ڪم ڪندو ڪر... ڪوٺيءَ جي ڪم لاءِ رکيو ويو آھين... ڪورٽ ۾ آواز ڏيڻ لاءِ ٻين ڪمن لاءِ پراڻا اَردلي آھن.“

صاحب اِھا ڳالھہ ڏاڍي سُٺي ڍنگہ ۽ پيار سان چئي ھئي.

مون ڏٺو تہ نوَن-نوَن ڀرتي ٿيل اَردلين کي گھڻن ئي سالن تائين ڪوٺين ۾ ئي گھَسايو ويندو ھو. آفيسرن جي سخت سياوَ واريون زالون نوَن اَردلين کي نِڪتوُ ۽ نوُنت ناھي ڇڏينديون آھن. تمام گھڻو ڏڙڪا ڏينديون آھن ۽ اِن نموني رامو ۽ ٻهادر سِر تي چڙھي ويندا آھن. ’چوڻ تاڙڻو ناھي، پَتو ٿوڙڻو ناھي‘ واري چوڻيءَ کي ڏارڻ ڪرڻ وارا نھي پوندا آھن. خئر !

مان سڄو ڏينھن ڪوٺيءَ ۾ ئي رھندو ھوس. گھڻيئي ڀيرا ڪجھہ لکندو رھندو ھوس تہ ڪشن اَردلي مٿو ڪاڻڻ ايندو ھو، ”ڀائي، تون ھيِ ڪھاڻيون لکين ٿو، اِن جو ڪجھہ فائدو بہ ٿيندو اٿيئي... اِھا ڪھاڻي ڀھرين توکي ياد ايندي ھوندي... تڏھن لکندو آھين يا جوڙي-جوڙي لکندو آھين...؟“

مان ھِتي-ھُتي جي ڳالھين سان ڪشن جي سوالن جا جواب ڏيئي ڇڏيندو ھوس.

ھڪ ڏينھن مالڪڻ ڳجھہ ڪوليو، چوڻ لڳي، ”ڪورٽ لاءِ توکي سيشن جڄ ئي منع ڪيو آھي... ھن اَسان جي جڄ صاحب کي چيو آھي تہ ھن ڪان اڃان ڪوٺيءَ ۾ ئي ڪم وٺ ۽ گھروُڪمن ۾ چڱيءَ طرح ٽِرينڊ ڪرينس... ايترو جلدي ڪورٽ ۾ چو وٺي آيو آئينس... تڏھن ئي اَسان جي جڄ صاحب توکي ڪوٺيءَ موڪليو آھي.“

’مالڪڻ، مونکي تہ ڪم ڪرڻو آھي... ڪوٺيءَ ۾ ھجي يا ڪورٽ ۾... جيئن حڪم ڏيندو، ڪندو ويندس.‘

رنڪو يونيورسٽيءَ مان آيو. ڏاڍي خوشيءَ سان مليو. سُرجيت پاتر جو ڪتاب ٻئگہ مان ڪيندي چيائين، ”ھيِ ڏس، ڪلھہ ئي خريد ڪيو آھي...

تو تہ اڳ ئي پڙهيو هوندو... هاڻي مان پڙهندس.''

رنڪوءَ ۾ اَڪڙ (ڏاڍائي) بلڪل ڪونہ هئي. اها سني ڳالهہ هئي جو هڪ وڏي آفيسر جي پٽ جي ساهتيہ ۽ ڪلا طرف رُچي هئي... نہ تہ عام طور ائين ڏسڻ ۾ ايندو آهي تہ تمام وڏن آفيسرن جا پٽ - ڌيئر بگڙيل هوندا آهن... ساهتيہ ۽ ڪلا سان تہ پري جو بہ ناتو نہ رکندا آهن. ۽ پوءِ پنجابي ساهتيہ سان؟ اِنڪري... اها ڳالهہ ڏاڍي سني هئي جو رنڪوءَ جو ساهتيہ سان گَهرو لڳاءُ هو. وڏي ڳالهہ اها هئي تہ پٽ هجي جج جو ۽ دوست ناهي هڪ اَردليءَ ڪي؟

آرتوار هو. صاحب اَڄ گهر ۾ ئي هو. اڱڻ (ورانڊي) ۾ ڪرسيون لڳائي اُس سيڪڻ لڳو. مالڪڻ بہ پاسي ۾ ويٺي هئي. صاحب چوڻ لڳو، ''نِندر پُٽ، هن دفعي جي بدلين ۾ منهنجي بہ بدلي ٿيندي... مونکي هتي ٽي سال ٿي ويا آهن... اسان ڪان پوءِ تون ڪنهن بہ جج صاحب جو ڪم ڪرين، سني نموني ڪجانءِ. نوڪري پڪي اٿيئي ڪڍندا ڪونهن... هاڻي ڪورٽ ۾ ٿورو وقت رهي وئي ويندءِ... اوتري دير ڪوٺيءَ ۾ رهڻو پوندُءِ توکي. اسان ڪان جيترو ٿي سگهيو، تنهنجو ڀلو ڪيو... اڳتي ٻيو آفيسر بہ سٺو ئي ملندُءِ... ان جي ڪا گارنٽي ڪونهي... ۽ سڀ آفيسر هڪ جهڙا بہ نہ هوندا آهن... باقي تون خود سمجهدار آهين... جيئن بہ ٿئيئي، وقت ڪاٽيندو رهج پنهنجو.''

جج صاحب جي بدلي ٿيڻ واريءَ ڳالهہ مونکي اُداس ڪري ڇڏيو هو. بدلين ۾ اَڃان ٽن مهنن ڪان وڌيڪ جو وقت هو پر صاحب مونکي اڳ ئي ٻُڏائي چنتا ۾ وجهي ڇڏيو هو.

مالڪڻ چيو، ''تنهنجي بدلي هتان ٿي نٿي سگهي... نہ تہ اسان توکي پاڻ سان گڏ ئي وٺي هلون ها... ٺيڪ آهي، ائين اسان سان ملڻ هلي اچجانءِ... رنڪو تنهنجو دوست آهي.''

* * *

هڪ ڏينهن صبح جي اَخبار ڏٺي. ججن جي بدليءَ جي فهرست ڇپيل هئي. صاحب جو نالو بہ شامل هو. بدلي اسان جي شهر ڪان گهڻو پري نہ ٿي هئي، ويجهو ئي ٿي هئي. بس ۾ ڏيڍ ڪلاڪ جو سفر هو. مونکي اِن ڳالهہ تان

بہ آتت ٿيو هو تہ هل پاسي ۾ ئي آهي... جڏهن من ڪندو، وڃي ملي ايندوسانِ.

ٻن ڏينهن ڪانپوءِ صاحب پنهنجيءَ نئين جڳهہ تي وڃڻ جي تياري ڪرڻ لڳو. ٽرڪ تي لاهڻ لاءِ سامان ميڙهجڻ لڳو. سامان چاڙهڻ لاءِ ڪورٽ مان ٻيا پيادا ۽ اَردلي بہ آيل هئا. صاحب جو ناظر (آفيس بابو) ٽرڪ جو بندوبست ڪري آيو هو. سڄو سامان چاڙهيو ويو هو.

منهنجي لٽل شڪل ڏسي جج ڦڪو مشڪيو. مالڪڻ چيو، ”اَڄ تہ تون اسان سان گڏ ئي هلجانءِ... منهن ڇو لٽڪائي گهُمي رهيو آهين، اُتي رنڪوُ بہ ايندو، اُهو سِڌو ايندو... اُن سان بہ ملي وٺجانءِ... گڏ وڃي سامان پهچائي اَچجانءِ.“

مان ٽرڪ جي اڳئين طرف وينو هوس... گڏ بہ پيادا ٻيا بہ وڃي رهيا هئا. مالڪڻ ۽ جج صاحب ڪار ۾ هئا. ٽرڪ جي پٺيان-پٺيان ڪار آهستي-آهستي اَچي رهي هئي.

نڪاٽي (منزل) تي پهتاسين. هتان جيڪو جج بدلجيو هو، اَڄان بہ ڏينهن اڳہ ئي ڪوٺي خالي ڪري ويو هو. صاحب ۽ مالڪڻ لهي پهرين سڄي ڪوٺي گهُمي ڏٺائون. مان بہ گڏو-گڏ گهُمي رهيو هوس. سامان لاٿو ويو، اَڄان لاهي وينا ئي هئاسين تہ رنڪوُ بہ ڪلهي تي بئگہ لٽڪائي اَچي ويو. ٻين سڀني اَردلين کي هُن نمستي ڪئي ۽ مونکي هن ڀاڪر پاتو هو، ”اويي نِندرا، تون بہ آيو آهين.“

رنڪو خوش هو. ٻين اَردلين کي، ٽرڪ وارن کي ۽ مونکي بہ هاڻي واپس موٽڻو هو ڇو تہ هاڻي اُتان جي ڪورٽ جا ملازم (نوڪر) صاحب جو سامان رکڻ لاءِ حاضر ٿي ويا هئا. رنڪو چئي رهيو هو، ”نِندر... تون نہ وڃ، مون تہ تنهنجي لاءِ بہ ڪتاب آندا آهن، هي ڏس.“

هُن بئگہ مان شو جو ’لوٽا‘ ۽ ’منهنجو داغستان‘ ڪتاب ڪڍيا. منهنجو نالو لکي ۽ هينان پنهنجي صحي ڪري مونکي ڏيئي ڇڏيائين.

جج صاحب بہ چئي ڇڏيو، ”تون صبح جو وڃجانءِ... اڄ تہ رهڻو پوندُءِ... رهي پئہ.“

شام ٿي، مان ۽ رنڪو بزار هلي وياسين.

هاڻي مونکي چنتا ٿيڻ لڳي ته اڳلو جج ۽ هن جا زال-ٻار کهڙا ملندا... ڪو تنگ ڪرڻ وارا ئي نه اچي وڃن.

صبح جو منهنجي روڪڻ جي باوجود به رنڪو مونکي بس ۾ چڙهائڻ لاءِ اچي ويو، مون گهڻو ئي روڪيومانس پر هو منهنجو دوست هو. مان بس جي اڳيان واري سيٽ تي اُداس ويٺو هوس. ٻاهر بيٺل رنڪوءَ جي شڪل به لٿل هئي. هن جا سوڪڙي طور ڏنل ڪتاب مون گود ۾ رکيا هئا.

بس هلڻ لڳي. اسان ٻنهي هڪ ٻئي کي ٽا-ٽا ڪئي ۽ اُداسيءَ سان مشڪياسين.

P P P

نئين صاحب جي شيوا ۾

وچ جا ٻه ڏينهن مونکي ڳوٺ ۾ رهڻ لاءِ ملي ويا هئا. صاحب، هن جي زال ۽ رنڪو ياد ايندا رهندا هئا. چنتا ستائيندي رهي ته اڳلو جج صاحب خبر ناهي ڪهڙي نموني جو هوندو.

ڪورٽ وڃڻ تي خبر پئي ته اڄ نئين جج صاحب کي اچڻو آهي ۽ سيشن جج صاحب کي جائننگ رپورٽ ڏيڻي آهي. نئون صاحب رات جو ئي ريسٽ-هائوس ۾ رهڻ لاءِ اچي ويو هو. هيڪندو اندر ويس ۽ سَت شري اڪال ڪئيمانس. صاحب جي پاسي سپريٽينڊنٽ وينو هو. هن صاحب کي ٻڌايو، ”سائين، هيِ توهان جو شيواڌاري آهي... نِندر ڪمار.“

”اَچا-اَچا.“ صاحب مون طرف ڏٺو... مون ٻئي هٿ جوڙيا. ڊگهو ۽ سنهو سردار، ڏاڙهيءَ تي جاري لڳل... اَڇي عينڪ، اڇي پئنٽ شرٽ، ڪارو ڪوٽ ۽ ڪاري ٽاءِ لڳل هئي. صاحب ڪورٽ وڃڻ لاءِ تيار هو. صاحب هاڻي اڪيلو ئي آيو هو. سامان وغيره ۽ زال کي گهرائڻ اَڃان باقي هو.

”ڪيترا ڏينهن سروس ٿي ويئي تنهنجي؟“

”سَر، چار ئي مهنا ٿيا آهن، نئون لڳو آهيان.“ ڏڪندي چيو.

”ڪنهن لڳايئه؟“

”سائين... اڳئين صاحب جيِ... اُنهن جي مهربانيءَ سان.“

”ڪم سڀ ايندا اٿيئي، روٽي، ڪير ڏُهڻ، ڪيتي ڪرڻ؟“

صاحب مون طرف اڇي عينڪ مان اڪيون ڦاڙي-ڦاڙي ڏسي رهيو هو. سيني سوالن جا جواب جڻ هڪ ئي ساهه ۾ گهُري رهيو هجي.

مون ”ها جيِ، سر جي...“ چيو.

جج صاحب جو آواز رعب وارو هو. جهڙي نموني هو پڇي رهيو هو، اُن مان ائين لڳي رهيو هو جڻ هو سياوَ جو گرم ۽ جلدباز هجي. ۽ مان پهريون ڀيرو ئي ته ملي رهيو هوس، واسطو ته اَڃان پوڻو هو. پر پهريون دفعو ئي ائين لڳي رهيو هو ته... سچيِ ڪَسر ڪڍڻ وارو صاحب آهي.

اِستَئنوءَ ريڊر بہ اَچي ويا. سپريٽينڊنٽ هُنن سان بہ سڃاڻپ ڪرايائينس.
صاحب طرفان ويهڻ جو اِشارو ملڻ تي هوُ هڪ طرف صوفائن تي ويهي رهيا.
مان سامهون بيهي اڳئين حڪم جو اِنتظار ڪرڻ لڳس.
”اَڇا تہ هاڻي تون خالي ٿي آهين... مان تہ اڄ واپس موٽندس... اڃان
اچڻ ۾ ٽي-چار ڏينهن لڳي ويندا... مان ڪوٺي ڏسي آيو آهيان... اُتي صفائي
وغيره ڪر ايترا ڏينهن...“
”اَڇا جِي سَر.“ مان صاحب جا پير ڇُهي ٻاهر اچي ويس.

* * *

ڪوٺِي ڏاڍي وڏي هئي، مهاراجا وڏي ريسٽ هائوس کي ٽن ڀاڱن ۾
ورهايو ويو هو ۽ اِهي ڀاڱا ججن جي رهڻ جون ڪوٺيون ٺهي ويون هيون.
ڪشن اَردلي مونکان اڳ ئي صاحب جو درشن ڪري ويو هو. صاحب هن
کي بہ ائين ئي چيو هو، ”ڪوٺيءَ جي صفائي وغيره ڪر...“
ڪشن جو گهر صاحب جي ڪوٺيءَ جي ويجهو ئي هو. مون سائيڪل
ڪشن جي گهر طرف موڙي ڇڏي. هو گهر کان ٻاهر ئي بيٺو هو، چيائين،
”ڪيئن؟ ملي آئين صاحب سان... مونکي تہ نئين صاحب جو ڪجهہ نٿو
لڳي... عجيب ٿو لڳي بي ڊنگو... نيڪ آهي اسانکي ڇا وڃڻو، ڪم ئي
تہ ڪرڻو آهي، ڪري وٺنداسين... جيئن بہ ٿيو، نيڪ آهي.“
ڪشن سُويپر کي چئي ڪوٺيءَ جا ڪمرا ۽ ورانڊا صاف ڪرايا. منهنجي
ڪرڻ لاءِ ڪو ڪم نہ هو. سپريٽينڊنٽ مونکي پاڻ وٽ گهرايو ۽ چيائين، ”جيترا
ڏينهن تنهنجو صاحب نٿو اچي... اوترا ڏينهن تون مون وٽ ڊيوٽي ڪندو
ڪر.“
مان ٽي ڏينهن ويس. چوٿين ڏينهن صبح جو سپريٽينڊنٽ چيو، ”پٽ،
اڄ تنهنجو صاحب اچي رهيو آهي، سامان بہ اچي رهيو آهي... هن جو فون
آيو هو، تون ڪوٺيءَ وڃ. اُتي وڃي ڏس ڪم... تنهنجو صاحب اڪيلو رهندو
هوندو، هل پيچ وڃ ڪوٺي...“
ڪشن ڪوٺيءَ ۾ اڳ ئي ڦِري رهيو هو، ”اڙي اچ اچ، اڄ اچي رهيو آهي

صاحب... خبر اٿيئي توکي؟‘‘

ڪرڻ لائق ڪم پلي ئي ڪجهه نه هو، مان ۽ ڪشن بصرن جي ٽوڪرين مان اَچا پَتا چونڊڻ لڳاسين. ڪشن ڳالهه شروع ڪئي، ’’منهنجي نوڪري ٿي ويئي آهي ستن سالن جي... اسان نه ڪنهن جو رعب سهن ڪيو آهي، نه سهن ڪنداسين... ٻي - چار جج منهنجي سامهون آيا آهن، جيڪڏهن آفيسر خراب ٿيو، ته اسان ڪراب نه ٿياسين. اسان سٺا ئي رهيا آهيون... ڪو ڪجهه به ڪندو رهي... آفيسر جو چا آهي،، ڪڏهن نرم، ڪڏهن گرم... مان ته توکي اهو ئي ٿو چوان ته پنهنجا ڪم پورا رک، باقي هنن جي زالن کي ته اسان کي هتان - هُتان جي هٽندو رهڻو آهي... زالون ته سچو ڏينهن ٽوڪڻ ۽ غلطيون ڪڍڻ لاءِ ويٺيون هونديون آهن... پهرين واري صاحبان به جڏهن آئي هئي ته ننڍي - ننڍي ڳالهه تي چڙندي هئي... اسان سِڌا رهياسين، هوءَ به پنهنجو پاڻيهي سڌي ٿي ويئي. ائين سنو هو جج صاحب به، رنڪو به تنهنجو دوست ٿي ويو هو... اسان سان ته ويچارا سٺا ئي رهيا آهن.‘‘

شام ٿيڻ کان اڳ صاحب اچي ويو. سامان به اچي ويو. ڪورٽ مان ٻيا به پيادا ۽ اَردلي سامان لاهڻ لاءِ گهرايا ويا. ريڊر، اسٽئنو ۽ احلمد به آيل هئا. صاحب اڪيلو ئي آيو هو. ساڻس گڏ گهر جو ٻيو ڪوبه ميمبر نه هو. ڪار جو ڊرائيور ۽ گنمئن ڪار کي ڪوٺيءَ اندر بيهاري واپس پنهنجي نڪاڻي تي وڃڻ لاءِ بس ۾ چڙهي پيا. اتان ئي صاحب وٽ به نوان گنمئن اچڻا هئا... جيڪي پنهنجي ڳوٺ ويل هئا. ڪارون ته سرڪاري ئي هيون، جيڪي اڳ هيون، هر - هر سيني ججن کي گهر مان وٺڻ ۽ ڇڏڻ جو ڪم ڪنديون هيون.

ريڊر ۽ اِسٽئنو به صاحب کان آگيا (اِجازت) وٺي پنهنجي - پنهنجي گهر هلي ويا. مان ۽ ڪشن رنڌڻي جي ڪم ۾ لڳل هئاسين. صاحب ڪرتو - پائجامو پائي باغ ۾ گهُمي رهيو هو.

ڪشن آهستي سان چيو، ’’پائي، سنو نٿو لڳي هي...ٻي ڊنگو مرغو ٿو لڳي.‘‘

’’اَڙي بيوقوف، هاڻي - هاڻي ته آيو آهي... آهستي - آهستي ئي خبر پوندي... اسان سان ايترو جلد ڪيئن کُلي پوي؟ پوءِ به جج آهي... تون نٿو سمجهين

ڳالھ ڪي...''

ٿوري دير ڪانپوءِ صاحب اسان وٽ ئي اچي ويو، ''باغ تنھنجو سنو آھي... ڇڱيون ڀاڄيون لڳايون اٿيئي... ڪير ڪندو آھي باڙي ۾ ڪم؟''

اَسان ٻئي ئي ڪندا آھيون... ڪڏھن ھِي ڪڏھن مان جي.'' مون چيو ھو.

''تون ڪٿان جو آھين؟''

''سَر، منھنجو ڳوٺ پاسي ۾ ئي آھي جي.''

'' تون ڪشن ڪٿي رھندو آھين؟''

''منھنجو تہ سَر ڪوارٽر آھي سرڪاري... ھوُ ٻئي طرف واريءَ لائين ۾.''

''اَڇا... تون ڳوٺ ويندو آھين روز...؟'' صاحب مون کان پڇيو.

''ھا جي سر... رات جو اَٺين بجي ويندو آھيان... يارھان- ٻارھان ڪلوميٽر آھي... سائيڪل تي ڪا دير نہ لڳندي آھي جي.''

''اَڇا- اَڇا.'' چئي صاحب پنھنجي بيڊروم طرف ھلي ويو. ٿوريءَ دير ڪانپوءِ مونکي پاڻيھي چيائين، ''تون ھلي وڃ ھاڻي... رات ٿي ويئي... صبح جو ڇھٽي بجي ايندين تون؟''

''سر جي، حڪم ڏيو...''

''تون اچي بريڪ فاسٽ (نيرن) ناھجانءِ... چانھہ صبح جو ڪشن ناھيندو... تون وڃ ھاڻي.''

مون سائيڪل ڪنئي ۽ ھلڻ لڳس. سوچي رھيو ھوس تہ ھاڻي تہ صاحب سنو- سنو لڳي رھيو آھي، پاڻيھي گھر موڪلي ڇڏيائين مونکي. صاحب جو آواز اُئين ئي ڳوُرو آھي. ائين تہ گھڻن ئي ماڻھن جو آواز قدرتي طرح ھوندو آھي. صاحب جو بہ اُئين ئي ھوندو... جن ماڻھن جو آواز ڳوُرو ھجي، اُنھن جو سڀاءُ تمام سنو ھوندو آھي... ائين ئي صاحب جو ھوندو.

پنھنجو پاڻ سان ڳالھائيندي مان ڇڱو دير سان گھر ويس.

P P P

صاحب کي ٻڌائي ٽُنبي

ٽُنبي وڃائڻ يا ڪجهه لکڻ-پڙهڻ جو هاڻي ڪو وقت نہ ملندو هو. ائين من گهڻو ئي ڪندو هو تہ ٽُنبي وڃايان ۽ وڏي-وڏي هيڪ لڳائي ڳايان. ڪڏهن-ڪڏهن مونکي ائين لڳندو هو ڄڻ منهنجي ٽُنبي مون کان ناراض ٿي ويئي آهي... منهنجو قلم مونکان ڇنيو ويو آهي. منهنجو يڪتارو ۽ منهنجو قلم مون کان پري ڪنهن جهنگل طرف هليا ويا آهن.

آفيسر نموني جا گهڻائي ماڻهو ساهتيہ ۽ ڪلا وارن ماڻهن کي فالتو ڳالهيون سمجهندا آهن، آفيسر ماڻهن کي ڪلا سان ڪو لڳاءُ نہ هوندو آهي. اها ڳالهہ مان چڱيءَ طرح سمجهندو هوس ۽ انڪري مونکي پنهنجي ڪلاڪاري يا ساهتيڪاري جهڙ صاحب جي سامهون گهوٽي ڦرڻ جو ڪو فائدو نہ هو ۽ نہ ئي مان ان باري ۾ جهڙ صاحب کي ڪجهہ ٻڌائڻ پيو چاهيان.

آرتوار هو. شهر ۾ ساهتيہ سڀا لڳي هئي. مان اُتي وڃڻ پيو چاهيان. اِنهن سڀائن جي ميٽنگن ۽ سماروهن ۾ مان گهڻن ئي سالن کان ايندو-ويندو هوس. هتي ليڪڪ گڏ ٿيندا هئا... هڪ-ٻئي سان ملندا هئا، چانهہ پيئندا هئا ۽ وري ملڻ جو واعدو ڪري گهر واپس ورندا هئا. مون ڪشن کي چيو، ”يار اڄ ڪم ايترو آهي ڪونہ... مان ساهتيہ سڀا جي ميٽنگہ ۾ وڃان؟“

”اُتي وڃي ڇا ڪندا آهن، مونکي بہ ٻڌائي...تون پهرين بہ اُتي ويندو هئين هر مهني...“

مون ٻڌايومانس، ”اُتي ليڪڪ جمع ٿي پنهنجيون-پنهنجيون رچنائون پڙهندا آهن... پوءِ اُنهن تي ويچار-چرچائون (بحث) ڪندا آهن... توکي بہ ڪڏهن ڏسڻ ۾ اچي ويندا، ساهتيہ سڀا جي ميٽنگہ... اڄ مونکي وڃڻ ڏئي... وڃان؟“

”وڃڻ تي تہ پل وڃ... پر صاحب کان پڇي وڃ... منهنجي طرفان تہ ڇُٽي (موڪل) اٿيئي.“

جهڙ صاحب کان پڇڻو ئي پوي ها. هو پنهنجي بيڊروم ۾ هو. مون وڃي

وينتي ڪئي، ''سائين، مونکي ٻن ڪلاڪن لاءِ وڃڻو آهي... اُتي اسانجي ساهتيہ سڀا جي ميٽنگ آهي...''

''تون اُتي وڃي ڇا ڪندين؟ اڳ ۾ بہ ويندو هُئين يا پهريون دفعو وڃي رهيو آهين...؟''

''ها جي سَر... اڳ ۾ بہ ويندو هوس جي... شوق آهي جي مونکي اُتي وڃڻ جو... سَر وڃان؟''

''ڀل وڃ... جلد موٽجانءِ.''

صاحب کان موڪل ملي ويئي ۽ مان ساهتيہ سڀا جي ميٽنگ ۾ خوشي - خوشي ويس. رچنائون ٻڌيون، مون ڪجھ نہ ٻڌايو. ليکڪ دوست مليا. ميٽنگ پوري ٿيڻ تي سڌو ڪوٺيءَ اچي ويس. صاحب پڇيو، ''اَڙي تو اڄ ڇا ڪيو اُتي؟''

''سَر جي، اُتي ليکڪ آيا، مونکي بہ ڪجھ نہ ڪجھ لکڻ - پڙهڻ ۽ ٻڌڻ - ٻڌائڻ جو شوق آهي... تڏهن تہ ويندو آهيان جي.''

''مونکي تہ اِها بہ خبر پيئي آهي تہ تون ڳائيندو بہ آهين.'' صاحب مشڪيو.

ٿيو ائين هو جو منهنجي وڃڻ کانپوءِ ڪشن صاحب کي سڀ ڪجھ ٻڌائي ڇڏيو هو. منهنجي ٺُنبيءَ جي باري ۾ بہ.

''ڇا ڳائيندو آهين ڀائي نِندر تون؟ ٺُنبيءَ تي ڳائيندو آهين؟''

''ها جي سر، ٺُنبيءَ تي... ٺُنبي مونکي منهنجي گرو اُستاد لالچند يَملا جٽ ڏني هئي... مون وٽ آهي... ڳوٺ ۾ رکيل آهي گهر ۾.'' مون ڪجھ اُتساه سان ٻڌايو.

''اَڇا، سڀاڻي کڻي اَچجانءِ ٺُنبي... تنهنجو گانو ٻڌنداسين.''

مونکي ان ڳالھ جو ڪجھ ڪجھ آٿت ٿيو تہ صاحب منهنجيءَ ڪلا جو قدر ڪرڻ وارو ٿو لڳي، جو ايترو ڪجھ پڇي رهيو آهي. جڏهن ڪشن هتي آيو تہ مون ڇيو، ''اڙي، تو ڇو صاحب کي ٻڌاءِ سڀ ڪجھ...؟''

''مان ڇو ٻڌائيندس... صاحب پاڻهي پڇي ورتو تہ هِي ميٽنگ ۾ اڄ ئي ويو آهي يا اڳ ۾ بہ ويندو هو... مون چيومانس تہ اڳ ۾ بہ ويندو هو ۽ کهاڻيون

۽ ليکہ وغيره بہ لکندو آهي... يَملا جَٽ جا گيٽ ڳائيندو آهي... پلا ايترو ٻڌائڻ ۾ ڇا تنهنجي شان گهٽجي ويئي؟'' کشن خوش ٿي رهيو هو.

ٻئي ڏينهن جڏهن مان ڳوٺ مان هلڻ لڳس تہ تُنبي جهول ۾ وجهي سائيڪل جي اڳيان ٽنگي ڇڏي. اڄ تُنبي مون سان گڏ هئي... منهنجو من ان ڳالهہ تي خوش هو.

کوٺي پهتس. کشن سائيڪل تان لهندي ئي پڇيو، ''کيئن ڀائي، ڪٿي آئين اڄ تُنبي؟ صاحب اڄ توکان گيٽ ٻُڌندو.''

''تون چُپ ڪر، جج صاحب چوندو، ڏنو ويندو... هاڻي ڇا آهي صبح - صبح جو گيتن کي...''

صاحب ٻاڙي پاسي ويهي اخبار پڙهي رهيو هو. 'سَت شري اڪال...' چئي مان اڳتي وڌي ويو هوس. اڃان صاحب کي چانهہ پيئڻي هئي. کشن پلا ڪٿي چُپ ڪرڻ وارو هو. چانهہ جو ڪوپ ڏيڻ ويو تہ صاحب جا ڪَن پري آيو، ''سَر جي، نِندر ڳوٺ مان پنهنجي تُنبِي ڪٿي آيو آهي.''

صاحب جو آواز آيو، ''اويي... هتي بيهي ڇا ڪري رهيو آهين... هتي اچ... ڏئي پنهنجي تُنبِي، ڏيکار مونکي کيئن آهي...''

مون هبڪندي تُنبِي جهول مان ڪڍي ۽ صاحب جي سامهون وڃي حاضر ٿيس. ڳاڙهي رنگہ جي تُنبيءَ سان گڏ سائي رنگہ جو لوگڙيءَ جو گل بہ لٽڪي رهيو هو.

''سَر جي، اها منهنجي گروءَ يَملا جِي سوکڙي آهي جِي... اُهو تُنبيءَ جو بادشاه هو...''

مون تُنبيءَ جي تار تي آڱر هنئي... تُنبِي ٽُنڪِي ! جڻ هن جي منِي ٽنڪار تي باغ جا گل ڦُل مهڪي اُٿيا هئا. تُنبيءَ تي آڱر جو ڇور لڳايو... صاحب جون اکيون چمڪيون... پاسي ۾ بيٺل کشن باغم باغ ٿي رهيو هو.

''او ٻڌائي ڀائي کو گيٽ پنهنجي اُستاد يَملي جَٽ جو.''

صاحب چانهہ جو آخري ڍڪ ڀريو ۽ ڪوپ هيٺ رکيائين. صبح جي ٽڏاڻ ۾ مان گيٽ ڳائڻ لڳس :

ستگر نانڪ آ جا

دنيا نوُن ديد دِکا جا
سنگت پَئِي پُڪار دِي
تيري هاٿ وِچ چابِي او داتا
ساري سنسار دِي
ستگر نانڪ آ جا...

مان ڳائي رهيو هوس. جج صاحب اکيون پوري جهومِي (نچي-آنند وٺي) رهيو هو. تُنبيءَ جي مٺي مٺي ٽنڪار جڻ صاحب کي اندر تائين گهرو آنند ڏيئي رهي هئي. مونکي ائين لڳو جڻ مان سچيءَ دل سان هڪ سُر تي بابا نانڪ کي آواز ڏيئي-ڏيئي پڪاري رهيو هجان:

اَج پنجا تي نَنڪاڻا
نظران تو دور ني
تيرِي دِيد دِي خاطر بابا
اَکِيان مجبوُر ني
آ، يَملي جَٽ دِي تُنبِي
تَئنون واجان مار دِي
ستگر نانڪ آ جا...

گيت پورو ٿيو... صاحب مشڪيو، ”اوبي ٻچا، تو تہ ڪمال ڪري ڇڏيو... توکي هتي اَردلي ٿي ڇا ونڻو هو اوبي؟ تون ائين ئي اِستيجن تي ڳائي گانا... گهڻيئي پئسا اٿيئي... تو وٽ تہ ڪلا آهي.“

”سَر جي، ان نموني جي ڪلا جو قدر ڪونهي اڄ جي زماني ۾... استيجن تي آڏو ڦڏو نچيءِ رڙيون ڪري ڳائڻ وارن کي وڏيڪ پڇيو ويندو آهي، وِيچارن تنبيءَ وارن کي ڪير ٿو پڇي سائين... ڪو بہ نہ پڇندو آهي جي.“

صاحب منهنجي ڳالهہ ٻڌي ڪلڻ لڳو، ”ها... تنهنجي ڳالهہ تہ صحيح آهي... اڄڪلهہ آڏو-ڦڏو تا ڳائين... او ها سچ... توکي يَملي جَٽ جو اُهو گيت ايندو آهي... ستگر نانڪ تيري رنگہ نياري ني.“

”ها سَر جي، ستگر نانڪ تيرِي ليلا نياري اي... گيت ايندو آهي جي... ڏاڍو مشهور آهي جي اُهو گيت... اڄ بہ ڳوٺن ۾ هر هنڌ وڄندو آهي.“

مان گيٽ ڳائڻ لڳس. گيٽ پورو ٿيو. صاحب گيٽ جي وياکيا ڪرڻ شروع ڪري ڇڏي، ”ڀائي يَملي جَٽ نيڪ ٿي لکيو آهي... بابي نانڪ جي ليلا نياري آهي... سڄي دنيا ڏيان سان ڏسندي ڦرندي آهي... اوييي پٽ، تو چانهه پيتي آهي... يلا؟“

”ها جي سَر... پيتي آهي.“

”چڱو پوءِ ڪر ڪم تون... مان ٿورو سٿر ڪري وٺان... اڄ ڪورٽ به جلدي وڃڻو آهي... چڱو ٿي ڪم آهي.“ چئي جج صاحب ڦِرڻ لڳو.

مان ۽ ڪشن رنڌڻي ۾ اچيويا هئاسين. ڪشن گوڙ ڪري-ڪري خوش ٿي رهيو هو، ”ڪيئن ڀائي ڏٺيو، ڪيترو خوش ٿيو صاحب تنهنجو گيٽ ٻڌي... تون ته ڏکي رهيو هُئين صاحب کان...“

مان به اِن ڳالهه تي خوش هوس. گهڻي وقت کانپوءِ مون ڳايو هو... شانتي ملي ويئي هئي مون کي.

ٿوريءَ دير کانپوءِ صاحب به اندر اچي ويو، ”او نِندر... هيءَ پنهنجي تُنبي هتي ئي رکجانءِ... ڀوت نه کڻي وڃجانءِ اها... ڏاڍي ٺُنڪي تي ٺُنگ-لُنگ ڪري تنهنجي تُنبي.“

مون تُنبي اُتي ئي رکي ڇڏي. اها ڳالهه ڏاڍي سٺي ٿي هئي...

ڇو ته گهر ۾ تُنبي ويچاري خالي پيئي هئي... هاڻي هتي هٿ سِڌا ٿي ويندا... صاحب تُنبي اُتي رکائي پاڻيهي ڳالهه ڏاڍي سُٺي ڪري ڇڏي هئي.

ٻئي ڏينهن صاحب وري هڪ گيٽ ٻڌو هو ۽ شاباسي ڏني هئي.

هڪ ڏينهن شام جو صاحب چوڻ لڳو، ”او نِندر... اڄ ڪو گيٽ ئي ٻڌائي يار... يَملي جَٽ جو.“

مان تُنبي پڪڙي حاضر هوس. گيٽ جا اکر هئا:

تيري نيڻ ڪراران مئنون پَٽيا
دَس مئن ڪِي پيار وچون کٽيا

صاحب جهومي رهيو هو. اڄ هُن پنهنجي موڊ به ٺاهي هئي. موڊ ته هو هر شام جو ٺاهيندو ئي هو. گيٽ پورو ٿيو... هوُاٿي پاسي واري ڪمري ۾ ويو... ۽ پيگ هڻي آيو... ڪرسيءَ تي ويٺي چيائين، ”هل ڀائي، يَملي جَٽ جا چيلا...

ٻيو ٻُڌائي هاڻي...``
مان ڳائي رهيو هوس :
تَندِي تَندِي وا چَنا
پَئنديان ڦُهاران وي
آ جا ميري چَنا
جِند تيري اُتون واران وي

صاحب کي جڻ وڏيڪ ئي مستي چڙهندي ويئي. هوُ خوب شاباسي ڏيئي رهيو هو، ”او واهه پائي نِندر... او پائي پُٽ تو تہ ڪمال ڪري ڇڏيو... او واهہ-واهہ.``

گيت پورو ٿيو... هو اندر ويو... ۽ پيگہ پِي آيو. مان لڳاتار پنج گيت ڳائي چڪو هوس. ٽُنبي بہ چڱي ٽُنڪي هئي. وچ ۾ ڪشن اچي چيو، ”جناب جِي، پاجي تہ ٿڪي ويئي... روٽي ڪڏهن ٿاهيان... ٻڌايو جِي...؟``

صاحب چِڙجي ويو، ”نہ توکي ايترو جلدي وڃي کهڙي جج کٽي وڃڻو آهي؟ توکي تہ هتي ئي گهُمڻو آهي... نِندر کي پنهنجي ڳوٺ وڃڻو آهي... تون اڳ ئي وڃڻ لاءِ تيار وينو آهين.``

چوندي-چوندي جج صاحب ڪرسيءَ تان اُٿيو. مون ٽُنبي جهولي ۾ وجهي ڇڏي. جهول ڪوکي تي ٽنڱي ڇڏيو.

جج صاحب اندران ئي چيو، ”او ٽُنبيءَ وارا... هاڻي تون وڃ پنهنجي ڳوٺ... صبح جو جلدي اچجانءِ.``

”اَچا جي سَر.`` چئي مان سائيڪل کٽي ڳوٺ طرف ويندڙ اوندهہ واري ڪچي رستي تي ٿي ويس... منهنجي سائيڪل ريل بڻجندي ويئي... مان اُستاد جو گيت ڳائي رهيو هوس :
مئنون لَئہ چَل ندِيون پار
گهَڙي دي اَگي هَٿ جوڙ دِي.

P P P

صاحب جي نظرن ۾ مان مراسِي ٿي ويس

گهڻيئي دفعا مان سوچيندو هوس... صاحب منهنجيءَ ڪلا جو قدردان آهي... جڏهن مان گيت ڳائيندو آهيان تہ خوش ٿي - ٿِي ڪري شاباسي ڏيندو آهي. اِن ڪري مان حوصلي ۾ رهندو آهيان.

هڪ ڏينهن ڪشن چوڻ لڳو، ”ڀائي، مان تہ هاڻي ٻن مهنن جي موڪل تي ويندس... تون اڪيلو ئي رهندين هتي... صاحب توکي ڳوٺ بہ نہ موڪليندو... سڄو ڪم توکي ئي ڪرڻو پوندو.“

مون چيو، ”ڪم جو هتي ڪهڙو ڏکو جوڙي زمين ڪيرڻي آهي... صاحب جيڪو چوندو ڪندو ويندس... تون پلي ٻن مهنن جي جڳهہ تي ڇهن مهنن جي موڪل تي وڃ.“

ڪشن جي پيڻ کي پنهنجو نئون گهر ٺاهڻو هو. موڪلون بہ ڪشن جون چڱيون جمع ٿي ويون هيون. اِنڪري آفيس هن کي موڪل ڪان نہ نٽو ڪري سگهي. ڪشن موڪل تي هلي ويو، مان رهجي ويس اڪيلو.

صاحب جو حڪم ٿيو، ”تون ايترا ڏينهن ڳوٺ وڃڻ بند ڪري ڇڏ... جيترا ڏينهن ڪشن موڪل تي آهي... اوترا ڏينهن ڪوٺيءَ ۾ رهجانءِ.“

مان ڪوٺيءَ ۾ ئي رهڻ لڳس. اوترا ڏينهن ڪورٽ ۾ آواز ڏيڻ لاءِ ڪنهن ٻئي اَردليءَ جي ڊيوٽي لڳي ويئي هئي، هن جو ڪم فقط ڪورٽ ۾ ئي هو. هوُ ڪوٺيءَ تي نہ ايندو هو. ڪوٺيءَ ۾ منهنجو ئي ڪم هو.

مان سوير صبح جو اُٿندو هوس. صاحب لاءِ چانهہ ٺاهيندو هوس. پوءِ صاف - صفائي ڪندو هوس... نيرڻ ٺاهيندو هوس... ڪپڙا اِستري ڪندو هوس... بوٽن تي برش گهمائيندو هوس... صاحب جي پڳڙيءَ جي پوٽي ڪرائيندو هوس... صاحب کي ڪورٽ موڪلي پوءِ بصرن جي ڪيارين مان پاپُلرن ۽ اڇاڻ جا ڪريل پتا چونڊڻ ويهي رهندو هوس.

صاحب اڱڻ ۾ ڪريل پاپُلن جي پَتن (پَنن) کي ڏسي ڏاڍو چِڙندو هو، ”اويي... هڪ بہ پَتو ڏسڻ ۾ نہ اچڻ کپي مونکي.“

مان سچو ڏينهن پَٽا چُڱندو رهندو هوس، پاپُلر پٽا ڪرندا رهندا هئا... ٿوري ئي هوا لڳندي هئي، تہ پَٽن جا ڍڳہ سڄي اڱڻ ۾ پکڙجي ويندا هئا...

پٽا ڪرندو ڏسي هڪ ڏينهن صاحب چيو، ”اوبي ڳالهہ ٻُڌ، مونکان پوءِ گهر ۾ ڪو ڪم -ڌنڌو بہ ڪري ڇڏيندو ڪر... ڇا ڪندو آهين مونکان پوءِ... ٻڌاءِ مونکي... فقط اها تُنبي ئي نہ ٽُنڪائيندو رهندو ڪر... ڪم گهڻا ئي پيا هوندا آهن.“

ويهن - پنجويهن ڏينهن ۾ ئي مونکي صاحب جو سُڀاءُ ڪجهہ - ڪجهہ بدليل لڳو. ائين ئي نندي-نندي ڳالهہ تي صاحب چِڙڻ لڳو هو. هڪ ڏينهن چوڻ لڳو، ”اوبي نِندرِي-جندري، ٻُهاري نہ پاتئہ... اڄ تون خالي ويهي ڇا ڪندو رهئين...؟

مون سُپاويڪ ئي چيو، ”سائين، ٻُهاري ڳولهي - ڳولهي ٿڪجي پيس مان... مليو ڪونہ... سَر، توهان تہ نہ ڏنو ڪٿي رکيل؟“

اِهو ٻڌندي ئي صاحب ڏاڍو چِڙجي ويو، ”مونکان ٻُهاري ٿو پڇين؟ مان ٻُهاري جي چوڪيداري ٿو ڪريان هتي؟ مان هتي ٻُهارو سنڀاليان تنهنجو؟ مون کان ٻهارو ٿوو پڇين مُڙکہ...“

صاحب کي چِڙيل ڏسي مان کسڪي ويس.

وري منجهند جو بصرن جي ڪِيارين مان پَٽا چُڱڻ ويهي رهيس. صاحب مٿو ڌوئي نڪتو هو. اڱڻ ۾ ڪرسيءَ تي ويهي اُس ۾ وار سڪائڻ لڳو. مون پَٽن جي ٽوڪري پَري ۽ اُٿيس. بنا سوچي سمجهئي ئي صاحب کان پڇي وينس، ”سَر جِي، اڳ ۾ جنهن کڏ ۾ پَٽا ڦٽو ڪندو هوس، اُهو تہ پرجي ويو... هاڻي ڪٿي ڦٽي ڪريان؟“

اِهو ٻُڌي صاحب کي جڻ باهہ وٺي ويئي، ”منهنجي مٿي تي ڦٽي ڪر. پاڳل... عقل جا انڌا... مونکان ٿو پڇين... ڪٿي ڦٽي ڪريان پَٽا... باهر ڦوڪ انهن کي؟ ڪرين ڇا ٿو... مونکي ڦٽا ڪرڻا آهن پَٽا... اُلو سالو...؟“

صاحب جون دَبون ڪائي ڪونيءَ کان باهر اچي ويس ۽ ٽوڪري اُن ئي کڏ ۾ اچي ڦٽي ڪئي. کڏي ۾ ٽوڪري ڦٽو ڪندي منهنجي منهن مان نڪري ويو، ”وٺ ڦٽو ڪيا تنهنجي مَٿي تي پَٽا.“

خبر ناهي ڇو، صاحب جو سياءُ ڏينهون-ڏينهن ڇڙڇڙو ٿيندو پئي ويو. مان چُپ-چاپ رهڻ لڳس. صاحب مطلب سان، ٿوري ۾ ئي ڳالهائيندو هو... ڪڏهن گيتن جي يا ٽُنبيءَ جي باري ۾. ڪا فالتوُ ڳالهه ڪونه ڪندو هو. مان سوچيندو هوس... صاحب کي ڪو گهروُ ٽينشن هوندو. زال وڙهندي هوندس... يا هتي نه ايندي هوندس، يا پيو ڪو گهروُ مسئلو هوندس. هر وقت منهن سُڄائي رکندو آهي.

رات جا ساڍا ڏهه وڄي ويا، صاحب پنهنجي بيڊروم ۾ پيگ لڳائي رهيو هو... موڊ ناهي رهيو هو. اڃان تائين روٽي ڀاڄي ناهڻ جو ڪو حڪم نه ڏنو هو. مان حڪم جي اِنتظار ۾ وينو هوس. صاحب روٽيءَ جو آرڊر ان ڪري نه ڏنو هو جو هاڻي مان ڪهڙو ڳوٺ ويندو هوس، ڪوٺيءَ ۾ ئي سمهندو هوس. ان ڪري صاحب روٽي کائڻ ۾ دير ڪرڻ لڳو هو.

پوڻي يارهان ٿيا هئا. اڱڻ ۾ چڱي اونده هئي. مان ٻاهر وينو هوس. صاحب اندران آيو... اڄ ڪجهه وڌيڪ ئي پيتل لڳي رهيو هو... ايندي ئي چيائين، ”اويي مراسِي، ڪيئن وينو آهين ڇڻ ڪڏُن جي واپار ۾ نقصان پئجي ويو هجيئي؟ اڄ دال-ڀاڄي ڪهڙي ناهي اٿيئي، هوُڇوڪرا...؟“

مان ’مراسِي‘ اکر ٻڌي ڏاڍو عجب ۾ پيس... ته مان وري مراسِي ڪٿان جو؟ مان ته ڪترين جو پٽ آهيان. ٽُنبي وڄائڻ سبب يا ڳائڻ سبب ئي صاحب مراسِي چيو آهي.

مون چيو، ”سَر، توهان اڃان تائين ڪو حڪم نه ڏنو آهي... ٻڌايو ڪهڙي ڀاڄي ناهيان... هاڻي ئي ناهي ٿو وٺان.“

”ڀاڄي؟ تون هيئن ڪر، اڄ تازو-تازو واڱڻ توڙي پُرچي ناهي وٺ... اُن ۾ اَدرڪ، بصر، ٽماٽو سڀ ڪجهه وجهه...“ صاحب ٻاڙي ۾ لڳل واڱڻن کي ڏٺو... جيڪي اونده ۾ چڱيءَ طرح ڏسڻ ۾ نه اچي رهيا هئا.

”اَڇا سَر جي... مان واڱڻ توڙي کٽي ٿو اَچان.“

”اَڙي بيهه اوييي... بيهه مُراسِي... بيهُ، اونده آهي... مان بئٽري چالو ٿو ڪريان... تون واڱڻ توڙ.“

صاحب بئٽري چالو ڪري روشني ڪئي. مان اڳتي-اڳتي وڌي اڃان ڪياريءَ

۾ وڃي ئي رهيو هوس تہ ڪو ڪوئو يا ٻلي يا اُن جو ٻچو ٻوٽن جي وچ مان زوردار ڊڪيو... خبر ناهي ڇا هو ۽ ڪٿي ويو؟ ٻوٽا تيزيءَ سان لُڏيا... مان ۽ صاحب پنتي پيٻاسين. صاحب تہ پڇندي-پڇندي ڪوٺيءَ جي در پاسي وڃي بيٺو.

”اوييي اِهو ڇا هو مراسِي؟ ڪو نانگ-وانگ ئي نہ هجي ڙي... سالو سُرر-سُرر ڪري پڃي ويو... ماريس پُرتي جي... صابُت (سچو ئي) ڪٺُلي ناهي ڇڏيس... ڙي... نئون ئي معاملو شروع ٿيڻ لڳو آهي... او هو...“

جڏهن مون صاحب کي پنتي پڇندو ڏٺو نہ مونکي کِل اچي ويئي هئي. کل مون تمام مشڪل سان روڪي هئي جو ڪٿي صاحب غاريون ئي نہ ڏيڻ لڳي تہ تون کلي ڇو رهيو آهين.

”او ڪنجر مراسِي، مري ويو هوس اڄ تہ...“

صاحب جو ساهہ هيٺ-مٿي ٿي رهيو هو. مونکي اِن ڳالهہ تي بہ عجب لڳي رهيو هو تہ هيِ منهنجو نالو مراسِي ڇو رکي رهيو آهي؟ وري اُها ئي ڳالهہ سوچڻ لڳس تہ ٽُنبيءَ سبب ئي چوندو هوندو ۽ داروءَ جو نشو بہ اَٿس. کهڙي خبر، صبح جو پاڻيهي ڇوڙ بند ڪري... مراسِي.

”ڪشن سالو موڪل تي هلي ويو... ۽ هتي اَڌ رات جو جيڪڏهن نانگ ڏنگ هڻي ها، پوءِ ڇا ٿئي ها...؟ مان ناهيندس هُن کي غلام... اَچي وڃڻ ڏئي هن کي... ۽ تون... تون ليڪ ٿهيل گهُمي رهيو آهين... جِي مان يَملي جَت جو چيلو آهيان... سپني ۾ پلي ئي يَملي جَت کي نہ ڏٺو هجيئي ڪڏهن... مونکي پلي هاٿي ٻلي چڪ پائي وڃي ها...“

مون چيو، ”سَر... اڄيان مان هوس... جيڪڏهن نانگ ڏنگ هڻي ها تہ پهرين مونکي ڏنگ هڻي ها... جيڪڏهن ٻلي چڪ پائي ها... تہ پهرين مونکي چڪ پائي ها... توهان تہ بٽري کڻي ڇڱو پنتي هلي رهيا هئا...“

”اَڇا-اَڇا... مونکي صَفائي نہ ڏئي... جيڪڏهن نانگ ڏنگ نہ هنيو آهي تہ هاٿي کڻي اڄ ٻاڙي مان نانگ پڪڙي... اڄ... اڄ ڏنگائي ڇڏ... وڃ...وڃ... گڏوگڏ ٻلي بہ پڪڙي اڄجانءِ... اڄ، نانگ ۽ ٻليءَ کي گڏ ڪري ڇڏ... ڪرائي ڇڏ مون تي حملو، جيڪو تون ڪرائڻ ٿو چاهين...“

مان عجب ۾ هوس تہ صاحب اُلٽو مونکي ئي ڇڙٻي رهيو آهي. اهو تہ

ماتيلن جهڙا تعنا هڻي رهيو آهي. مان ڏاڍو اُداس ٿي ويو هوس. منهنجي دل ڪوئيءَ مان پڇي وڃڻ لاءِ مَڇلِي رهيو هو.

’’تُنبيِ وڃائيندي تون ٿڪجين نٿو... ڪم ڪير ڪندو منهنجا؟ اهي سڀ مراسين جا ڪم آهن... مراسِي وڃائيندا آهن تُنبيون... ڪر من-مرضيون... وڃائي تُنبيون.‘‘

صاحب پنهنجو پاڙيهي بنا سبب چوندو پئي ويو. اڳ ۾ ئي تمام گهڻو پِي چڪو هو.

’’اَڙي مراسِي.‘‘ صاحب رڙ ڪئي... ’’اويي مونکي نہ ڪاٺو آهي ڪاڏو ٻاڏو اويي... رهڻ ڏي ڪاڏو... مونکي سمهڻو آهي مراسِي... مونکي سمهڻو آهي.‘‘ صاحب جي زبان بہ ٻاتي ٿي رهي هئي.

’’سَر، هاڻي دال تہ چڙهائي (رکِي) ڇڏي آهي... اِجهو ٺهي ويندي.‘‘

’’اويي مونکي نہ ڪاٺو آهي مراسِي... مونکي نہ ڪاٺي آهي... صبح جو ناهي ڇڏجانءِ داليون-واليون... رکي ڇڏ... رهڻ ڏي مراسِي... ڇڏ... رهڻ ڏي.‘‘

هاڻي مان ڇا ٿي ڪري سگهيس؟ پنهنجي روٽي بہ ڪيئن ناهي ٿي سگهيس... جيڪڏهن صاحب جي روٽي ناهيان ها، تڏهن ئي پنهنجي ڪاوان؟ صاحب روڪي ئي ڇڏيو هو. مان عجب ۾ دکي ۽ ٻُڏل من سان ٻُڪئي پيٽ پنهنجي ڪمري ۾ اَچي ليٽي پيس. ننڊ ڀلا ڪيئن ايندي، اُلٽو صاحب جا اکر، ’اويي مراسِي، اويي مراسِي‘ منهنجي ڪنن ۾ گونججِي رهيا هئا.

ليٽيل-ليٽيل مان پنهنجي پيوشيہ (مستقبل) جي باري ۾ سوچڻ لڳس تہ منهنجي سڄي عمر هتي... ان ئي ڪم ۾ گذري ويندي؟ اِهو سوال مون پنهنجو پاڻ سان ڪيو... ڪو جواب نہ هو. ڇا... مون وانگر ئي آهن سڀ اَردلي؟ ڇا سيني سان ائين ئي ٿيندو آهي؟ ڇا... سڀ صاحب منهنجي اِن صاحب وانگر ئي هوندا آهن؟

هڪ سوال پئدا ٿيندو هو، اُن ئي نموني بيٺل رهندو هو ۽ اِن سان گڏ ئي نئون سوال اُٿي کڙو ٿيندو هو.

سوالن ۾ گهيريل کي خبر ناهي ڪڏهن ننڊ اَچي ويئي.

P P P

جڏهن جاج کي مينهن سوکڙيءَ طور ملي !

کشن موکلون ڪاٽي ايندو. اچي ڪم سنڀاليندو... ۽ منهنجي جان ڇُٽندي. پوءِ مان اڳ وانگر روز ڳوٺ ويندس، ۽ کشن کي تعنو به هڻندس ته مونکي ڦاسائي پاڻ ڀڄي وئين تون...؟

مڇهند جو صاحب ’مراسِي‘ چئي نه سڏ ڪندو هو. رات جو ئي هن کي مراسي ڏسڻ ۾ ايندو هو. جڏهن صاحب ڍُڪ لڳائي ڇڏيندو هو ته پوءِ ”اوبي مراسِي - اوبي مراسِي.“

”اوبي مراسِي، هاڻي تو ڪڏهن تُنبِي نه وڄائي اوبي... ڇا ٽُٽي پيئي تُنبي تنهنجي...؟“ هڪ رات جو صاحب چيو.

”سَر جِي، تُنبِي ڇا ٽُٽندِي، توهان ئي غصي ۾ هوندا آهيو، تُنبِي ڇا ڪري؟“ مون همٿ ٻڌِي چيو.

”اَڙي نه مراسِي، مان ڇو غصو ٿيندس... ڪٺي اچ تُنبِي... ڪٺي اچ... ڪٺي اچ... وڄائي تُنبِي اچ... ڪٺي اچ ڪوڪي تان لاهي... ٽُنگ - لُنگ... لُنگ... ڪوڪي تي ڦاسيءَ تي لٽڪائي اٿيئي ٽُنگ - لُنگ پنهنجي، اڙي ڪٺي اچ...“

صاحب روز وانگر موڊ ۾ هو. مان تُنبِي ڪٺي آيس.

سَر جِي، ڪهڙو گيت ٻُڌايانوَ.“

”اوبي ٻڌائي، جيڪا مرضي هجيئي ٻڌاءِ يَملي جا... وڄائي - وڄائي هاڻي تُنبِي.“

”سَر جِي، منهنجي اُستاد يَملا جيءَ جو هڪ گيت آهي... ٻُڌو ذرا هيءُ گيت... ماڻهن کي ڏاڍو وڻندو آهي.“ مون ڳائڻ شروع ڪيو :

اَصليت نوُن جو پُل گَيا، او نَقل نوُن اَپنا رهئه...

اَپنِي نظر مَئن ويکيا، بندي نوُن بندا ڪا رهئه...

صاحب مٿو ڌوڏي - ڌوڏي جهوُمِي رهيو هو. جڏهن مان ڳائي بيهس ته صاحب ڏاڍي عجيب ڳالهه چئي. چوڻ لڳو، ”اڙي مراسِي، جيڪڏهن تون اِها ئي تُنبِي ڪٺي بسن ۽ ٽرينن ۾ ماڻهن کي گانا ٻڌائين... ۽ هٿ ۾ هڪ ڪٽورو

ڪٽين... تہ توکي ڪڏهن ڪو نقصان نہ ٿيندو... پئسن سان ڪٽورو ڀرجي ويندُئہ...‘‘

۽ پوءِ صاحب پاڻيهي ڏند ڪڍي کلڻ لڳو، ’’هيِ... هيِ... هيِ...‘‘

اِهو ٻڌي مان ڏاڍو ڏُکي ۽ عجب ۾ پيس ۽ سوچيو تہ اُن ڏينهن تہ صاحب چئي رهيو هو تہ جيڪڏهن تون پروگرام ڪرين... اِسٽيجن تي گيت ڳائين تہ سُنا پئسا ڪمائي سگهندو آهين... تو وٽ گُڻ آهي، اڄ ڇا بڪواس ڪري رهيو آهي. ڪهڙو آفيسر آهي هيءُ، ڪجهہ سمجهہ ۾ نٿو اچي هن جو... سيڪنڊ ۾ ڪُجهہ ۽ سيڪنڊ ۾ ڪُجهہ ٻيو. هاڻي منهنجو مذاق اُڏائي رهيو آهي، ڪڏهن ساراهہ ڪرڻ ٿو لڳي... اها ڇا ڳالهہ آهي ڀلا؟ دماغي طور بيمار صاحب جي وَر چڙهي ويو آهيان مان.

جڏهن مان جهول ۾ تُنبِي رکي ڪوڪي تي ٽنگڻ لڳس تہ خبر ناهي ڪيئن آڱر تُنبيءَ جي تار سان لڳي ويئي، تُنبِي ٽُنڪي پيئي، ’’ٽُنگہ...گہ‘‘ مونکي ائين لڳو ڄڻ تُنبيءَ ڏاڍي غصي سان منهنجي طرف ڏسي چيو هجي، ’’اَڙي وڃ... وڏو آيو آهي ڪلاڪار، منهنجي بي عزتي ٿو ڪرائين... مونکي نہ وڄائيندو ڪر... ڪٿي آڻي ڦاسائي ڇڏيئہ مونکي اَڌِي غلاميءَ جي سنسار ۾... تون هڪ مهان لوڪ-ساز کي برباد ڪري رهيو آهين...‘‘

منهنجي گروهُ جي نشاني ’تُنبِي‘ءَ جي مان شروع کان ئي عزت ڪندو آيو آهيان ۽ اُن جي بي عزتيءَ جي باري ۾ سوچيندي مونکي سچ پچ ڏاڍو ڏکہ ٿيڻ لڳو.

* * *

هڪ ڏينهن صبح جو جڏهن مون صاحب کي چانهہ جو ڪوپ ڏنو تہ چوڻ لڳو، ’’ڳالهہ ٻڌ اويي نِندرا، هاڻي اسان گهر جي مينهن جي کير جي چانهہ پيئنداسين... اسان وٽ ڀرهينءَ تائين مينهن اَچي ويندي... پوءِ مزا ئي مزا... ۽ تون کير ڏُهي سگهندو آهين نہ؟ چارو بہ توکي وجهڻو پوندو مينهن کي.‘‘

’’سَر جيِ، مينهن کي تہ مون ڪڏهن نہ ڏُهيو آهي... چارو وجهي ڇڏيندوسانس... ڪشن کي ايندو آهي کير ڏُهڻ... اُهو ڏُهي وٺندو.‘‘

”ڪير ڏُهڻ ڪهڙو مشڪل آهي اويي؟ پهاڙ ٿوريئي ٽوڙڻو آهي؟... مون نہ ڏُهيو آهي ڪڏهن... ۽ توکي خبر ڇا آهي؟ ٿَنُون ڏُهڻ ايندو اٿيئي توکي؟ ٿُنبيءَ جي ٽنگہ-لُنگہ ئي ايندي اٿيئي؟ خبر ناهي تون ڀرتي ڪيئن ٿي وئين... آهين تون مورکہ جو مورکہ ئي...“

”هي ڏس... منهنجي خميص جو بٽڻ ٽٽل آهي... اهو لڳايئہ نہ تو... ڪير لڳائيندو ان کي... تنهنجو پيءُ؟“

مون اڳتي چيو، ”سَر جي، منهنجو پيءُ درزي ڪونهي... هو تہ ڳوٺ ۾ ڪرياني جو ڌنڌو ڪندو آهي... توهان منهنجي ماءُ-پيءُ کي...“

منهنجي ڳالهہ اڃان پوري بہ نہ ٿي هئي تہ صاحب ڪَڙڪيو، ”نڪري وڃ منهنجي ڪمري کان ٻاهر... ڪُتو ڪٿان جو.“

صاحب صبح-صبح جو چانهہ پيئندي ئي گرم ٿي ويو هو. آرتوار هو. اڄ ڪورٽ نہ وڃڻو هو. جنهن ڏينهن کان ڪشن موڪل تي ويو هو اُن ڏينهن کان مان بہ ڳوٺ نہ وڃي سگهيو هوس. مان چاهيان پيو تہ ٻن-ٽن ڪلاڪن لاءِ مونکي ڳوٺ وڃڻ جي موڪل ملي وڃي. پر هاڻي صاحب کان موڪل جي باري ۾ پڇڻ جي بہ همت نہ رهي هئي. ائين ئي بنا سبب جي چڙجي جهڳڙو ڪري رهيو هو. مان چُپ چاپ هتي-هُتي جا ڪم ڪندو رهيس.

مان عجب ۾ هوس تہ صاحب پنهنجي ڪٽنب کان بلڪل ئي ڪٽيل هو. صاحب جو وڏو پٽ ۽ ڌيءَ وديش ۾ پڙهندا هئا، اُهي ڪڏهن ڪڏهن فون ڪندا هئا. ننڍو پٽ ۽ زال موهاليءَ ۾ رهندا هئا.

هڪ ڏينهن صاحب ڪورٽ مان ايندي ئي شروع ٿي ويو، ”اويي هتي اچ، ڳالهہ ٻڌ، بيوقوف... ڪو ڪم-ڌنڌو ڪري مريل رهندو ڪر... سڄو ڏينهن منهنجي وڃڻ کان پوءِ ٿُنبي کٽي ٽُنگہ... ٽُنگہ... ٽُنگہ... مان اِها تنهنجي ٽوڙي ڇڏيندس... پوءِ چوندين... ٽوڙي ڇڏيائين...“

اِهو ٻُڌي مونکي بہ غصو اچي ويو. همت ٻَڌي مون چئي ئي ڇڏيومانس، ”سَر ٿُنبي تہ مون هاڻي ڪڏهن وڄائي ئي ڪونهي، ان جو ڪهڙو ڏوهہ آهي ڀلا سر. توهان ڪم ٻُڌايو، ڇا نہ ڪيو آهي مون... سڄو ڏينهن اخبار ۽ پاپڙن جا پَتا چونڊيندو رهندو آهيان مان... توهان جا ڪپڙا ڌوئيندو آهيان... اِستري

ڪندو آهيان ۽ جوتا پالش ڪندو آهيان... پاڇين جي سنڀال ڪندو آهيان... سڄي ڪوٺيءَ جي صفائي ڪندو آهيان... ٻيو ڇا ڪريان ٻڌايو؟'' مان روئي پيس.

مان ڪجهه ٻيو چوان، صاحب ڀڙڪي اُٿيو، ''سالو مراسي ڪتان جو... ڪُتي جي زبان اٿس... ڪيئن لڳو آهي ڀؤن-ڀؤن ڪرڻ... ڪم تون خاڪ ڪندو آهين...''

مان ڪمري کان ٻاهر اچي ويو هوس. صاحب ڪورٽ ۾ ئي ڪنهن وڪيل سان جهڳڙجي پيو هو ۽ وڪيل ڇيو هڙتائينس ته هو سيشن جج وٽ شڪايت ڪٽي ويندو. سڀ وڪيل هڙتال به ڪري پئي سگهيا. ڪورٽ مان آيو هو ۽ مون تي اچي غصو لاهڻ لڳو هو. ڪا ڳالهه ناهي، سُنا ڏينهن ايندا. اهو سوچي من کي آٿت ڏنو.

''اڙي، هتي اچ.'' لڳه ڀڳه ڏهن منٽن کانپوءِ صاحب آواز ڏنو، ''ڇانهه ناهي اويي سُني.''

اڄ نئين شادي ڪيل مينهن اچي ويئي هئي. ڪنهن ڳوٺ جو زميندار ڇڏي ويو هوس. اها خريد ڪري نه آندي ويئي هئي. مونکي ته ڪتان خبر پيئي ته مينهن ڇڏي وڃڻ وارن جَتن جو ڪيس صاحب وٽ آيل هو. ائين قانوني طور ته ڪيس اُنهن جي حق ۾ ئي ٿيڻ وارو هو پر وڪيل اُنهن کي ڇٽي سوکڙيءَ طور صاحب کي مينهن ڏياري هئي.

مينهن ڳوناٽي هئي. ڏٽي-مُٽي... ٻي شادي ڪيل. نئين جڳهه آيل هئڻ سبب زور-زور سان رنيائي رهي هئي. آسي-پاسي جي سيني ڪوٺين ۾ مينهن جا 'سُريلا آواز' گونججي رهيا هئا. مينهن کي ان نموني ڏسي صاحب چِڙندو رهندو هو، ''اَڙي هتي اچ، هن کي چپ ڪرائي منهنجي ساليءَ کي، ڪيئن رنيائي رهي آهي؟... گهر ۾ آئي آهين... هيءَ کهڙي ڪاسائيءَ جي حويلي آهي... هوُن... ڪيئن رنيائي رهي آهي حرامي...''

صاحب کي چڙجندو ڏسي مونکي ڪل اچي ويئي پر منهن ڪولي نه کلي سگهيس، اندران کُلي ڪري کلي رهيو هوس. هتي ته کلڻ تي به بندش هئي. گن مٺن لڪي کلندا هئا. ريڊر ۽ اِسٽئنو به ڪورٽ ۾ ڪڏهن به کلندا نه ڏٺا ويا

هئا. عجيب تماشو هو... مون موقعي جي نبض سڃاڻي صاحب کي چيو، ”سَر جيِ، منهنجي ڳالهه ٻُڌو... هيءَ تہ پوءِ بہ مينهن آهي جيِ... جڏهن کا نئين -نئين ڪُنوار ساهري گهر ويندي آهي تہ اَجنبي پٽو تہ محسوس ڪندي ئي آهي جيِ... هيءَ بہ ڪندي ئي...“

اهو ٻُڌي صاحب کي بہ ڪل اچي ويئي، ”ڳالهہ ٻُڌي ڙي... ڳالهيون نہ ڳنڍ گهٽيون... هن پنهنجيِ پيڻ کي چُپ ڪرائي... ڪين رڙيون ڪري رهي آهي سالي.“ صاحب جي ڪل تي مونکي ڏاڍي خوشي ٿي تہ شڪر آهي پڳوان جو.

مون وري موقعو ڏسي تعنو هنيو، ”سَر جيِ، ماڻهو چوندا آهن تہ مينهن جي اڳيان بين وڄائڻ مان ڪهڙو فائدو... تہ وٺو پوءِ اسين مينهن جي اڳيان تُنبي وڄائي ٿا ڏسون... ڪهڙي خبر ڪم ڪري ئي وٺي تُنبيِ... تُنبي ڪٺي وڄايان جيِ؟ ڪٺي اچان هن جي سامهون؟“

صاحب وري ڪليو ۾ هِتي -هُتي گهمڻ لڳو، ”هي... هي... ڏس ڪيڙيءَ کي ڪيئن آسمان مٿي تي کنيو اَٿائين...“

صاحب مينهن ۾ اُن جي ٻچي کي ٻُچڪاريو ۽ پوءِ ڪمري ۾ وڃي گهُسيو. جڻ مينهن ۾ اُن جي ٻچي هن جي پرواهہ ئي نہ ڪئي هجي، هوندين تون جج پنهنجي گهر ۾... هلندو ٿيِ... آيو آهي وڏو جج... ڪهڙو تون اسان کي ڦاسيءَ تي چڙهائي ڇڏيندين.

ماءُ ۽ ڌيءَ ٻئي ملي ڪري... گلو ڦاڙي -ڦاڙي گيت ڳائي رهيون هيون... مان اندر ئي اندر ۾ ڏاڍو کلي رهيو هوس... اِن موقعي تي مونکي سُريندر ڪَور ۽ پرڪاش ڪوَر جو ڳايل گيت ياد آيو:

ماوان تي ڌيِيان رَل بَئِنيِيان نيِ مايي
دووين ڪَرديِيان گَلان نيِ پئِيِيان.

P P P

هڪ نئون ڪم

مني-مني اُس سني لڳندي هئي. اڄ سرڪاري موڪل هئي...ڪو ڏڻ-وار هو. صاحب کي اڄ سڄو ڏينهن گهر ۾ ئي رهڻو هو ۽ مونکي ڏٻون ڪيڏيون هيون. پيو صاحب کي ڪم ئي ڪهڙو هوندو هو؟ ڪورٽ کان ڪوٺي... ۽ مونکي ڏڙڪا ڏيڻ. پيو ڪو آهي به ڪونه، صاحب ويچارو جهڳڙو ڪري ته ڪنهن سان...؟

ڪيسن جا فائيل ته هو صبح-صبح جو ئي پڙهي چڪو هو. پهرين روز وانگر سنان ڪيائين، مٿو ڌوتائين ۽ وار سڪائڻ لاءِ اُس ۾، اڱڻ ۾ ڪرسيءَ تي ويهي رهيو... سڄ جي سامهون مٿو ڪري وار سُڪائڻ لڳو. مان هِتي-هُتي ننڍا-وڏا ڪم ڪري رهيو هوس.

”اويي تُنبي ماسٽر... هتي اچ... اڄ توکي ڪم تي لڳايان... هتي اچ.“

”ها جي سَر... حڪم جي.“

”وڃ اَندران تيل جي شيشي ڪڍي اچ... منهنجي مٿي تي لڳائي، ڏسون ٿا توکي ائين به ڪرڻ ايندو آهي يا نه... يا فقط ٽنگ-لُنگ ئي ڪرڻ ايندي اٿيئي.“

صاحب جو حڪم مڃيندي تيل واري شيشي اندران ڪڍي آيس. اڳ مون ڪڏهن به ڪنهن جي مٿي ۾ تيل سان مالش نه ڪئي هئي ۽ نه ئي ڪنهن کان ڪرائي هئي. شيشي کولي... هٿن تي تيل لڳايو... ۽ صاحب جي وارن کي لڳائڻ لڳس.

”صحيح طريقي سان لڳائجانءِ اويي صحيح طريقي سان... لوئندڙين تي به لڳاءِ ٿورو... ڪنن جي مٿان ڪر ٿورو... چڱيءَ طرح...“

”اَڇا جي سَر.“

مان صاحب جي هڪدم وچ تي آڱريون ڦيرڻ لڳس.

”اَڙي ائين نه... پنيان کان وار پڪڙ پهرين... پوءِ وچ کان اُنهن سان گڏ مالش ڪر... توکي مٿي تي مالش ڪرڻ به نٿو اَچي اُلوُ.“

”نہ جيِ... ايندي آهي... ڏسندا وڃو، چڱيءَ طرح ڪندس...“ منهنجي ڳالهہ ٻُڌي صاحب وري پڙڪيو، ”اَڇي ٿي توکي خاڪ... ڳالهين ڪان سواءِ ايندو ڇا آهي توکي...؟“

”خاڪ“ اکر تي مونکي وري کل اچي ويئي... ڪيتري سهڻي اکر جو اِستعمال ڪيو هو صاحب...!

مان چُپ ڪري صاحب جي ٻُڌي رهيو هوس ۽ متي تي جيڪو تيل لڳائي رهيو هوس... خبر ناهي هلي رهيو هو يا اُهو ڪٿي سمائجي رهيو آهي. خشڪي ئي خشڪي هئي صاحب جي متي ۾. مان سنواري-سنواري متي تي مالش ڪري رهيو هوس... صاحب کي جڻ ڏاڍو آنند محسوس ٿي رهيو هو.

واہ اوبي نِندريا... توکي تہ ڀائي متي تي مالش ڪرڻ بہ اَچي ويئي... ها... واہ ڀائي واہ... نيڪ سان... اجان نيڪ...“

لڳ ڀڳ پندرهن منٽن ۾ مان ٿڪجي پيس. صاحب اَکيون بند ڪري آرام ڪري رهيو هو. جڏهن هوُ چوي مونکي... تڏهن هٽڻو هو پر هوُ جلدي هٽڻ لاءِ مونکي چوندو لڳي نہ رهيو هو. پوءِ مون ئي پڇي ورتو،

”سَر جيِ... اجان مالش ڪريان يا بس ڪريان؟“

”اوبي مورکہ ڪتان جا، ايترو جلدي ٿڪجي پئين؟ بيدا ڏيٺا اٿيئي وڃي ڪٿي؟ آڱريون ڦير وچ-وچ ۾.“

مان آڱرين جو ڦڻڻو ناهي صاحب جي وارن ۾ ڦيري رهيو هوس. ڪجهہ-ڪجهہ وار اَٽڪي رهيا هئا، ”اَڙي وار ٽوڙٽا اٿيئي... وار ڇو ٿو خراب ڪرين؟ ٽُنبي ماستر... وار ٿاهي... اِنسانن وانگر ڪم ڪر.“

پوءِ ٿوري دير ڪانپوءِ ڀاڻيهي چيائين، ”هاڻي رهڻ ڏي پڪڙيل وارن کي... مالش ئي ڪري ڇڏ چڱيءَ طرح... واہ ڀائي واہ... ها... ڀائي نِندريا هاڻي تون اڳہ ڪان وڌيڪ سمجهدار ٿي رهيو آهين... توکي عقل ايندو ٿو وڃي... آهين تہ تون سمجهدار... پر ڪڏهن-ڪڏهن مورکن جهڙيون ڳالهيون ڪندو آهين... مان سڀ هٽائي ڇڏيندس تنهنجيون اهڙيون ڳالهيون... ڏسندو وڃ...“

صاحب بنا پيئڻ جي ئي هتي-هُتي جون هٽي رهيو هو. سخت اُس ۾ صاحب کي متي جي مالش ڪرائڻ ۾ ڏاڍو مزو اچي رهيو هو. متي ۾ تمام گهڻو تيل سِمِي وڃڻ ڪري بہ ڏاڍو فرق لڳي رهيو هو تہ صاحب کي ڪجهہ ’عقل‘

آيل لڳي رهيو هو. مان صاحب کي چوڻ ٿي وارو هوس تہ توهانجي مٿي ۾ خشڪي ڏاڍي آهي... تڏهن توهان جو سياءُ خشڪ آهي... هاڻي خشڪي ختم ٿي ويئي آهي تيل سان... هاڻي توهان جو سياءُ بہ بدلجي ويندو... تيل وانگر ملايم ٿي ويندو سياءُ توهان جو... پوءِ سوچيو وچڻ ڏيان... ڪهڙي خبر... گرم ٿي نہ ٿي وڃي ۽ وري گاريون ڏيڻ لڳي.

”اوبي وچ ڪٽ آڻي رکہ هتي... مان ليٽان.“

ڪٽ بہ اچي ويئي. صاحب چيو، ”اوبي نِندريا، هاڻي وارن ۾ مالش ڪرڻ رهڻ ڏي پلي... تون اُٺين ٿي هلڪو- هلڪو هٿ منهنجي وارن ۾ هڻندو رهہ... مان ٿوري ننڊ ڪري وٺان.“

مان اُن ٿي ڪرسيءَ تي ويهي وارن ۾ هٿ هڻڻ لڳس. مونکي پنهنجو پاڻ تي ڪل بہ آئي تہ پلا منهنجو هن جي وارن ۾ ڇا گم ٿي ويو آهي... جنهن کي مان ڳولهي رهيو آهيان ۽ اُهو ملي نہ رهيو آهي؟

صاحب هڪ ننڍو کونگهرو هنيو ۽ پوءِ کونگهرا هڻڻ لڳو. مان آهستي - آهستي اُٿيس. صاحب کي ڏسي منهنجي بہ دل ٿي تہ مان بہ اُس ۾ سمهان. ٻاڙي جي پاسي گاه تي چٽائي پيئي هئي، سڌي ڪريمان ليٽي پيس. اچان مان ليٽيو ٿي هوس تہ گهر جي سامهون اَچي ماروتي اچي بيٺي ۽ پوءِ اڳتي نڪري ويئي. مونکي ائين لڳو ڇڻ منهنجو اڳلو صاحب ۽ هن جي زال ماروتيءَ ۾ اچي ويا آهن، پر هنن جو هتي ڪهڙو ڪم هو؟ ڪنهن ٻئي جي هئي اُها ماروتي، تڏهن تہ پنهنجو پاڻيهي اَڳيان هلي ويئي هئي.

هاڻي تہ صاحب، هن جي زال ۽ رنڪوءَ کي ملئي بہ دير ٿي ويئي هئي. ملڻ جو من ڪري رهيو هو پر هتي تہ مٿو کَنڻ جو بہ وقت نہ ملي رهيو هو. صاحب ڪٿي اچڻ -وڃڻ نہ ڏيندو هو. گهڻيئي دفعا مان سوچيندو هوس تہ فون ڪندوسانس. ڪهڙي خبر، رنڪو بہ اُتي آيو هجي. هُن سان بہ ڳالهہ ٿي ويندي. هوُ مونکي ضرور ياد ڪندو هوندو، منهنجو دوست رنڪوُ.

شام جو فون ڪرڻ جو من ٺاهي مون صاحب سان بهانو ڪيو،

”سَر جي، منهنجي مٿي ۾ سور ٿي رهيو آهي، بزار وڃي گوري وٺي اچان؟“

”تنهنجي مٿي ۾ ڪيئن سور ٿي رهيو آهي، مٿو تہ تو منهنجو سور ڪري ڇڏيو، هڪ- هڪ وار ٽوڙي ڇڏيئہ منهنجي مٿي جو... مالش بہ نٿي ڪرڻ

اچيئي، هاڻي منهنجي سيني وارن ۾ سور ٿي رهيو آهي... وار به نٿو ٿاهي سگهان مان.'' صاحب ڍلو-ڍلو ۽ رکو-رکو ڳالهائي رهيو هو.

''سَر جي، ٿي اچان بزار مان؟''

''وڃ-وڃ دَفا ٿيِ. جلدي اچجانءِ.''

پئسا خرچ ٿيڻ جي فِکر مونکي نه هئي. مان جج صاحب، هن جي زال ۽ رنکوءَ سان دل کولي ڳالهائڻ پيو چاهيان. فون گهُمايو، صاحب جي زال ئي کنيو، منهنجو آواز ٻُڌندي ئي هوءَ خوش ٿي ويئي. جج صاحب سمهيل هو. رنکو به يونيورسٽيءَ ۾ کونه آيو هو.

''ها، نِندر پُٽ، تنهنجو کهڙو حال آهي، کيئن آهي تنهنجو جج صاحب؟''

''مالڪڻ، پُڇو ئي نه، مان ڇا ٻُڌايانوَ، توهان جهڙو ٻيو کو نٿو ٿيِ سگهي، ڪٿي ڦاسائي ڇڏيو مونکي قدرت.''

چوندي منهنجو گلو ڀرجي آيو. ''تون گهبراءِ نه پُٽ، من مضبوط ڪر، اسان ته خود توکي ڏاڍو ياد ڪندا آهيون، جج صاحب به روز ياد ڪندو آهي، رنکو به پڇندو آهي، چوندو آهي ملڻ تي من ٺو ڪري... تون ڪنهن آرتوار تي اچي وڃ... بهانو ٺاهي موڪل وٺ صاحب کان... ضرور اچجانءِ...''

''چڱو مالڪڻ، پير ڇُهڻ قبول ڪجو...''

پي.سي.او واري کي پئسا ڏيئي مان جلدي-جلدي سائيڪل ڊوڙائي ڪوٺي اچي ويس.

''اويي وٺي آئين گوريون؟''

''نه سَر جي، اُتي ئي ڪائي ڇڏي، هڪ ئي ورتي هُئي مون.''

''هڪ-به بي به وٺي اچي مرين ها، ڏاڍيون ڳريون هيون گوريون؟ مورکه...''

''هاڻي وٺي اچان جيِ.''

''نه-نه، هاڻي پنهنجي مينهن ماسيءَ کي پاڻي پيار، پوئنڪندو گهُمي رهيو آهي.''

صاحب چِڙيل هو.

* * *

مينهن جي شيوا سنپال بہ مان ئي ڪندو هوس. ڪير ڏُهڻ جي ڊيوٽي اسان جي پاڙيسري جج صاحب جو اَردلي پريم نباهي ويندو هو. چارو بہ پاڙيسري جج صاحب جي گهر مان ڪٽي ايندو هو. گهٽيئي پيرا اڪيلو ئي چارو لڳائيندو هوس، پاٽيهي مشين هلائيندو هوس. چارو ڦاسي پوندو هو، ساهہ ڦوڪجيويندو هو، مشين بيهي رهندي هئي، چڙجي پوندو هوس.

شام ٿي ويئي هئي. صاحب اندر ويهي موڊ ٺيڪ ڪري رهيو هو. مونکي ڪرڻ لائق ڪو ڪم ڏسڻ ۾ نہ اچي رهيو هو. بس رنڌڻي ۾ ڪم هو، اُهو بہ ڪاڏو ٺاهڻ جو، جج صاحب کي پنهنجي من پسند پاجي ٺاهڻ جو حڪم ڏيٺو هو، تڏهن ئي نهٽي هئي. وراندي ۾ رکيل اِسٽول تي ويهي مان ڪتاب پڙهڻ لڳس.

اڌ ڪلاڪ ۾ گهنٽي وڳي.

مان اندر ويس، ”ها جي سَر.“

”هاٿي ٻڌاءِ اوپي مان ڇا ڪريان؟ مراسي، ٻڌاءِ مان ڇا ڪريان؟ منهنجا وار سوُر ڪري رهيا آهن اوپي.“

صاحب وڏيڪ ئي پيتل لڳي رهيو هو، مان چُپ چاپ سامهون بيٺو هوس. منهنجي ڳالهائڻ جو بہ ڪو مطلب نہ هو. صاحب کي تہ هِتي-هُتي جي هٽڻي هئي ۽ هٽي رهيو هو.

”اوپي مراسيا، تون چئہ هاٿي اوپي، چئين چو نٿو... منهنجي مٿي جا سپ وار چڪي چڏيَئہ... هڪ بہ وار نہ ڇڏيُئہ منهنجي مٿي جو... اوپي مون توکي مالش ڪرڻ لاءِ چيو هو يا وار چڪڻ لاءِ؟ ٻڌاءِ مونکي، چئہ-چئہ هاٿي... اوپي مراسي... گونگو ٿي بيٺو آهين... ڪا ڳالهہ نہ پت ڪا نہ... مان ٺاهيندس توکي وڏو گايڪ... ٹُنگہ-لُنگہ-ٹُنگہ-لُنگہ... سالي کي نہ عقل نہ موُت... منهنجي مٿي جا سپ وار چڪي ڇڏيائين... وار چڪي ڇڏيائين منهنجا... ڪا نہ پُٽ... تنهنجون ٹنگون مان ٹوڙيندس ڪنهن ڏينهن... هٽ اَچي وئين نہ منهنجي... توکي رستو نہ ملندو پچڻ جو... سالو وڏو گايڪ اَچي ويو... ٹُنگہ-لُنگہ-لُنگہ... مراسي ڪٿان جو، منهنجي پنيان پئجي ويو... منهنجا وار چڪي ڇڏيئہ حرامي... منهنجا وار...“

هاٿي مان بہ چوڻ بنا نہ رهي سگهيس.

”سَر جيِ، مون ڪٿي وار چڪيا آهن... توهان مٿي ۾ مالش ڪرڻ لاءِ چيو هو، مان ڪندو ويس... ائين پلا وار ڪيئن ڇڪجي ويا؟ مون ته مالش ئي ڪئي هئي... توهان تمام گهڻي مالش ڪرائيندا ويا... تڏهن ته وار سوُر ڪري رهيا آهن.“

”اَڇا؟ مونکي سمجهائي رهيو آهين...؟ مراسيِ... مٿو ڦاڙي ڇڏيندوسانءِ مان، هاءِ، منهنجا وار ڇڪي ڇڏيائين... منهنجا وار ڇڪي ڇڏيائين اوبي سالا منهنجا وار...“

بلڪل ئي صاحب جي ويڊيو فلم ٺاهڻ کپندي هئي. تماشو نه ته ٻيو ڇا هو هيِءُ؟ شروع ڪان تماشو ڪري رهيو هو صاحب... ويڊيو ٺاهي هاءِ ڪورٽ جي چيف جَسٽس کي موڪلجي ها، پوءِ خبر پويس ها !

صاحب پاڳل ٿيل ويٺل هو. مونکي ڪجهه سُجهي نه رهيو هو، ڇا ڪريان؟ ڪٿي وڃان؟ ڪنهن کي وڃي چوان ڪجهه؟ اڃان بوتل هن جي سامهون رکيل هئي. خبر ناهي اڃان ڪيترو پيِ ويندو. بس، هڪ ئي رٽ لڳائي هئائين، ”منهنجا وار ڇڪي ڇڏيَئه اوبي سالا مراسيِ، منهنجا وار...“

مان ڪمري کان ٻاهر اچي ويس. ڪشن ’ڪڪڙ‘ خبر ناهي ڪڏهن ايندو؟... منهنجو پيڇو ڇُٽندو... مونکي مشڪل ۾ وجهي هلي ويو... ڪڏهن دل ٿيندي هئي ته ڀڄي وڃان، اهڙي تهڙي هن ڪُتيِ نوڪريءَ جي... پوءِ سوچيو مشڪل سان نوڪري ملي آهي... روزگار آهي... هر ڪنهن کي هر وقت نه ملندو آهي... ڏُک کاڌي ئي سُک ملندو آهي... ڪڏهن سٺا ڏينهن به ايندا.

گهنٽي وڳي، گڏ ئي آواز آيو، ”اوبي مراسيِ اوبي.“ ڄڻ صاحب کي ڪرنٽ لڳو هجي. مان ڊڪي اندر ويس. ”اوبي ٻاهر ڇا ڪري رهيو آهين، هتي ئي ويهه منهنجي سامهون... اوبي مونکي ٻڌائي مراسيِ تو منهنجا وار ڇو ڇڪيا... ڇو ڇڪيَئه منهنجا وار؟ منهنجا وار سوُر ڪري رهيا آهن... او منهنجا دشمن... منهنجا وار... مان ڏسندس توکي ڪيئن ٿو ڪرين تون نوڪري... صبح جو ئي ڀڄائي ڇڏيندوسانءِ گهر... تو منهنجا... اڙي ڇڪي ڇڏيَئه منهنجا وار...“

مان ڏُکي ته هوس ئي، عجب اِن ڳالهه جو هو ته صاحب... ڇا ڇئي رهيو آهي... هاڻي ڪيئن پيڇو ڇڏايان؟ گهڙيال طرف ڏٺو... سادي ڏهه وڳي چڪا

هئا... پاڄي وغيره ناهڻ جو اجان ڪو حڪم نہ هو... منهنجي بيٺي-بيٺي ئي صاحب هڪ ٻيو وڏو پيگہ اندر ڦٽو ڪيو.

مون پڇيو، ”سَر جي... پاڄي ڪهڙي ناهيان جي؟“

”رَکہ ناهي ڇڏ... وار تہ منهنجي مٿي جو تو هڪ بہ نہ ڇڏيو... ڇو ڇڪيئہ وار تو منهنجا؟ مان نہ ڪائيندس تنهنجي هٿ جي روٽي مراسي... پري هلي وڃ مونکان... پري وڃ... وڃ... وڃ مان نہ ڪائيندس روٽي... وڃ... سالا مراسي...“

مان روئڻ ئي وارو هوس. من بلڪل ئي ٻُڏي چڪو هو. مان پنهنجي ڪمري ۾ آيس. ڊلي ڪٽ تي ليٽي پيس ۽ سوچڻ لڳس، ”ڪٿي اچي ڦاٿو آهيان مان... ان کان تہ مُنشيءَ وارو ڪم ئي هن کان سؤ ڀيرا سُٺو هو... تُنبيءَ وارو ڪم بہ خراب نہ هو... ٻوڳَن ۽ شادين تي ڳائيندو هوس... شان الڳہ... پئسا الڳہ... ڪَر بہ پنهنجي پوُر بہ پنهنجي... هن جنجال ۾ نہ پوان ها تہ سٺو ئي هو... منهنجي هٿان جانِ ڇُٽي... گهر وڃان.“

صاحب جا گهڻا ئي رنگہ سامهون اَچي رهيا هئا. ڪڏهن سُٺا، ڪڏهن خراب... ڪڏهن تمام سُٺا ڪڏهن تمام خراب...! ڪهڙو آفيسر آهي... پَد ڪيڏو وڏو اَٿس، جج ! اُهو بہ ڪو ننڍو-وڏو جج نہ... ائڊيشنل ضلع ۽ سيشن جج... ۽ ڪرتوُتون ڪهڙيون؟ واه او اِنسان تنهنجا روپ اَنيڪ !

P P P

ملڻ لڳيون جاچ ڪان گاريون

”اوبي، ٻهاري چڱيءَ طرح ڪونہ پاتي اٿيئي... هي باسڻ چڱيءَ طرح ڪونہ ڌوتو اٿيئي... مينهن هينئان چيٽو پيو آهي... پَتا ڪونہ ڪنيا اَٿيئي... باسڻ پڪيڙي نہ ڇڏ... صحيح طريقي سان رکندو ڪر... پوٽن جو ٻاڙو ناهي رکيو اٿيئي گهر ڪي... هوڏس جارا نہ لاٿا اٿيئي... ڪيڏا وڏا-وڏا جارا... گهاٽا... اُجڙڻ جي نشاني هوندا آهن جارا اُلوُ...؟“

صاحب ننڍي ۾ ننڍي ڳالهہ ڪي ڪوٽيندو هو. منهنجو ڪيل ڪوبہ ڪم صاحب ڪي پسند نہ پوندو هو. مان اچتي، ”ها جي... سَر جي... ها جي-جي.“ ڪندو رهندو هوس، پوءِ صاحب گرميءَ مان پاٺيهي آهستي-آهستي نرميءَ تي اچي ويندو هو. هاڻي مان گهٽو ڪري چُپ ئي رهندو هوس. ڪڏهن-ڪڏهن جڏهن مان ڪونيءَ ۾ اڪيلو پئجيويندو هوس تہ اڪيلو ويهي روئڻ جو من ڪندو هو... مان بُريءَ طرح پريشان ٿي ويندو هوس.

هڪ ڏينهن صاحب ڪي اوچتو چنديڳڙه وڃڻو پيو. رات جو فون آيو هو. صاحب رات جو ئي پنهنجي بئگ تيار ڪري رکي ڇڏي هئي. صبح جو ئي تيار ٿي... ڏاڙهي لاهي منهنجي دروازي تي نڪ نڪ ڪيائين، ”اوبي اُٿي پئہ... گهٽو سمهئين... اُٿي چانهہ ناهي... ۽ منهنجي پڳڙيءَ جي پُني ڪرائي اچ... مونکي جلدي وڃڻو آهي.“

صاحب جلديءَ ۾ هو. جلدي-جلدي پڳڙيءَ جي پُني ڪرائي رهيو هوس، ”چڪ يائي چڪ... چڪ ناهي ڪري...“ منهنجي هٿ مان پڳڙيءَ جي پڪڙيل ڪنڊ ڇڏائجي ويئي.

”پري هَٽ قِتل منهن! متي لڳائي ڇڏيئہ منهنجي پڳڙيءَ کي... هٿ ٽُٽي پيا اٿيئي تنهنجا...؟“

”سَر جي، ٿڌ آهي نہ... هٿن کي ٿڌ لڳي رهي آهي... تڏهن تہ ڇڏائجي ويئي...“

”اَچا؟ ڪم جي وقت ٿڌ ٿي لڳيئي، ٽُنگہ-لُنگہ ڪرڻ لاءِ ڪيئن ٿا

هلن هٿ تنهنجا... سچو ڏينهن... تنهنجا هٿ ڪٿي ڇڏيندوسانءِ مان...؟''

صاحب منهنجي تُنبيءَ جي پنيان پئجي ويو هو. ٿوري-ٿوري ڳالهه تي تُنبيءَ جو تعنو هڻندو هو. اڃين مان صاحب جي ڊَپَن، تعنن جي گهٽ ئي پرواهه ڪندو هوس. پوئڪي ٿو ته پوئڪندو رهي.

گهڻيئي دفعا صاحب کي چِڙ ڏياري مونکي خوشي ملندي هئي. جيڪڏهن مان ڪٿي وڌيڪ ئي ڇُپ چاپ رهندو هوس ته صاحب چئي ڏيندو هو، ''اويي تُنبي ماسترا، اڄ ته تنهنجا پينچ ڍلا آهن اويي... ڪهڙي ڳالهه آهي؟ ڪٿي اڄ... ڪٿي اڄ تُنبي... ڳائي ڳانو-وانو ڪجهه.''

مان تُنبي ڪٿي ايندو هوس، بي من سان ڪو بي سُرو گيت ڳائيندو هوس. صاحب کي اُهو به سُر ۾ ئي لڳندو هو. ''بي سُري ماڻهوءَ کي سنگيت به بي سُرو ئي سُنو لڳندو آهي.'' اها ڳالهه مون ڪنهن وڏي اُستاد لوڪ-ڳايڪ کان ٻُڌي رکي هئي. اُن اُستاد ڳايڪ اهو به چيو هو، ''اَڄڪلهه ته ٻُڌندڙ گهڻائي بي سُرا ئي آهن، تڏهن ته اُهي بي سُرن کي چاهه سان ٻُڌندا آهن. سُريلا ٻُڌندڙ گهٽ آهن ۽ اِن ڪري ئي سُريلا ڳائڻ وارا به گهٽ آهن.''

جڏهن صاحب پيگ تي پيگ چاڙهيندو هو... هُن جي سُڌ ٻُڌ گم ٿي ويندي هئي... بي سُريان هڻڻ لڳندو هو ته مان سوچيندو هوس ته هاڻي هن کي سُر ۾ ڳانو ٻُڌائڻ جي ڪهڙي ضرورت آهي؟ مان به هِتي-هُتي جون بي سُريوُن هڻي وقت ڪاٽڻ لڳندو هوس ته صاحب اُنهن بي سُرِن تي به 'واهه-واهه' ڪندو ويندو هو.

صاحب پڳڙي ٻَڌي تيار ٿيو. اَجان منجهند ڪانه ٿي هئي. چندپڳڙه لاءِ پهرين بس وڃڻ واري هئي.

''وڃ اويي رڪشا ڪري اڄ... جلدي اَچجانءِ... ۽ رڪشا واري کان پهرين پئسا ڳالهائي وَنجانءِ.''

مان ٻاهر روڊ تي آيس. ڪوبه رڪشا وارو ڏسڻ ۾ نه اَچي رهيو هو. جڻ اڄ سيني رڪشا وارن کي پڪڙي جيل ۾ وڌو ويو هجي. ٿورو اڳيان ويس ته هڪ رڪشا وارو ڪيسيءَ جو ٻلو هڻي ڪناري رڪشا ڪٽي وڃي رهيو هو. مون سوچيو، ''صاحب ضرور چِڙندو... چوندو... رڪشا به ڍنگ جي نه مليَئه توکي... پوءِ چوندو، ايتري

دير چو لڳائي ڇڏيئہ... هل اهائي ئي ٿو ڪٽان. هڪ سَواريءَ جا پنج رپيا اَڏي تائين سؤدو طئہ ٿي ويو.''

''سَر جي، رڪشا اَچي ويئي جيِ.''

''تہ هل ڪڻ اَڻيُچي...''

اَڻيچي رڪشا ۾ رکي مان ٿوري پري هٽِي بيهي رهيس.

''هل هاڻي ويهہُ... بينو ڇو آهين؟ اَڏي تان موٽي اَچجانءِ... هل گڏ...''

جڏهن مان رڪشا ۾ وينس تہ رڪشا واري زردي پريل منهن سان چيو، ''هڪ سواريءَ جا پنج ڇپيا هئا... ٻن جا تہ ڏہ لڳندا، پنج ٻيا...''

مان ڪجهہ چوان، صاحب چيو، ''اَڙي اها سوارِي ڪونهي... هيءُ تہ منهنجو اَردلي آهي... اُهو بہ اَڏ... ننڊو تہ آهي.''

صاحب جي چيل اها ڳالهہ رڪشا واري کي سمجهہ ۾ نہ آئي... هوُ اگهہ وڌائڻ تي اَڙجيِ پيو هو تہ صاحب وري چيو، ''هوُن، رڪشا آهي يا هوائي جهاز؟ هل جلدي، اڳي ئي ليٽ آهيان مان...'' صاحب چِڙجي رڪشا واري اڳيان ڏند بہ پيِسيا.

جڏهن رڪشا بيمارن وانگر لڏندي هلڻ لڳي تہ صاحب مون طرف ڏٺو، ''ڳالهہ ٻڌ... توکي عقل ڪڏهن ايندو؟ سڄي شهر ۾ توکي ڪا ڍنگ جي رڪشا نہ ملي؟ ان ڪان سنو تہ پنڌ ئي هلوُن ها... جلدي پهچون ها.''

''سَر جيِ، مان تہ سيني طرف ڏسي آيو هوس... ڪا ملي ئي ڪانہ... سَر جيِ... هيءُ تہ پَئيو آهي نہ... هيِ رات جو دير سان ئي سُمهندا آهن... ڇانور ڪائيندا رهندا آهن... ۽ پوءِ صبح جو بہ جلدي نہ اُٿندا آهن رڪشا وارا... چانور کائڻ واري ذات... تڏهن تہ نہ مليو ڪو مونکي... جيڪڏهن سنو ملي وڃي ها تہ...''

''چڱو- چڱو، پنهنجيون ئي ڳالهيون نہ ٻُنديندو ڪر... جيڪڏهن پَئيا چانور کائڻ واري ذات آهي تہ تون دماغ کائڻ واري ذات آهين... ڇوويہ ئي ڪلاڪ منهنجو دماغ کائيندو آهين... اَڏي تي ڏسجانءِ ڪيئن ڏڪا کائيندا ڦرندا آهن رڪشا وارا... سمهيل نہ اُٿندا آهن، تو وانگر آهن سڀ... تون بہ اُٿارڻ سان نہ اُٿندو آهين... ٻارهين ٻجي اُٿندو آهين.''

اوبي هل پائي هل... هلائي بہ رڪشا. اُتي ئي ڍچڪ-ڍچڪ ڪري رهي آهي.“ صاحب چيو.

ڀَئيو زور-زور سان پئبل هڻڻ لڳو. اَڌو ٿورو ئي پري رهجي ويو هو. رڪشا جي چِئن لهي ويئي. ”وت... سالي رڪشا جي... هاڻي چِئن لهي ويئي... جلدي ڪر جلدي... چِئن چڙهائي...“

صاحب مون طرف ڪڙيءَ نظر سان ڏٺو. مونکي ڊپ هو تہ ڪٿي رڪشا وارو ڀَئيو، صاحب کي ڪجھ اُلٽو سِڌو نہ چئي ڇڏي. پوءِ وواد ٿي ويندو. صاحب تہ ڪنهن بہ قيمت تي ٽرڻ وارو ماڻهو ڪونهي. ڀَئيي کي ڪهڙي خبر تي هي مانيَور جج صاحب آهن.

اَڌو اَچي ويو هو. صاحب پرس مان ڏھ رپيا ڪڍي ڀَئيي کي ڏنا. چنديڳڙه واري بس بيني هئي. ائين مسافر اُن ۾ گهٽ ئي وينل هئا. اسان پنئين دروازي طرف ٿياسين تہ اُتي ڪنڊڪٽر صاحب کي سڃاڻي ورتو. هو بہ پنهنجي محڪمي جي ڪنهن ڪيس ۾ صاحب وٽ پيشيِ ونڻ ايندو هو.

”جناب جي، سَت شري اڪال جي... او جي... چنديڳڙه ئي وڃڻو اَٿو، اچو اڳئينءَ سيٽ تي.“

ڪنڊڪٽر پنهنجي گلي ۾ پيل ڪپڙي سان ٻيون نمبر سيٽ صاف ڪئي. صاحب اُن تي وراجمان ٿيا.

”نِندري، تون ڪونيءَ کان ٻاهر ڪٿي نہ وڃجانءِ... ٻُڌي وٺ... ڪٿي ليڪن سان گڏ نہ گهمندو ڦِرجانءِ ميٽنگن ۾... مان چوٿين ڏينهن اَچي ويندس... مينهن جو خيال رکجانءِ... چڱو؟ اچ تون ڪونيءَ.“

مان پنهنجي نرالي سنسار ۾ گم ٿيل هلندو-هلندو ڪونيءَ ويو هوس. منجهند تائين لکندو-پڙهندو رهيو هوس ڇو تہ هاڻي اِن ڪم لاءِ وقت هو. ڪا روڪ-ٽوڪ ڪونہ هئي. مشڪل سان پيڇو ڇُٽو هو صاحب کان... صاحب جو ٽيپ رڪارڊر مان پنهنجي ڪمري ۾ کڻي آيس ۽ هَنس جي ڪئسيٽ ٻُڌڻ لڳس... سَرجيت پاتر جي قلم سان هَنس گيت آتما سان ڳايو :

دِل تان اُدَاس اي جيِ
باقي سَڀ خئر اي

سُني سُني راهان وِچ
ڪوئي ڪوئيِ پَنڌ اي...

اِهو گيت ٻُڌندي منهنجي دل اجان به وڌيڪ اُداس ٿي ويئي. ڳوٺ به نه ويو هوس... ڪيڏي دير ٿي ويئي هئي. منهنجي دل ٿي ڳوٺ ئي ٿي اَچان. صاحب ته چوٿين ڏينهن ايندو. مان سپاٽي ئي موٽي ايندس. صاحب کي کهڙو سپنو ايندو ته پنيان نِندر ڳوٺ ويو هو.

شام ٿي ته مون سائيڪل پڪڙي. ڪوٺيءَ جي ٻاهر واريءَ گيٽ کي تالو لڳائي، هلڻ لڳس. ڳوٺ لاءِ اجان شهر مان نڪري ئي رهيو هوس ته سامهون ايندي هڪ ليڪڪ سڄڻ ملي ويو، ”يار... جڏهن کان اَردلي ٿيو آهين، ملڻ کان به وئين. ڪٿي ڦاٿو آهين تون، هل هلون... اَڄ مشاعرو آهي، مان اُتي وڃي رهيو آهيان. تون به هل.“

ڳوٺ وڃڻ جو ويچار ڇڏي مان مشاعرو ٻڌڻ نڪري پيس. مشاعري ۾ وڏا-وڏا شاعر آيل هئا، ڏاڍي رؤنق لڳل هئي. شاعرن کي ٻُڌي منهنجي آتما خوش ٿي ويئي هئي. من کي ڪجهه شانتي ملي هئي. جيتوڻيڪ مشاعرو ٻڌندي به مونکي ڌپ هو ته ڪوٺيءَ ۾ ڪير ڪونهي، ڪٿي ڪو چور ئي نه گهُسي اچي.

پوءِ سوچيو ته جيڪڏهن چور گهُسي به آيو، ته صاحب جو ڇا ڪٽي ويندا؟ صاحب ته خود وڏو چور آهي. ڦل فروٽ ته هن کي ريڊر ڏيئي ويندو آهي. ڪير جا پئسا به پهرين هوُئي ڏيندو هو. راشن ناجَر (اِسٽور ڪلارڪ) ڏيئي ويندو آهي. اسان جي صاحب وٽ ڪجهه ڪونهي. چور ڇا ڪٽي ويندا؟ صاحب جي ڪوٺيءَ مان... اِهو سوچي مان اندر ۾ کليس.

دير رات جو مشاعرو پورو ٿيو. مان ڪوٺيءَ اَچي ويس. هاڻي ڳوٺ وڃڻ جو منهنجو ويچار سپاٽي شام جو هو. رات جو ڳوٺ ۾ هي صبح-صبح صاحب جي اچڻ کان اڳ ئي ڪوٺيءَ اَچي ويندس.

ڳوٺ وڃي ائين لڳو ڄڻ جيل ڪاٽي آيو آهيان.

ليڪڪ دوستن جا خط به آيل هئا. خطن ۾ هڪ سرڪاري خط به هو، آل اِنديا ريڊيو جالنڌر مان هڪ پروگرام پيش ڪرڻ لاءِ. مونکي خط ڏسي خوشي به

ٿي ۽ چنتا بہ. خوشي اِن ڳالھ جي تہ ريڊيو تي ڳائڻو آهي ۽ چنتا اِن ڳالھ جي تہ خبر ناهي صاحب وچڻ ڏيندو يا نہ. مشڪل سان تہ پروگرام مليو آهي. لوڪ-ڪٿائون ڳائڻيون هيون.

ممي ۽ ڊئڊيءَ سان بہ گھڻن ئي ڏينهن ڪانپوءِ مليو هوس... هوُ بہ ڏاڍو خوش ٿيا. اِنڪري ڳوٺ ۾ رات ڪاٽي ريڊيو وارو خط جھولي ۾ وجھي سائيڪل شهر طرف پڄائي.

پنهنجن ئي ويچارن ۾ گم ۽ تيز-تيز سائيڪل هلائيندو سهڪندو جڏهن مان ڪوٺيءَ جي سامهون پهتس تہ خيسي مان چابِي ڪڍي تالو کولڻ لاءِ، پر چابِي ڪنهن کي لڳايان ها؟ تالو تہ اُتي هو ئِي ڪونہ. مان گھبرائجي ويس تہ تالو ڪٿي ويو؟ ڪير ڪٽي ويو تالو؟ اندران ڪَڙِي ڏنل هئي... پِٽ ٽپي اندر ويس، ورانڊي وارو دروازو بہ اندران بند هو، اُن جو بہ تالو خبر ناهي ڪٿي هو... هَئِن، هي ڇا؟ اندر ڪير گھُسيو؟ ڪٿي صاحب ئي تہ نہ اَچي ويو رات جو؟ مونکي ڪجھ سمجھ ۾ نہ اَچي رهيو هو.

مينهن کي وٺاڻ مان ٻاهر ڪڍيو ۽ ڄاڻي-ٻُجھِي مان مينهن کي زور-زور سان ”هي-هي-هي“ ڪرڻ لڳس. منهنجو آواز ٻُڌي صاحب ورانڊي وارو دروازو کوليو.

”ڪٿان ٿي آئين... تنهنجِي... اويي...“

صاحب دروازي جي پنيان وارو ڏنڊو ڪڍي رکيو هو. مان مٿو جھُڪائي بيٺو هوس. صاحب گاريون ڏيندو پئي ويو. ڏنڊو هٿڻ جي ڪَسر تہ بس ائين ئي پوري ٿي ويئي هئي، جيڪڏهن مان صاحب جي ڪجھ وڏيڪ ويجھو هجان ها تہ ڏنڊو پئجي ئي وڃي ها.

”حرامِي ڪتا... جڏهن مان توکي چئي ويو هوس تہ تون ڪٿي نہ ويندين... چو وئين تون... ٽوڙيان تنهنجون ٽنگون سالا... وڏو آيو آهي گايڪ؟ مان پُڇِئِن ٿو ڪٿان پيو اَچين...؟“

”سَر جي ڳوٺ ويو هوس.“ منهنجي منهن مان مشڪل سان آواز نڪتو.

”اَڇا؟ ڪير مري ويو هو ڳوٺ ۾؟ هَئِن؟ اويي ڇا هو ڳوٺ ۾؟ ڇا هو اويي؟ ڪنهن جي نينڊ ملي هئي توکي ڳوٺ مان؟ ٻڌاءِ مر... ڳالهائين

چو نٿو هاڻي اوبي... سالو پاند ڪٿان جو... هاڻي زبان ڪَٽجي وئي تنهنجي؟ ٻڌاءِ؟''

مان روئڻ لڳس.

''ناٽڪ نہ ڪر منهنجي سامهون... پاڪندي؟ مور ڪہ پلئہ پئجي ويو منهنجي... ڪهڙ مونکي دوکي ۾ رکندو ٿو اچين... مونکي ڪجهہ نٿو سمجهين...''

چوندي-چوندي صاحب اَندر هلي ويو. مان ڏاڍو اُداس ٿي وراندي جي ڏاڪڻ تي ئي ويهي رهيس. پنهنجو پاڻ تي روئي رهيو هوس تہ قسمت ڪٿي اچي ڦٿو ڪيو آهي مونکي.

هاڻي ريڊيو واري پروگرام جي چنتا اَجان بہ وڌي ويئي هئي تہ صاحب بلڪل ئي وچڻ نہ ڏيندو. اجان پنج ڏينهن پيا هئا وچڻ ۾.

ڏينهن گذريو. شام تائين صاحب بلڪل ٺيڪ ٿي ويو هو، ڄڻ صبح واريون سڀ ڳالهيون پُلجي ويو هو هوُ. حقيقت اها هئي تہ صاحب جي منهنجي بنا سڙندي بہ نہ هئي ۽ نہ ئي منهنجي صاحب بنا. مان هُن جو اَردلي هوس، هُن جو ڪم ڪرڻ جا ئي مونکي پئسا ملندا هئا. اَردلي ۽ ڪورٽ جو رشتو ڏاڍو گهِرو ٿيندو آهي... جيئن مُنشِي (اِنسپيڪٽر) ۽ ٿاڻي جو رشتو.

شام ٿي... صاحب موُڊ ناهي رهيو هو. مون ٻاري مان بہ ڊگهيون موُريون ٿوڙيون... ڏوتيون... ڇِلي ڪَٽيون... مٿان لوڻ ڇڙڪيو ۽ صاحب جي سامهون ميز تي رکي ڇڏيون.

''اوبي اچ پائي نِندرا، پوءِ چا ٿي چوي تنهنجي تُنبِي؟ ڪندي آهي ٽُنگہ-لُنگہ اوبي.''

صاحب موري کائي خوش هو. مون موقعو ڏنو... ريڊيو وارو خط خيسي مان ڪڍيو ۽ صاحب طرف وڌائي ڇڏيو.

''اوبي چا آهي هي؟''

سَر جي... ريڊيو اِستيشن تان آيو آهي خط جي.''

صاحب خط پڙهي رهيو هو، ''اَچا-اَچا، اُتي پروگرام ڪرڻو آهي توکي؟ ڪهڙي ڏينهن تي آهي؟ اَچا... پنجين ڏينهن؟'' صاحب خط مان تاريخ پڙهي چيو.

مان صاحب کي مخاطب ٿي اُتاوَلو هوس، ”سَر جِي... موڪلي ڇڏيندا مونکي جي؟“

”اوهي هو آهي نہ ڪچر جو... ڪشن، اجان آيو ڪونهي، ويهي اجان اڳتي - اڳتي موڪلون وڌائي رهيو آهي... ۽ تون هلي وئين تہ ڪم ڪير ڪندو هتي؟“

”نہ جِي... سَر جِي... مان تہ صبح - صبح جو ئي هلي ويندس هتان ۽ سِڌو جالنڌر ۽ پوءِ منجهند تائين رڪارڊنگ ڪرائي... سڌو هتي پهچي ويندس... سَر جِي وينتي آهي جِي... موڪلي ڇڏيو جِي...“

”اوهي اَجان چار - پنج ڏينهن پيا آهن، ڏسندا سين پوءِ... اوهي پهرين مونکي ٻڌاءِ جيڪو اُتي ڳائڻو اَٿيئي... ٻڌاءِ تہ مونکي اُتي ڇا ڳائيندين... ڪٽي اڇ اوهي تُنبي ڪٽي اڇ... ڪٽي اڇ... تُنبي.“

هاڻي مان ڏاڍو خوش هوس... هڪ طرح سان صاحب ڪان موڪل مليل ئي لڳي رهي هئي.

”سَر جِي... مان اُتي لوڪ - ڪٿائون ٻڌائيندس... هڪ تہ ’پورڻ ڀڳت‘ جي ڪٿا ۽ ٻي ’سوهڻي - مَهيوال‘ جي ۽ ٽين ’شروَڻ ڀڳت‘ جي. اهي ٽيئي منهنجي گروءَ يَملا جون لکيل آهن... وتو... ٻڌي وٺو پهرين... مان ’پورڻ ڀڳت‘ جي ٻڌايانوَ ٿو پهرين...“ مان ڳائڻ لڳس :

جاندا پوُرن ويکہ کي
اَچران دِگہ پَئي گَش کا
بَچپيا شير دي مُنهن وي بَکرِي
مَئن کيکڻ لَوان چُڙا...
اودَر لوٹا چَڙ گَئي مَحل تي
تَتي مَل کَلوتي راھ
وي توُ ذَرا کُ نَهرين پوُرنان
مَئن مِلڻ آئي تيري مان
وي توُن کيتا پايا آپڻا
مَئن ظُلم کمايا نا

منهنجو اُتساهه وڌيل هئڻ سبب ٽُنبي ڏاڍي ٽُنڪي رهي هئي. صاحب مٿو ڌوڻي - ڌوڻي جهومي رهيو هو.

”او هو! او نندِريا... اها ڏاڍي چَندرِي نڪتي لوٽا ڪچر جي... هن پوُرڻ کي ماريو هو ويچارو... هُن جي ماءُ روئندي هئي اَڇران... او هو... ويچاري... اوبي اها ئي ڪٿا ٻائجانءِ اُتي پوُرڻ جي.“

پوُرڻ جي ڪٿا ٻُڌندي صاحب جو من چڻ وئراڳ سان ڀرجي ويو هو. هن هڪ ڀيو سُنو پيگ ناهي اَندر ڦٽو ڪيو، ”ها... ڪچر جي لوٽا... او- هو...“

”سَر جي... رکان ٽُنبي هاڻي؟“

”اوبي رکہ پُٽ نِندر... رکہ... ٽُنبي رکي ڇڏ... ڪچر جي لوٽا... ڪيتري ڪُتي نڪتي پوتڻي سالي... ڏاهڻ... پوُرڻ مارائي ڇڏيائين... او- هو... ماٺيلي هئي نہ... تڏهن مارائي ڇڏيائينس... او ڏس ڪيئن روئي ٿي اَڇران ويچاري... پُٽ ويندو ڏسي... دل جو ٽُڪرو خوُن ڪرائي ڇڏيائين پاپي راجا.“

چوندي - چوندي صاحب موُرين جا ٽڪرا بہ اُڏائيندو پئي ويو، ”ڪَرچ... ڪَرچ... ڪَرچ.“

ريڊيو تي وڃڻ جي منهنجي پوري تياري هئي. جهولي ۾ ٽُنبي ۽ جيڪي ٿي لوڪ - ڪٿائون ٻائڻيون هيون... ڪاغذن تي لکيل... وجهي رکيون هيون.

تمام صبح جو اُٿي مان چاهہ سان تيار ٿيس. چانهہ ناهي صاحب کي پياري ۽ صاحب لاءِ پراڻا ناهي هاٿ ڪيس ۾ رکي ڇڏيا. ڪمري ۾ وڃي صاحب کي پيرين پِيُس.

”اوبي جلد موٽڻ جي ڪجانءِ...“

”اَڇا سَر جي، مان تہ آيُس سمجهو.“

اَڏي تي آيُس... سڌي بس ملي ويئي هئي ۽ وقت تي جالندر پهچي ويو هوس. اڳتي رڪارڊنگ بہ وقت تي ٿي ويئي، اُتي ڪم ڪندي پنهنجي دوستن سان بہ ملي ورتو. ريڊيو تي ٻائڻ لاءِ مانِديہ جو چيڪ بہ ملي ويو. مون پنهنجي نڪاڻي تي پهچڻ لاءِ بس پڪڙي. رستي تان بہ مان صاحب جي طرح - طرح جي رنگن جي باري ۾ سوچيندو آيو هوس. سچو ڏيان صاحب، ڪوٺي، مينهن ۽ اُن جي ٻَچي ۽ صاحب جي ڪاڏي طرف ئي لڳل هو.

”سَر جي... سَت شري اَڪال... رڪاردنگ تمام سٺي ٿي ويئي جي... ڪمال ٿي ويو... هي چيڪ به مليو... پروگرام سپاٽي ايندو ريڊيو تي... اسان ٻڌنداسين جي... سَر جي... ڏسو مان ڪيڏو جلدي اَچي ويس... توهانکي چيو هو نه ته جلدي ايندس.“

صاحب مُشڪيو، ”نه ڳالهه ٻڌ هو ڏاڍا چالاڪ... جيڪو چيڪ مليو اَٿيئي... اها ته تُنهنجي الڳ ڪمائي آهي... هڪ طرف سرڪاري نوڪري ۽ ٻئي طرف ڪلاڪاري... اوبي اِئين نه هلندو... ڪا پارٽي-پوُرٽي منهنجي؟ مور ڪه آل اِنديا تي ڳائي آيو آهي... ڪا مذاق جي ڳالهه ٿوريئي آهي... هَئِن اوبي؟ ڳالهائين نٿو هاڻي؟ ڪمال آهي يائي... هَئِن اوبي...“

صاحب ڏاڍو خوش هو. سڀ ڳلهيون ڪل-خوشيءَ ۾ چئي رهيو هو. مان مٿو جهڪائي سامهون بيهي ڪلي رهيو هوس.

لڳي نه رهيو هو ته اِهو اُهو ئي صاحب آهي... جيڪو صبح شام مونکي مَڻ-مَڻ گاريون ڏيندو هو ۽ دَٻون ڪڍي چڙ ٻيندو رهندو هو.

P P P

چمُن جي مُند !

چمن جي مند ايندي هئي ته سرڪاري ڪوٺين ۾ بي شُمار چمون هوندا هئا ! بزار ۾ سؤ رپيا ڪلو ۽ جيڪڏهن ڪنهن کي پاءُ کپن ته ٽيهن رپين جا ! شهر جي پُراڻين سرڪاري ڪوٺين ۽ سرڪٽ هائوسَن ۾ وڻ چمن سان ڀريل هوندا هئا. جج صاحب جي ڪوٺيءَ ۾ چمن جا ٽي وڏا ۽ گهاٽا وڻ هئا. آسي پاسي جي آفيسرن جون ڪوٺيون به چمن جي وڻن سان گهيريل هونديون هيون. جڏهن مان ۽ جج صاحب ڪورٽ ايندا هئاسين ته پاسي وارن سرڪاري گهرن مان ننڍا ٻار پٽ ٽپي ايندا هئا ۽ چمون ٽوڙي کڻي ويندا هئا. جج صاحب چوندو هو، ”وڃ، جن جي گهرن جا ٻار اَچي رهيا آهن، تِن جي گهر ڏوراپو ڏيئي اچ...“

هڪ به دفعو مان ڏوراپو ڏيڻ ويس ته هڪ گهر جي موٽي مائي منهنجي گلي پئجي ويئي، ”جج جا آچار ٺاهيندو هيڏن چمن جو؟ ڇا ٿيو جيڪڏهن اسانجا ٻار ٿورا چمون ٽوڙي کڻي آيا... ٻاهر لڳائيندو تڏهن به پورا نه ٿيندا ايترا چمون... پنهنجي جج کي چئي ڇڏ ته شام جو پنهنجي ڪوٺيءَ جي سامهون هٽ ڳاڏي لڳائي ڇڏي چمن جي...“

موٽي مائيءَ جي ڇڇاريءَ جي ڳالهه ٻُڌي منهن لٽڪائي مان واپس اَچي ويس. صاحب پڇڻ لڳو، ”ها ڀائي، ڏيئي آئين ڏوراپو؟“

مون همٿ سان چئي ڇڏيو، ”نه سَر جي، اُلٽو ڏڪي آيو آهيان... شُڪر آهي جو مائيءَ منهنجو مٿو نه ڦاڙيو.“

”ڇا ٿي چوي؟“

”سَر، مون وٽ ئي رهڻ ڏيو جيڪو ڪجهه چوي ٿي.“ اُن ڪان پوءِ صاحب نه ڪُڇيو.

هڪ ڏينهن صاحب چوڻ لڳو، ”سڀ جا سڀ چمون گڏ ڪري ڇڏيندو ڪر... هڪ به چمون فالتوُ نه وڃي... فرج ۾ رکندو ڪر... صبح جو جڏهن موهاليءَ واريءَ بس ۾ ڪير ڏيڻ وڃين ٿو... تڏهن ساڻ چمون به کڻي ويندو

ڪر... ٻار ڪائي ونندا اُتي...“

صبح جو مان مينهن ڏُهي هاندي ۾ ڪير وجهي، سائيڪل جي پنيان لڳائي بس اَڏي تي پهچندو هوس. چنديگڙه-موهالي وچڻ واري پهرين بس لڳل هوندي هئي. ڊرائيور جي پيرن جي سامهون ڪير وارو هاندو رکي ڇڏيندو هوس. هڪ ڏينهن جڏهن چمن وارو وڏو لفافو رکيو ته ڊرائيور چڙجي پيو، ”جج صاحب ته بس خريد ئي ڪري ڇڏي آهي... سڄي جڳهه والاري ڇڏيائين... مان بريڪ ڪيئن لڳائيندس... ڪلچ ڪيئن دٻائيندس... ريس ڪيئن ڏيندس...“

مان چُپ چاپ ٻڌندو رهيس. ڪهڙي نه ڪهڙي نموني هاڻي ڊرائيور ڪير سان گڏ چمون به ڪٺي هلندو هو. موهالي اَڏي (اِسٽاپ) تي صاحب جو گهريلو نوڪر جٽرام اڳ ۾ ئي بيٺل بس جو اِنتظار ڪري رهيو هوندو هو. ڪير جو هاندو ۽ چمن جو لفافو لاهي گهر ڪٺي ايندو هو. هُتي مالڪڻ آسي پاسي جي ڪوٺين ۾ چمون ورهائي پاڙيسرين کي خوش ڪندي رهندي هئي ۽ هِتي جج صاحب مونکي فالتوُ جي ڪمن ۾ وجهي دکي ڪندو رهندو هو. صاحب جي ڪوٺيءَ ۾ مون گهٽيئي اَڳه-اَڳه نموني جون ڀاڄيون به پوکي رکيون هيون. ڪائڻ وارو صاحب اَڪيلو! سو، ڀُوڻ ۾ پيري اُها ڊرائيور جي حوالي ڪندو هو. سڃي ڳالهه اها هئي ته هاڻي ڊرائيور تنگ ٿي چڪو هو صاحب جو سامان ڍوئي-ڍوئي ڪري! هاڻي رهيل ڪسر چمن پوري ڪري ڇڏي هئي.

هڪ ڏينهن مان مينهن ڏُهيندي ليٽ ٿي ويو هوس، هُتي بس جي هلڻ جو وقت ٿي ويو. ڊرائيور بيهي اِنتظار ڪندو رهيو. مسافر گهوڙ ڪرڻ لڳا. جڏهن مان اَڏي تي پهتس ته هوُمونکي چڙ ڪائڻ ڊڪيو، ”يار، توهان ماڻهن مذاق ئي بڻائي ڇڏيو آهي... اسان بيهي اِنتظار ڪري رهيا آهيون... تنهنجا پير ٻَڌا آهن ڪنهن؟“

اُن ڏينهن صبح جي وقت منهنجي منهن مان پاڻيهي ئي نڪتو هو، ”پير ئي نه منهنجي ته زندگي ئي ٻڌل آهي اِن نوڪريءَ سان... صبح جو ٽين بجي اُٿيو آهيان... اڄ سالي مينهن ئي نه اُٿي، مان ڇا ڪريان؟“

ڊرائيور چوڻ لڳو، ”هل ڇڏ... ڪنهن ڏينهن تون مينهن ئي ڪولي ڪٺي

اچ... بس ۾ چڙهائي موهالي ڇڏي ايندا سينس.‘‘

ڪنڊڪٽر- ڊرائيور ۽ مسافر ڪلي پيا. مون جمون ۽ ڪير ڊرائيور جي پيرن وٽ رکيا ۽ سائيڪل ڪٽي ڪوني ءَ طرف پڳس.

اچ آرتوار هو. جج صاحب ڏاڍي هلڪي- ڦُلڪي موڊ ۾ وينو هو. مون تازن جمن تي لوڻ ڇڙڪيو. پليٽ صاحب جي اڳيان وچي رکي. هو جمون کائڻ لڳو. ايتري ۾ صاحب جو اِسٽئنو (جيڪو اڪثر ئي مون تان سڙندو هو) اچي ويو. صاحب هُن کان وٺي ضروري فائيل پڙهڻ لڳو ۽ گڏوگڏ اِسٽئنو کي اِشارو ڪيائين تہ هو بہ پليٽ مان جمون کائي وٺي. اِسٽئنو هڪ جمون کڻي منهن ۾ وڌو ۽ ’نہ‘ ۾ مٿو ڌوڏيائين. منهنجي طرف ترڇي نظر (اکين جي ڪنڊن) ڪري ڏٺائين. ٻيو جمون منهن ۾ وجهندي اِسٽئنو چيو، ”سَر هيِ بہ ڪي جمون آهن؟ جمون تہ سائين فيروضپور جا ٿيندا آهن... آها... آها... سَر جيِ ڏسجو ڪڏهن کائي فيروضپوري جمون... سَر ڏاڍا سَوادِي هوندا آهن فيروضپوري جمون... موٽا- موٽا... ڪارا- ڪارا...‘‘

اِسٽئنو جي ڳالهہ ٻُڌي صاحب فائيل پڙهڻ ڇڏي ڏني ۽ منهنجي طرف مخاطب ٿيندي چيائين، ”اوِيي تُنبيءَ وارا، اچ سَنڊي آهي ۽ تون خالي بہ آهين... وڃ... فيروضپور مان جمون وٺي اچ.‘‘

صاحب جو حڪم ٻُڌي اِسٽئنو مشڪيو. مونکي خار لڳا تہ هيِ سالو نئون ڪم ڪڍي آيو. هاڻي مان وڃان فيروضپور مان جمون وٺڻ؟ صاحب فائيل تي صحي ڪري ڇڏي هئي. اسٽئنو هلي ويو هو. مون سوچيو صاحب شايد ڀلجي ويندو. مان ڪونيءَ جا ٻيا ڪم ڪرڻ لڳس. ويهن منٽن ڪانپوءِ صاحب وري پڇي ورتو، ”اوِيي وئين ڪونہ تون فيروضپور جمون وٺڻ؟‘‘

”وڃان ٿو سَر، وڃان ٿو...‘‘

مون بي مَن سان چيو ۽ ڪونيءَ کان ٻاهر اَچي ويو هوس. مون وٽ تہ ويهہ رپيا ئي هئا. اُهو ياڙو لڳي وڃي ها. اڳتي کهڙو منهنجي ماسيءَ جو پُٽ وينو هو، جيڪو مونکي جمون مُفت ۾ ڏئي ها؟ مان ڪنهن کان پئسا اُڌارا وٺڻ جي سوچي رهيو هوس. سوچيندو- سوچيندو چوڪ تي اچي بس جي اِنتظار لاءِ بيهي رهيس. نندي جج صاحب جو ريڊر خُرانا اِسڪوٽر تي ايندو نظر آيو. اهو

کُرانا وڏي شيءِ هو، سڀ وڪيل هن کي مڃيندا هئا. ڏاڍو تِکو، سيٺ کُرانا. منٽن ۾ ڪم ٿاهي ڇڏيندو هو، دير وارا بگڙيل ڪم. مون آواز ڏنو، ”پائوُ... او پائوُ...“ هوُ بيهي رهيو. ويجهو اچي چيومانس، ”پنجاهه رپيا اُڌارا ڏيو... صاحب جو ڪم ڪرڻ وڃي رهيو آهيان. فيروضپور مان جمون وٺڻ وڃڻو آهي...“

کُرانا چيو، ”ڇا ڳالهه آهي، اسان جي شهر ۾ ڇا جمن جو اڪال پئجي ويو آهي؟“

مون ٻڌايومانس، ”جج صاحب چوي ٿو ته مونکي ته فيروضپوري جمون ئي کائڻا آهن.“

کُرانا کي آئيڊيا آئي. هُن ٽيهه رپيا مونکي ڏيندي چيو، ”هيِ وٺ... ۽ هتان کي خريد ڪر، کهڙو جمن تي لکيل آهي ته هيِ فيروضپوري جمون آهن؟ پر هيئن ڪجانءِ... ڪونيءَ هاڻي نه وڃجانءِ... گهٽ ۾ گهٽ ٽن ڪلاڪن کان پوءِ وڃجانءِ... اوتري دير ٻاهر گهُمي ڦري وٺ... پنهنجا ڪم ڪري وٺ.“

کُرانا جي اِسڪيم مونکي ڏاڍي سٺي لڳي. مان ٽن ڪلاڪن تائين پنهنجي پراڻن دوستن سان ملندو رهيس ۽ آخر بزار مان موٽا-موٽا... ڪارا-ڪارا ڪلو جمون تورائي ڪونيءَ پهچي ويس. جج صاحب جمن وارو لفافو ڏسي ڏاڍو خوش ٿيو. پليٽ ۾ جمون رکي صاحب جي سامهون رکيا ته هن خوش ٿيندي چيو، ”واهه پائي واهه... ڇا ڳالهه آهي... ڇا ڇئجي... موٽا-موٽا آهن پائي فيروضپوري جمون...“ صاحب جمون منهن ۾ وجهندي چيو، ”پائي ٽُنبيءَ وارا، هيِ فيروضپوري جمون پنهنجي شهر جي جمن کان وڌيڪ مٺا آهن... واهه پائي واهه... هارائي ٿا ڇڏين هيِ ته پنهنجي شهر جي جمن کي پائي... شاباس پائي نِندر سِنها... او ٽُنبيءَ وارا...“

جج صاحب ڏاڍو خوش هو ۽ مان به اَندر ئي اَندر ۾ خوش ٿي رهيو هوس... کُرانا جي ڏنل اسڪيم تي قربان-قربان ٿي رهيو هوس.

P P P

صاحب جو سنڌوُ ۽ ساليِ

ڪشن موڪلون پوريون ڪري اَچي ويو هو. صاحب هُن کان پڇيو، ”تون گهر ويهي موڪليون وڌائي رهيو هُئين... توکي هتان جي ڪا پرواهه ناهي... توهان ماڻهو فقط پنهنجو ئي فائدو سوچيندا آهيو، واڻين (دڪاندارن) وانگر.“

ڪشن جواب ڏنو، ”سائين ڳالهه اِها ناهي، مون پنهنجيءَ ضرورت لاءِ موڪل ورتي هئي... پيءُ جي گهر ڪم هو... ۽ منهنجون موڪلون رهيل هيون... اڃان به پيون آهن...“

صاحب چِڙجي پيو، ”جيڪڏهن پيون آهن ته پوريون ڪري اچ... مون وٽ ڏڪا کائڻ آيو آهين؟“

ڪجهه ڏينهن کانپوءِ صاحب ڪشن جي ڊيوٽي ڪورٽ مان هٽائي سڄو وقت ڪوٺيءَ تي لڳائي ڇڏي.

ڪشن ان ڳالهه تي ڏاڍو خَفي ٿي رهيو هو ۽ هُن ٻن مهنن جي موڪل لکي موڪلي. جڏهن مونکي خبر پيئي ته مونکي خار ته ڏاڍا لڳا پر مان ڪجهه ڪري نه سگهيس. مان وري اڪيلو پئجي ويس... ڪشن جي اچڻ سان مون سُکه جو ساهه کنيو هو.

* * *

صاحب جو سنڌوُ تعصيلدار ٿيو هو. هُن جو صاحب کي فون آيو. هن کي ملڻ لاءِ اَچڻو هو. ٻه سرڪاري موڪلون هيون. صاحب چيو، ”منهنجي سنڌوُ- ساليءَ جي شيوا ڪندو رهڃانءِ جيئن اڳيِ ڪندو آهين. اُنهن جي پوري شيوا ڪرڻي آهي توکي.“

”سَر جيِ... توهان ته مونکي بلڪل چَريو ٿا سمجهو... ايترو موُرک ڪونه آهيان مان جيترو توهان مونکي سمجهو ٿا.“

ڪار ڪوٺيءَ جي سامهون اَچي پان-پان ڪرڻ لڳي. مون ڊُڪي گيٽ کولي. صاحب جو سنڌوُ- ساليِ صاحب کي مليا. صاحب خوش هو.

صاحب جي ساليءَ جو وڏو پٽ ڪجهه وڏو هو. ٻيا ٻئي ننڍا ڇوڪرو-ڇوڪري ڏاڍا شرارتي (شيطان) هئا. ايندي ئي ڪليل جڳهه ڏسي هوُ هتي-هُتي ڊڪي راند ڪرڻ لڳا. هڪ تمام وڏي چانديءَ جي ٻاٽي هئي... جنهن ۾ مان رات جو ڪير ڪاڙهيندو هوس يا ڪڏهن پاڻي گرم ڪندو هوس، ٻاٽي اڱڻ ۾ پٽ سان تيزي رکيل هئي، ٻار ٻاٽيءَ سان ئي راند ڪرڻ لڳا. ائين لڳي رهيو هو جڻ هُنن اڳ ۾ ڪڏهن ايڏي وڏي ٻاٽي ڪونه ڏٺي هئي. هو ٻاٽيءَ کي ٺوڪرون هڻي-هڻي هلائڻ جي ڪوشش ڪرڻ لڳا. هُنن جي ماءُ چيو، ”اوبي هوبي... ڇو توهان ايندي ئي پنهنجي ماسڙ جا باسڻ ٽوڙي رهيا آهيو... هٽو... ماسڙ دٻ ڪيندُوَ. هتي وچو... هڪ هنڌ وِهو.“

شهري ٻار ايترو نيٽ هئا جو هڪ هنڌ ٽِڪي ويهي نه سگهي رهيا هئا. شام تي... مان رنڌڻي ۾ ڪم ڪرڻ لڳس. صاحب ۽ هُن جو سنديوُ موُڊ ٺاهڻ ويهي رهيا. موُريون ڪٽي مان هُنن جي اڳيان رکي آيو هوس. صاحب جي سالي ’لڏل پوُتنيِ‘ءَ وانگر ڪونيءَ ۾ ڊڪندي ڦري رهي هئي. هوءَ رنڌڻي جا چڪر هڻي رهي هئي... فرش تي پير گهسائي گهسائي هلي رهي هئي. هُن کي جڻ شانتي نه هئي. بنا سبب هوءَ چڪر لڳائي رهي هئي. رنڌڻي ۾ هُن جو ڪو ڪم نه هو... ڪم ته سڄو مونکي ئي ڪرڻو هو ۽ ڪري رهيو هوس. هوءَ ٻُڪايل ڏاهڻ وانگر خالي رکيل باسڻن ۾ ليئو پائي پائي فالتو ۾ منهنجو مٿو کائي رهي هئي، ”ڇا ڪري رهيو آهين؟ ڇا ٺاهڻو آهي؟ ڪيئن ٺاهيندين؟ هوُ ڇا آهي؟ هيِ ڇا آهي؟ هن ۾ ڇا پيو آهي؟ هيِ ڪٿان آندُئهِ؟ هيِ هتي ڇو رکيل آهي؟ هَئِن؟“

’لڏل ڏاهڻ‘ نه هئي ته ٻيو ڇا هئي صاحب جي سالي؟

مان بصر ڪٽي رهيو هوس، هوءَ فرش تي زور-زور سان چمپلون گهسائيندي آئي ۽ چيائين، ”وڃ توکي جج صاحب سڏي ٿو... وڃ اُتي.“

مان چاقون ۽ اڌ ڪٽيل بصر رکي ويس... صاحب چيو، ”اوبي تُنبيِ ماسترا... اسانجو تعصيلدار صاحب چوي ٿو پائي گانو-وانو ئي ٻڌائي ڇڏ ڪو... مون هِنن کي ٻڌايو ته اسانجو ڇوڪرو گانا ڳائيندو آهي يَملي جا...تُنبيِ وڄائيندو آهي... وڃ ڪٽي اچ تُنبيِ... ٻڌاءِ ڪو گانو سُنو...“

مان سوچي رهيو هوس تہ اڄ بہ صاحب منهنجو ڏاڍو مذاق اُڏائيندو. جيڪڏهن ڳاني ڪان نہ ڪندس يا ڪو بهانو ٺاهيندس تہ پوءِ گاريون ڏيندو. مان ٽُنبي ڪٺي آيس... هُن جي سامهون هڪ ڪلاڪار وانگر نہ پر هڪ ڏوهيءَ وانگر بيهي رهيس... صاحب جو سنڌوءُ ٽُنبي ڏسي خوش ٿي ويو... ”ياڻي هيءَ تہ اَصلي ٽُنبي آهي هن وٽ... مون تہ سوچيو هو تہ ائين ئي نقلي هوندي... ٻڏاءِ پُٽ وڄائي، ٻڌاءِ...“

”توهان ڏسجو... تعصيلدار صاحب. هيِ هاٺي يَملي جَٽ جي نقل بلڪل اُن ئي نموني ڪري ڏيکاريندو... هُن جو چيلو رهيو آهي... بلڪل اُن ئي نموني آواز ڪڍندو آهي... هل هاٺي ٻائي بہ...“

صاحب گلاسن ۾ پيگہ وجهندي حڪم ڏنو. هُن جي پاسي سالي صاحبان (لڏل ڏاهڻ) بہ اچي ويني هئي ۽ بنا سبب ئي کلي - کلي پنهنجي پيلِن ڏندن جو ڏيکاءُ ڪري رهي هئي.

ننڍي چوڪري ڪرسيءَ تان اُٿي ٽُنبيءَ سان گڏ لڳل لوگڙيءَ جي گل کي هٿ هٽي - هٽي گهُمائڻ شروع ڪري ڇڏيو. مون ٽُنبي اَڃان بہ مٿي ڪنئي تہ هوُضد ڪرڻ لڳو، ”ممي جيِ... گل کپي... هوُ گل کپي مونکي... گل... ممي هن ڪان وٺي ڏي اِهو گل.“

”نہ ڙي نہ... نہ ڪٺٺو آهي گل... چُپ ڪري ويهي رهہ... مارينديسانءِ.“

ٻار نہ مڃيو. روئڻ لڳو، ”گل کپي... مونکي گل کپي... ممي گل وٺي ڏي... ممي گل کپي...“

صاحب چيو، ”ياڻي گل لاهي ڏئي هن کي... گل ڏيس... خوش ٿي ويندو، توکي ڇا گل جو آچار ٺاهڻو آهي، ڏيئي ڇڏ ٻار کي.“

مون بي من سان ٽُنبيءَ مان گل (جيڪا منهنجي اُستاد جي اَنمول نشاني هئي) لاهي ڏيئي ڇڏيومانس. ٻار گل ڪٺي ٻاهر اڱڻ ۾ ڀڄي ويا هئا. منهنجي دل جَلي - سَڙي ويئي هئي.

”سَر جيِ، ڪهڙو گيت ٻُڌايانوَ؟“

”او ٻڌائي ڇڏ يار... جيڪا مرضي هجيئي ٻڌائي ڇڏ... اسان جو تعصيلدار صاحب ۽ اسانجي سردارڻي خوش ٿيڻ کپن... اِهو ڏسي ڇڏ ياڻي هاٺي... هيِ

کھڙي گيت تي خوش ٿيندا.‘‘
’’سَر جيِ، اڄ مان توهانکي ماربرن ماهيئي جا ڪجهہ ٽِپي ٻڌايانوَ ٿو... ونو ٻڌو... مان ڳائڻ لڳس :

سوني دا ڪِل ماهيئا
سابِي گھَري رؤلا پئہ گيا
آيا بِجليِ دا بِل ماهيئا.‘‘

ٽيئي فالتوُ ڪلڻ لڳا. ٽُنبيءَ جي ٽُنڪار ھُنن جي ڪل جي گوڙ ۾ گم ٿي ويئي هئي. مون اڳتي ٽَپو ڳاتو :

سوني دا ڪِل ماهيئا
بَسان دي ڪِرايي وَڌ گئي
سُڦَني وِچ مِل ماهيئا.

مان ڳائي رهيو هوس تہ صاحب وچ ۾ پنهنجو ئي ٽَئو رکيو هو، ’’ڪيئن پائي... ڏنُئہ تعصيلدار صاحب... هيِ آهي نہ پورو مَراسيِ آهي... آهي نہ... مان هن ڪهِر کي روز چوندو آهيان تہ تون مراسيِ آهين... ۽ هيِ ڪهِر مڃيندو ئي ناهي منهنجي... جيِ مان تہ ڪترين جو ڇوڪرو آهيان... اهو ٿيِ ئي نٿو سگهي تہ هيِ ڪتري هجي... مون چيو بہ آهي تہ پائي ڪترين جا ڇوڪرا ٽُنبيِ نہ پڪڙيندا آهن... ڪترين جا ڇوڪرا تہ تارازيءَ جو ڪانٽو پڪڙيندا آهن... پڪو مراسيِ آهين... مون چئي ڇڏيو... هيِ پڪو مراسيِ آهي.‘‘

صاحب ڪَهِر ڪهِر ڪري موُري ڪائيندو پنهنجو پاڻيهي ڳالهائي رهيو هو. صاحب جي سنديوءَ جو جڻ وچ ۾ ئي سُواد خراب ٿي ويو هجي... هن چيو، ’’اڄ پائي، ٻُڌ تہ سهين جج صاحب، توهان اڳتي تہ ٻُڌو... واه پائي واه... هيِ تہ ڪمال آهي... ڪلاڪار آهي توهان وٽ تہ...‘‘

مون ماهيئي جو اڳيون ٽَپو ڳايو :

دو پَتَر اَناران دي
سابِي گَلِي لنگهہ ڊولا
تيري جُتيِان وِي مارانگي...

صاحب جي موٽي ساليءَ جي ڪل ڦُٽي - ڦُٽي نڪري رهي هئي. هوءَ ڪلندي - ڪلندي ٽيڙي - ميڙي ٿي رهي هئي. جتي ٽيڙي پئي ٿي، اُن طرف ئي سڄو شرير ڍرڪي پيو پوي. ماهيئا ڳايو ويو. صاحب چيو، ”اويي مراسي... هوُ ڳائي يار... يَملي جو... جيڪو تون ڳائيندو آهين گهٽو ڪري... اَلهڙپُڻي وِچ لائيياں توڙ نِڀاوِڻ وي... مَئِن تيرِي تون ميرا ڇَڊِ نا جاوِڻ وي... اِهو ڳُڊائي.“

مون اِهو گيت به ڳُڊائي ڇڏيو ته صاحب جي سنڌوءَ پرس مان سوَ جو نوٽ ڪڍيو ۽ منهنجي طرف وڌائيندي چيائين، ”وٺ ڀائي ڪلاڪار... وٺ توکي اِنعام ٿا ڏيون.“

اِهو ڏسندي ئي صاحب جي جڻ ستن ئي ڪپڙن کي باهه لڳي ويئي هجي، هوُ گوڙ ڪرڻ لڳو، ”او هو... يار هن کي ڪهڙيءَ ڳالهه لاءِ اِنعام؟ هي ته هتي نوڪري ڪندو آهي... ريڊيو تي به ڳائيندو آهي... جام پئسا آهن هن وٽ... اِئين ته روز ئي ڳائيندو آهي... مون ته ڪڏهن هن کي چار آنا به نه ڏنا آهن... رهڻ ڏي يار... رهڻ ڏي... هي ته مون کان به وڌيڪ پئسي وارو آهي... ڏاڍي شيطان جي ٽوٽي آهي هي مراسي... ڏاڍي خراب شيءِ آهي... ڪجهه نه ڏجو هن کي.“

”اَڙي وٺ ڀائي... مان ته خوشيءَ سان ڏيئي رهيو آهيان... وٺ پُٽ... وٺ... اها ڪهڙي وڏي ڳالهه آهي، وٺ تنهنجو اِنعام آهي.“

مان نا - نُڪر ڪندو رهيس، پوءِ صاحب به چئي ورتو، ”هل وٺي ڇڏ هاڻي، نخرا ڇو ٿو ڪرين.“

مون سوَ رپيا هبڪ سان خيسي ۾ وڌو. ”او ڏس مراسي، اسان جا رشتيدار ڪيترو کُليءَ دل وارا آهن... تو ته ڪمائي ورتا ٻن منٽن ۾... مون ته تحصيلدار صاحب هن ڪڃر کي ويهه دفعا چيو آهي ته توُن هيءَ ٽُنبي ڪٽي بسُن يا ٽرينن ۾ گانا ڳائي ته پئسن جي ڪا کَمِي ڪانه رهندئه... هڪ هٿ ۾ ڪٽورو پڪڙي ڇڏ... پئسا ئي پئسا... پر هي مڃي ئي نٿو منهنجي...“

صاحب جي ساليءَ سنڌوُ زور - زور سان ڪلي رهيا هئا. مونکي خبر هئي ته صاحب منهنجو مذاق اُڏائڻ بنا رهي ئي نه سگهندو.

صاحب ۽ سنڌو دير رات تائين ويهي دارون پيئندا ۽ گوڙ ڪندا رهيا. هوُ

وينا ئي هئا تہ صاحب جي سالي آئي ۽ چيائين، ”بس ڪريو هاڻي... گهڻو نہ پيئو... چوندا آهن ڪدنيون خراب ٿي وينديون آهن.“ صاحب چيو، ”ٿين ٿيون تہ ٿيڻ ڏي، مونکي کهڙو وڪڻيون آهن ڪدنيون... توکي گهڻي فڪر آهي منهنجي ڪدنين جي؟“

پوءِ هن فرج کولي ۽ وڏي گجر بنا ڌوئڻ جي ئي ڪڇي کائڻ لڳي. کائيندي - کائيندي ئي وري هُنن جي طرف وجهي گهُسي، صاحب وڏي آواز ۾ ٺاہڙ جي چيو، ”او منهنجي پياري سالي، ڇو ٿي کائين گجرون... پوءِ چوندين ۽ جيجاجي ۽ جي گجرن منهنجي پيٽ ۾ سوُر ڪري ڇڏيو... پوءِ ٻڌائي مان ڪٿي وڃان، منهنجي سالي. جيڪڏهن تنهنجي پيٽ ۾ سوُر ٿيندو، تہ مان مري ويندس... اڌ رات جو ڪو ڊاڪٽر بہ نہ ملندو هتي...“

ڪل ڦهلجي ويئي. مان بہ رنڌڻي ۾ ڪلڻ بنا نہ رهي سگهيس. ڇا سنسار آهي هنن پڙهيل - لکيل ۽ اوچ - درجي جي ماڻهن جو...؟ مون هيٺئين درجي واري پنهنجو پاڻ سان سوال ڪيو هو. سيڪنڊن ۾ ئي هوءَ وري رنڌڻي طرفان گهِسائي گهِسائي هلندي پڪوڙا منهن ۾ وجهي اچي رهي هئي. مان عجب ۾ هوس تہ صاحب جي سالي تہ جڻ ٻگن - ٻگن جي ٻکايل آهي. ڏاڍي موٽي هئي، تڏهن تہ عقل جي ڪوٽي هئي. پڪوڙا چٻائڻ کانپوءِ رنڌڻي ۾ رکيل موُرين طرف ٿي ۽ هڪ وڏي موُري چلڻ لڳي. موُري ڇا، موُلو ئي ڪٽي چلڻ لڳي. موُلي جا ٽڪرا وجهندي چيائين، ”اَڙي ٻالهہ ٻُڌ، هي موُريون ڪٿان وٺي آيو آهين... ڏاڍو سَوادي آهن هي موُريون.“

مان عجب ۾ بہ هوس ۽ ڪل بہ اچي رهي هئي تہ صاحب جي سالي تہ جهَلي (چِپڪوءُ) آهي. هُن وري يڪدم چيو، ”اڙي تون هتي رهي ڇا ڪندو آهين؟ تون تہ ڪنهن ٻائڻ واري ڇوڪريءَ سان شادي ڪري ڇڏ... ٻئي اِسٽيجن تي وڃي ٻائجو... تنهنجي زال تنهنجي شيوا ڪندي رهندي... منهنجي ٻالهہ مڃ ۽ شادي ڪري ڇڏ جلدي، شاديءَ جي ڏاڍي موَج اٿيئي...“

صاحب جي سالي جلدي - جلدي موريون کائيندي بنا روڪ فالتو ٻالهائي رهي هئي. مون هن جي ٻالهہ جو جواب ڏيڻ ٺيڪ نہ سمجهيو ۽ صاف چئي ٻالهہ پوري ڪئي، ”ٻالهہ اها آهي مالڪڻ، هي اچ جا ٻائڻ وارا ۽ ٻائڻ واريون

بي شرميءَ جي حد پار ڪري ويندا آهن... لَڇر گيت... لُچا گيت ڳائيندا آهن ۽ اِن ڪري پئسا ڪمائيندا آهن... مان تہ اِن نموني جي ڪچر خاني ۾ نٿو پوڻ چاهيان ۽ نہ ئي خراب گيت ڳائڻ ٿو چاهيان... نہ ئي مونکي ڪنهن ڳائڻ واريءَ سان شادي ڪرڻي آهي. مان تہ فقير-درويش يَملي جَت جو چيلو آهيان... هُن بہ اهو ئي سيڪاريو هو تہ پُٽ خراب گيت نہ ڳائجانءِ... مونکي ڇا ڪرڻو آهي خراب گيت ڳائي... منهنجي تہ اِها ئي نوڪري سُني آهي.''

صاحب ۽ سنڌو ٿاپڙجندا ۽ ڪرندا رنڌڻي طرف اَچي رهيا هئا. صاحب اڄ سنڌو ۽ ساليءَ جي اچڻ جي خوشيءَ ۾ ڏاڍو پيِ ورتو هو، زبان ٻاٿي ضرور ٿي رهي هئي پر سمجهہ ۾ اچي رهي هئي، ''منهنجا يار، مان ڏاڍو خراب ماڻهو آهيان... مان ڪُتيءَ عوّرت جا پير ڇو وجي پڪڙيان؟ مان نہ پڪڙيندس... اَچي... نہ اَچي... مون اهڙيون گهڻيون ئي سُڌاريون آهن. اِن نموني جا ڳ هڻائي ئي ڪيس ايندا آهن مون وٽ، طلاق گهُرنديون آهن اچي-اچي ڪري... مان ڏيندو نہ آهيانِ طلاق روئاريندو آهيانِ پورو... او مان جج آهيان... جج سيشن مان...''

اڄ تہ جج پنهنجي رُسيل زال کي ياد ڪري رهيو هو. اِن ڳالهہ مان خبر پئي پئي تہ صاحب جي پنهنجيءَ زال سان ٿورو نہ، گهڻي ئي کِٽ پِٽ رهندي آهي. ايتري تہ مونکي خبر هئي تہ صاحب کي زالس جو جڏهن بہ موهاليءَ فون ايندو هو تہ هوءَ هميشه جهڳڙو ئي ڪندي هئس. اڄ هو جذباتي ٿي سنڌوءَ سامهون زال جا پول کولي رهيو آهي.

رنڌڻي ۾ ايندي ئي صاحب مون طرف ٿيو، ''اويي مراسي، اويي منهنجا پُٽ... اويي تُنبيءَ وارا، اويي ڇا ٿاهيو اٿيئي اڄ تو اويي؟ ڏس اويي، هنن کي روز-روز نہ اچڻو آهي... هنن جي شيوا چڱيءَ طرح ڪجانءِ... اويي ڇا ٿاهي رهيو آهين.''

صاحب ڊڪيل ٻاتين جا ٽُڙ ڪٽي-ڪٽي ڏسي رهيو هو. ڀاجيون سڀ تيار هيون. هاڻي تہ بس ڦلڪا ئي ٿاهڻ رهجي ويا هئا ۽ هنن کي جڏهن ڪائڻو هو، مونکي ڦٽاڦٽ ٿاهي ڇڏڻا هئا.

''سڀ تيار آهي اويي، روٽيون ٿهي ويون يا نہ اويي؟ اويي وٽ ڀائي، اڄ

تہ مان پنهنجي ساليءَ جي هٿ جي روٽي ڪائيندس... مان... تہ پائي... موقعو اچ مليو آهي... مان تہ ساليءَ جو ڦلڪو ڪائيندس... اوبي نِندريا... اچ تون نہ ٺاهيندين روٽي... مان اچ ساليءَ جي هٿن جو ڪائيندس.'' صاحب مستيءَ ۾ اچي گوڙ ڪري رهيو هو.

پنهنجي شرابي ٽيل جج جيجاجيءَ جي منهن مان پنهنجي ساراه ٻڌي ساليِ پلا ڪيئن نہ خوش ٿيندي؟ هوءَ تہ اڳيئي خوش ٿي ڦري رهي هئي ۽ هاڻي وڏيڪ خوشي ٿي ويئي هئس... ڦلڪا ٺاهڻ لڳي. مان ڏيندو ويس. اچ صاحب ڪان چڱيءَ طرح روٽي بہ ڪاڌِي نہ پئي ويئي... بس، ائين ئي بيوقوفيون ڪري رهيو هو! جُڳہ-جُڳہ جيِ... اچ تو جيجاجيءَ جي روٽي پچائي اٿيئي... اَڙي سالي... اڌ گهر واريِ... هي تنهنجو ڦلڪو، مان صدقي وڃان تنهنجي گول-مَٿول ڦلڪي تي.''

صاحب جي سالي ۽ سنڌو کُلي ڪري کلي رهيا هئا ۽ منهنجو بہ من کُلي ڪري کلڻ تي ٿيِ رهيو هو... پر مان پنهنجي کل روڪي اندر ئي اندر ۾ کلي رهيو هوس.

P P P

سوڪڙين جي ڏيڻ-وٺڻ جا ڏينهن

جج صاحب جي ريڊر ڪَلر ڪرڻ وارا گهر موڪليا... هوُوڏا-وڏا ڪم ڪري هلندا ٿيا. ڏياريءَ ۾ ڪجهه ئي ڏينهن باقي هئا. مون سوچيو ته صاحب ڏياري ملهائڻ لاءِ پنهنجي ٻارن وٽ موهاليءَ ويندو. مان به ڏياري پنهنجي ڳوٺ پنهنجي ماءُ-پيءُ وٽ وڃي ملهائڻ پيو چاهيان. پر صاحب چيو ئي نه هو ته پُٽ منهنجي ٻنگه تيار ڪر... موهاليءَ وڃڻو آهي. مون سوچيو... يا وري صاحب جا ٻار ئي هتي اچي ڏياري ملهائيندا... تڏهن ئي صاحب موهاليِ نه وڃي رهيو آهي. جڏهن ڏياريءَ ۾ ٻه ڏينهن وڃي بچيا ته مون صاحب کان پڇيو، ''سَر جِي... مان ڏياريءَ تي پنهنجي ڳوٺ وڃڻ ٿو چاهيان...

''نه-نه... تون ڳوٺ نٿو وڃي سگهين... هتي ئي رهڻو پوَندُءِ ڪوٺيءَ ۾... وڃڻو ئي اَٿيئي ته سياڻي هلي وڃ... هڪ ڪلاڪ ۾ موٽي اَچجانءِ... توکي خبر هئڻ کپي ته ڏياريءَ ڏينهن ماڻهو اسان جي ڪوٺيءَ تي ڏياري ڏيڻ ايندا ۽ اُنهن کي چانهه پاڻي تون پياريندين يا ڪو ٻيو پياريندو؟''

ها...! هاڻي ڳالهه چڱيءَ طرح منهنجي دماغ جي خاني ۾ ويهي هئي. جج صاحب جي آفيس جي عملي کان سواءِ وڪيلن، جونيئر ججن، پوليس وارن ۽ ٻين آفيسرن کي ڏياري ڏيڻ لاءِ صاحب جي ڪوٺيءَ تي اَچڻو هو.

ڏياريءَ جو ڏينهن هجي يا نئين سال جو پهريون ڏينهن، اِنهن ڏينهن تي اسانجي سڄي ڀارت ۾ سوکڙيون ڏيڻ وٺڻ جو رواج ڏاڍو وڏي چڪو آهي. اِنهن ڏينهن جو آفيسر ۽ ٻين وڏن طبقن جي ماڻهن کي بي صبريءَ سان اِنتظار ڪندو ڏٺو وڃي سگهجي ٿو. صبح-صبح جو ئي ٻاهر طرف ليئو پائي-پائي اِنتظار ڪرڻ لڳندا آهن ته ڪير-ڪير اَچي ٿو ۽ ڇا-ڇا کڻي ٿو اَچي... 'ڪتا ليئو پائڻ' ۽ اَندازا لڳندا آهن... فلاڻي جو وڏو ڪم ڪرايو هو... اُهو ته ڏاڍي وڏي سوکڙي ڏيندو! سچي ڳالهه آهي... اِنهن ڏينهن ۾ وڏن ماڻهن جا گهر سوکڙين سان ڀرجي ويندا آهن. اِنهن وڏن کي ڏياريءَ يا نئين سال جون سوکڙيون ڏيڻ وارا ننڍا ماڻهو به کهڙو ڪنهن کان گهٽ آهن؟ هيِ اڳتي پاڻ

ڪان نندن کي چوُسيندا آهن... اِنهن ڪان نندا اڳين ماڻهن کي نہ بخشيندا آهن...! اِها هڪ ڪَڙِي بڻجي چڪي آهي... جيڪا ڪڏهن بہ ٽُٽڻ واري نٿي لڳي... پر پنهنجي جڳهہ تي اَجان بہ وڏيڪ طاقتور ۽ پڪي ٿيندي پيئي وڃي. هڪ ٻئي کي ڏاڍو لُٽيو ويندو آهي تہ ڏي پائي ڏي... ڏي-ڏي... مان بہ اَڳتي وڃي چڙاوو (چڙهت) چاڙهيان. اِهو موٽي مال جو لين-دين ڏاڍو ڳ هِرو دبجي چُڪو آهي... اَفسرشاهن، سياستدانن ۽ واپارين ۾.

اڄ ڏياريءَ واري شام هئي. ڏاڍي رؤنق هئي. جڳمڳاهٽ هئي. صاحب جي ريڊر هڪ بجلي مِڪَئِنِڪ کي ڪوٺيءَ موڪليو. هوُ ڪجهہ بلب ۽ تارا لڳائي هلي ويو. مونکي لڳو تہ اڄ اسانجي ڪوٺيءَ ۾ بہ سچ پچ ڏياري آهي، نہ تہ گهڻو ڪري هيءَ وڏي لال ڪوٺِي. دکہ ۽ چُپ ۾ گهيريل رهندي هئي. اڄ منجهند جو مون ڏٺا وڪڻ آيل عوَرت ڪان يارهان ڏيئا وٺي ڇڏيا هئا ۽ پئسا پنهنجي خيسي مان ڏنا هئا. ڏيئا وڪڻ واري عوَرت پڇڻ لڳي، ”اَڙي وَٺوُن ڪيئن ناهيندين؟“

مون ٻُڌايومانس، ”صاحب جي وياڻي مان ڪپہ ڪڍندس ۽ وَٽون ناهي ڇڏيندس... ڪپہ چُڳڻ ڳوٺ ٿوريئي ويندس؟“

عوَرت چيو، ”ڏي-ڏي پنج رپيا ٻيا ڏي... توکي نهيل-نُکيل ڏيئا تي ڏيانءِ؟“ هوءَ ڏيئن جو لفافو ڪٽي بہ ڦري پيئي. هن کي چڱيءَ طرح خبر هئي تہ وڏن صاحبن جي ڪوٺين ۾ وَٽوُن ناهڻ جو جهنجهٽ ڪير پاليندو؟ ايترو وقت ئي ڪنهن وٽ آهي؟ انڪري هوءَ ڏيئن سان گڏوگڏ وَٽوُن بہ وڪڻي رهي هئي. مون پنج رپيا ڏيئي وَٽوُن ڏيئن وارن لفافن ۾ وڌيون ۽ بي فڪر ٿي ويس. مونکي عجب لڳو تہ صاحب مونکي بلڪل ڪونہ چيو هو تہ وڃ ٻچا بزار مان ڪا شيءِ وٺي اچ... ماڻهو تہ بزارن مان لفافا ڀري-ڀري سامان وٺي اچي رهيا هئا ۽ هتي هيِ وڏيون ڪوٺيون نندن گهَرن جي مُنهن طرف ڏسي رهيون هيون. پنهنجي ڳوٺ وڃڻ جو ويچار بہ مون اُن ئي ڏينهن ٽاري ڇڏيو هو جڏهن صاحب چيو هو تہ تون ڳوٺ نٿو وڃي سگهين. اِنڪري، مان سمجهي ويو هوس تہ صاحب کي بزار مان ڪجهہ گهُرائڻ جي ضرورت ڪهڙي آهي... جڏهن تہ سڀ ڪجهہ ٻاهران مُفت ۾ ئي اَچي ويندو. شام ٿي رهي هئي.

صاحب جا ٻئي ڳن مٿن پنهنجي پوليس - ڪاتي ۾ ڏياري ورهائيندي - ورهائيندي هاٿي پنهنجي هن اصلي صاحب کي بہ ڏياري ڏيڻ پهتا هئا. هوُ پنهنجيءَ خانگي ڪار ۾ آيا هئا. ڪار جي پٺئين حصي ۾ هنن منائيءَ جا باڪس ۽ دارونءَ جون بوتلون رکيون هيون... ظاهر هو تہ هوُ ٿاڻيدار (صوبيدار) کان وٺي ايس.ايڇ.او، ڊي.سي.پي ۽ ايس.ايس.پي آفيس جي صاحبن کي، جيڪي هُنن کي پد تي لڳائيندا ۽ هٽائيندا رهيا هئا، ڏياري ڏيئي آيا هئا.

ٻہ باڪس کڻي هوُ ڪوٺيءَ اندر آيا. مون صاحب جي ڪمري ۾ وينل صاحب کي وڃي ٻڌايو. صاحب ٻاهر اَچي ويو. هُنن ٻنهي گڏ چيو، ”ڏياريءَ جون واڌايون سَر...“

صاحب اڳتي نہ چيو تہ توهان کي بہ واڌايون هجن. صاحب يڪدم اهو ئي پڇيو، ”توهان پنهنجيءَ ڪار ۾ آيا آهيو...؟“

”ها جي سَر...“ هُنن وري گڏ چيو.

”پوءِ هلو مون سان گڏ ٿورو... سيشن هائوس مان تي اَچون... ڏياري ڏيئي اَچون...“

صاحب ڪمري جي اندر ويو. ڳن مٿن پاران ڏنل ٻئيباڪس منهنجي هٿن ۾ هئا. اَندر اچي صاحب چيو، ”اويي... اهي ئي ٻئي ڊبا هڪ وڏي لفافي ۾ وجهي چڙ... خبر ناهي هِي ڇا کڻي آيا هجن... مان سيشن جج کي ڏيئي ٿو اچان... ۽ هوُ اِستئنو صبح جو فروٽ جي ٽوڪري کڻي آيو هو... اُن مان ڪجهہ فروٽ ڪڍي اچ... لفافي ۾ وجهي چڙ ۽ پيٽيءَ مان هڪ بوتل بہ کڻي اچ... ٻن لفافن ۾ وجهي چڙ سڀ ڪجهہ...“

مون جج جي حڪم تي عمل ڪندي ٻئي لفافا پِري چڙيا هئا. صاحب هڪ ڳن مٿن کي چيو، ”پُٽ تون هتي ئي ويهہ...اسان اِجهو اَچون ٿا... پنيان ڪو اَچي تہ اُن کي ويهارجانءِ...“

صاحب پنيان وينو ۽ مون ٻئي لفافا ڏاڍي عزت سان گود ۾ رکي چڙيا ۽ اڳيان ويهي رهيس. پنجن منٽن ۾ ڳن مٿن اسانکي سيشن هائوس وٺي هليو. هائوس ٻاهران ڇڳيون ئي مهنگيون ۽ الڳہ - الڳہ نمونن جي ڪارن جي پيڙ هئي. ضلع جا سڀ ننڍا - وڏا آفيسر سيشن جج صاحب کي ڏياري ڏيڻ آيل

هئا. ضلع جي ايس.ايس.پيءَ جي ڪار ۾ ڪافلو بہ ٻاهر بيٺل هو. مان لفافو کڻي صاحب جي اڳيان-اڳيان هلي رهيو هوس... تہ صاحب گهوري چيو، ”ٻاهر لڳي اٿيئي توکي...؟ الوُ... منهنجي پٺيان-پٺيان هل تون.“

دٻ ڪائي مان صاحب جي پٺيان-پٺيان هلڻ لڳس. سيشن جج صاحب ۾ ٻيا آفيسر ورانڊي ۾ ئي وينل هئا. سيشن جج صاحب اسانجي صاحب سان ويٺي-ويٺي ئي هٿ ملايو... (جو تہ اسان جو صاحب ائڊيشنل سيشن جج هو) باقي سڀني آفيسرن ۾ اي.ايس.پيءَ اسانجي صاحب سان گڏ اُٿي هٿ ملايو ۽ ٻيا آفيسر بہ عزت ۾ سيٽن تان اُٿي پيا هئا. اسان جو صاحب ويجهو پيل خالي ڪرسيءَ تي ويهي رهيو هو. هڪ طرف رکيل ميز تي لفافا رکي مان واپس موٽي آيس. اجان پنج-ست منٽ ئي گذريا هئا تہ اسان جو صاحب بہ لٽڪيل منهن کڻي اچي ويو ۽ اسان ڪوٺيءَ اَچي پهتاسين. اسان جي ڪوٺيءَ اڳيان بہ ڪارون بيٺيون هيون. صاحب چيو، ”پائي لڳي ٿو... اسان جي ڪوٺيءَ تي بہ ڪو آيو آهي.“ مون ڏٺو صاحب جي شڪل تي چمڪ اچي ويئي هئي.

ڊي.ايس.پي ۽ اي.ڊي.ايم. آيل ويٺا هئا. مان ٻنهي لاءِ جوس جا گلاس ڀري کڻي آيس. هُنن جي طرفان آيل سوکڙيون هُنن جي گن مئنن اڳ ۾ ئي لاهي هڪ ڪنڊ طرف رکي ڇڏيون هيون. پنجن-ستن منٽن جي هلڪي گپ-شپ ڪانپوءِ هوُ اُٿيا... هُنن کي کهڙو هڪ ئي جڳهہ تي ڏياري ڏيڻي هئي؟ ٽُڪر-ٽُڪر تي وڃڻ باقي هو هُنن جو!

مان ’ڏياري تماشو‘ ڏسي-ڏسي حيران هوس تہ واه او منهنجا يارت... تنهنجو ڇا ٿيندو...؟

ڊي.ايس.پي ۽ ايس.ڊي.ايم جي هلي وڃڻ ڪانپوءِ تہ ڪجهہ ئي دير ۾ اسانجي ڪوٺيءَ ۾ ڏياري ڏيڻ لاءِ اچڻ وارن جو عدد وڌي ويو. سيشن ڪورٽ جو سپرنٽينڊينٽ، ناجر، اِسٽور اِنچارج، گهڻن ئي ٺاٺيدارن جا ايس.ايڇ.او، اهلمد(عملدار) ۽ ريڊر ڏياري ڏيئي ٻيني-ٻيني منٽن ۾ ئي هلي ويا هئا. صاحب جا جونئر جج بہ هاڻي اَچڻ لڳا هئا. جيڪڏهن ڪو ڪرسيءَ تي ويهندو هو تہ جڻ ڪرسيءَ تي ويهڻ جي رسم ئي اَدا ڪندو هو ۽ ڏياريءَ جون واڌايون ڇئي سوکڙي ڏيئي پڇڻ جي ڪندو هو. سڀني وٽ وقت جي گهٽتائي

هئي. صاحب جو ڪمرو سوڪڙين سان پرجي ويو هو. سڄي شهر ۾ ڦٽاڪا ٻري رهيا هئا. آسي پاسي جي آفيسرن جي ڪوٺين ۾ ڏاڍي رؤنق هئي. صاحب چيو، ”وڃ اوپي ٽُنبي ماسٽر وٽ... مارڪيٽ مان اڌ ڪلو ميٺ وٺي اچ... نه- نه اوپي اَڌ ڪلو رهڻ ڏي... اڌ پاءُ ئي وٺي اچ... مون اڪيلي ڪان ايترو ڪٽي ڪاڌو ويندو...“

مون سائيڪل ڪڍي ۽ ميٺ مارڪيٽ آيس. هتي ميٺ وٺڻ وارن جون وڏيون لائينون هيون. اُتي مونکي ڪجهه وقت لڳڻو هو. مان اڳيان ٿي ميٺ توراڻ جي ڪوشش ڪرڻ لڳس ته هڪ ميٺ ڏيڻ واري مونکي سڃاڻي ورتو، ”ڏياريءَ جون واڌايون سائين... اچ- اچ ڪيترو ڏيان جي... پهرين توهانکي موڪليان؟“

”اَڌ پاءُ وجهي ڇڏ جي...“ منهنجي ايترو چوندي ئي ميٺ واري اڌ ڪلو ميٺ لفافي ۾ وجهي مونکي ڏيئي ڇڏيو. مان پئسا ڏيڻ لڳس ته هُن چيو، ”نه جي... نه جي مهارل... ايڏو بوجو نه چڙهائي... رکه کِيسي ۾ پئسا... اچ ڏياري آهي... اسان جي طرفان اها ئي ڏياري قبول ڪجو جي...“

هاڻي مان ميٺ واري کي چڱيءَ طرح سڃاڻي ويو هوس... هي ته اسانجي ڪورٽ ۾ ايندو رهندو هو، هن جو پنهنجيءَ زال ڪان طلاق جو ڪيس اسان جي صاحب وٽ آيل هو. جڏهن مون ميٺ وارو لفافو سائيڪل تي ٽنگي پئڊل تي پير رکيو ته ميٺ واري جو آواز آيو، ”سائين... آواز ٿورو جلدي هٽي ڇڏيندا ڪريو... مونکي اچي ڪري ميٺ به وڪڻڻو هوندو آهي...“ سائيڪل پچائيندي سڄو رستو مان ڪلندو آيس... جڏهن ڪوٺيءَ پهتس ته ڪل غائب ٿي ويئي.

اچي ڪُڪر ۾ ميٺ ناهڻ لڳس ته ويجهو گهمندڙ صاحب چوڻ لڳو، ”اوپي توکي چيو هو اڌ پاءُ آڻجانءِ... اڌ ڪلو چو وٺي آيو آهين... ايڏو مان اڪيلو ڪيئن ڪائيندس...؟“

مان دِلير ٿي ويو هوس، ”سَر... هن تي کهڙا پائونڊ لڳل آهن... ميٺ واري مفت ڏيئي ڇڏيو... اُهو ئي ميٺ وارو آهي جيڪو اسانجي ڪورٽ ۾ پيشيءَ تي ايندو آهي... پگتومل بنام ڪانتا ديوي ڪيس وارو... هي وٺو سؤ رپيا واپس... بچيل ميٺ مان ڪائيندس سَر... پهرين توهان ڪائي وٺجو... هاڻي

مان سَر ڏياري ڏتي وچي ملهايان؟ منهنجي بہ دل تي تئي ڏياري ملهائڻ لاءِ سَر...“

سؤ رپيا ڪيسي ۾ وجهي صاحب خوش ٿي ويو هو.

”او ڪائي ونجانءِ پٽ... ڪائي ونجانءِ...“ چوندو صاحب ڪمري ۾ وڃي رهيو هو. مون فرج کان ڪارِي سوڊا ۽ پاڻيءَ جي بوتل ڪڍي ۽ صاحب جي ڪمري ۾ رکڻ لاءِ هلي ويس. ڦتاڪن جو گوڙ اڃان بہ وڌي ويو هو. صاحب بہ وڏا-وڏا پيگ ٺاهي اندر ڦتا ڪيا ۽ پوءِ سنان ڪرڻ لاءِ باٿروم (حوُديءَ) ۾ گهُسي ويو. اڪثر صاحب سنان ڪرڻ وقت گهڻو وقت لڳائي ڇڏيندو هو. مون رنڌڻي مان اِسٽيل جو گلاس کنيو... چو تہ اڄ وڏن ماڻهن کي ڏسي منهنجو من بہ پيگ لڳائڻ تي تي رهيو هو. صاحب جي بوتل مان مون پنهنجي پيئڻ لاءِ دارون اسٽيل جي گلاس ۾ اوتيو ۽ باقي بوتل ۾ اوتري ئي ڪاري سوڊا ملائي ڇڏي جيئن ڪٿي صاحب منهنجي چوري ئي نہ پڪڙي ڇڏي. اڄ چوريءَ جو دارون پي مونکي ڏاڍو مزو آيو هو. روٽي کائڻ کانپوءِ صاحب چيو، ”اويي هيِ ڏس... ڪول-ڪولي... ڇا آهي هن ۾؟“

صاحب ۽ مان سوکڙين وارا باڪس کولڻ لڳاسين. جڏهن ڪا قيمتي ۽ مهنگِي شيءِ باڪس مان نڪرندي هئي تہ صاحب خوش ٿي ويندو هو. دارونءَ جون مهنگيون بوتلون سُنن ڪاغذن ۾ پَئِڪ ٿيل، گهڻن ئي آفيسرن پيٺا ڏنيون هيون. هڪ باڪس مان ڪوٽ-پئنٽ سبائڻ لاءِ مهنگو ڪپڙو نڪتو تہ صاحب ڪپڙي کي ڏيان سان ڏسڻ لڳو... جڻ هاڻي ئي درزيءَ کي حڪم ڏيڻو هو تہ منهنجو ڪَفَن سُبيِ ڇڏ يائي... ڪنهن باڪس ۾ مهنگي ڪراڪرِي هئي.

ٻراءِ فروٽن جا باڪس بہ هئا. خئر ! صاحب مٺائيءَ جو هڪ باڪس کوليو... اُن ۾ آگري جو پيٺو هو... صاحب پيٺي جو هڪ پيِس کنيو، نڪ سان لڳايائين، ”اويي، ائين ٿو لڳي جڻ هيءُ پيٺو بانسي آهي...“ مون صاحب کان اُهو ئي پيٺو وٺي سنگهِيو، ”نہ سائين... نہ سَر... نيڪ ئي آهي جيِ... اؤ رائيٽ آهي...“

”ٻڌاءِ حد ٿي ويئي... سالو بيوقوف... اڄ انگريزي ڳالهائي رهيو آهي

طوطي وانگر... منهنجو نڪ ڪيئن ڪوڙو ٿي ويو... مونکي لڳي ٿو اِهو باڪس اُهو ئي سالو چَريو صوبيدار (ٺاٺيدار) ڏيئي ويو آهي، ڪارو-ڪارو... ڪا ڳالهه ناهي هاڻي اچڻ ڏئي هن کي پيشيءَ تي... سڀو ڏينهن بيهاريندوسانس سالي کي... شام جو موڪليندوسانس... پوءِ خبر پوندس سالي کي ته سوکڙي ڪيئن ڏني ويندي آهي جج صاحب کي...

”چڏيو سَر جي... ڪهڙو ٺاٺيدار پنهنجي گهر ۾ پينو ناهيو آهي... هلو ڪائي نه جي...“

”تنهنجو مامو ٿو لڳي ٺاٺيدار... هن جي وڪالت ٿو ڪرين بيوقوف...“

مان چُپ ٿي ويس. صاحب اڃان تائين پيتي واري باڪس کي گهوري-گهوري ڏسي رهيو هو. صاحب چيو، ”اوبي... هيءُ پينو تون ڪٽي وڃجانءِ پنهنجي ڳوٺ... هن کي اُس ۾ رکجانءِ... پوءِ نيڪ ٿي ويندو... جيڪڏهن ان ۾ ڪيڙا هوندا ته اُهي به اُس ۾ مري ويندا...“

”سَر... مان ڇو سڙيل-ٻريل پينو پنهنجي ڳوٺ کڻي وڃان... جيڪڏهن اُس تي رکي ڪائي سگهجي ٿو ته سپاڻي اُس تي رکي ڇڏيندوسانس... توهان ڪائي ڇڏجو... نه ته ڪُتن کي ڏيئي ڇڏيندس...“

”چُپ ڪر سالا... اڄ ڪيئن دلير ٿي ڦري رهيو آهين ڏياريءَ جي ڏينهن...“ منهنجي سِر تي بينٺل صاحب پڙڪيو. مان بيءَ سوکڙيءَ وارو باڪس کولڻ لڳس.

P P P

منهنجي چوري پڪڙجي پيئي

صاحب پنهنجي بيڊروم ۾ ويهي ڪنهن ضروري ڪيس جو فائيل ڏسي رهيو هو. ڪونيءَ ٻاهران گوڙ ٿيڻ لڳو. مان ڊڪندو-ڊڪندو ويس... خبر ناهي ڪير هئا... زور-زور سان جهڳڙو ڪري رهيا هئا. پوءِ مان ڊڪندو-ڊڪندو صاحب وٽ اندر آيس، ”سَر جي، هُتي خبر ناهي ڪير آهي، جهڳڙو ڪري رهيا آهن، گهڻائي ماڻهو جمع ٿي ويا آهن.

”قِتل منهن... سالا پاڳل... ڪو هجي نہ هجي... لڙِي مري... تون ڇو منهنجو دماغ کائي رهيو آهين... ڀوئنڪي.“

صاحب چِڙجي پيو هو ۽ مان ٻاهر ڊڪي آيس.

شام جي وقت جڏهن صاحب موڊ ناهي رهيو هو تہ مان پنهنجيءَ موج ۾ اَچي ويس؟ تُنبي ڪٽي ڳائڻ لڳس :

بولڻ نالون چُپ چَنگيرِي

چُپ دي نالون پَردا

جي مَنصوُر نا بولدا

سوُلِي ڪاهَنوُن چَڙدِا...“

صاحب ڪا ڳالهہ سُجهي ۽ هوُ منهنجي ڳائيندي-ڳائيندي وچ ۾ ئي چيائين، ”ڳالهہ ٻڌ اويي... تون آئين وڏو ڳايڪ... تون پاڻ تہ هڪ منٽ بہ ڀوئنڪڻ بند نٿو ڪرين تہ منصوُر ڀلا ڪيئن چُپ رهي ها... تون اِهو گيت ڳ ائي رهيو آهين تہ ڳالهائڻ ڪان چُپ سُني... تون هيئن ڳائي تہ ڀوئنڪڻ ڪان چُپ سُني... نِندر ڀوئنڪڻ ڪان نہ هَٽي ها تہ سوُليءَ تي (ڦاسيءَ تي) نہ چڙهي ها... هہ هہ هہ...“

”ٻڌايو سَر جِي... توهان تہ ائين ئي ٺا چئو... مان ڪٽي ڀوئنڪندو آهيان... ڪڏهن ڏنو اَٿو مونکي ڀوئنڪيندو؟“

”ٻيو نہ تہ ڇا... اڄ صبح جو ئي ڀوئنڪي رهيو هئين... جڏهن مان خون

جي ڪيس جي فائيل پڙهي رهيو هوس... جي ٻاهر ڪو جهڳڙو ڪري رهيو آهي... ڪو لڙي، ڪو مري... مونکي ڇڏائڻو هو وچي پوئنڪيل...''

''سَر جي پهرين توهان منهنجو نالو مراسِي رکيو هو... هاڻي پوئنڪيل نہ رکي ڇڏجو.''

''اوبي نہ مراسِي... نٿو رکان ۽ تنهنجو نالو پوئنڪيل... ائين آهين تون پوئنڪيل ئي...''

صاحب کي ڇڻ مون ئي 'مراسِي' اکر ياد ڏياري ڇڏيو هو. پوءِ صاحب نئون ئي شگوفو ڇڏيو، ''تون پلي ئي اصلي مراسِي نہ آهين، پر ڳائڻ وارو تہ آهين... هي سڀ ڳائڻ وارا مراسِي ئي ٿيندا آهن...''

''نہ سائين نہ... سَر جي... سڀ مراسِي ڪٿي هوندا آهن... گَريوال هرچرڻ مراسِي هو؟ هي گُرداس مانُ ۽ هَريچن مانُ مراسِي آهن؟ هي مانُ جَٽ آهن... ٻيا بہ وڏا جَٽ ڳائيندا آهن... هاڻي تہ هرهڪ جَٽ ئي ڳائڻ وارو بڻجي ڦري رهيو آهي... ڪو سِدوُ آهي ڪو بَراڙ... ڪو ڍِلَر...ڪو سَندوُ... ڪو گِل... ڪو چَهَل... ڪو اؤلکُ ۽ ڪو ڍِلون آهي... سڀ جَٽ ئي ڳائڻ لڳا آهن... جڻ ٻيو ڪو نالو ئي نہ بچيو هجي جَٽَن وٽ... ڪيتي ٻاڙِي فيل ٿي ويئي آهي.''

''اوبي ڳالھ ٻُڌ... منهنجو مٿو نہ کاءُ... ڪو چرچو ٻڌاءِ... مراسين کي چرچا جام ايندا آهن... ڳائڻ وارن کي.''

مونکي هڪ چرچو ياد آيو... جيڪو ڳائڻ وارن تي ئي هو! مان ٻُڌائڻ لڳس، ''سَر جي... هڪ چوڪرو هو... هوُ صبح-صبح جو ڇت تي چڙهي گ انو ڳائيندو هو... بيسُرو ڳائيندو هو. جڏهن هو گانو شروع ڪندو هو تہ پاڙيسرين جو ڪتو روئندو هو... جڏهن ڪتو روئڻ شروع ڪندو هو تہ چوڪرو ڳائيندي-ڳائيندي ڊسٽرب ٿي ويندو هو. سَر جي... هڪ ڏينهن چوڪرو ڏاڍو دکي ٿي ويو ۽ پنهنجي پيءُ کي چوڻ لڳو، ڊئڊي مان دکي آهيان... جڏهن مان ڳائيندو آهيان... ڪتو روئندو آهي... پاڙيسرين کي وچي چئو تہ ڪتي کي چُپ ڪرائين... ۽ سَر جي... جڏهن چوڪري جو پيءُ ڏوراپو ڏيڻ ويو... چوڻ لڳو پائي جڏهن اسان جو چوڪرو ڳائيندو آهي تہ توهانجو ڪتو روئندو :هي... چُپ ڪرائي ڇڏيندا ڪريوس پائي ۽ سَر جي... پاڙي وارِي چوڻ لڳِي، سائين اسان ڪتي

کي ڪيئن روڪيون... شروعات تہ توهانجو ڇوڪرو ئي ڪندو آهي... پهرين روئندو آهي... ڪتو تہ پوءِ روئندو آهي... ۽ سَر جي... ڇوڪري جو پيءُ شرم جو ماريل گهر اچي ويو... ڇوڪري کي جڏهن ڳالهہ ٻڌايائين تہ هن کي ڏاڍو شرم آيو... هو ڇوڪرو گهر مان نڪري ويو ۽ ڪجهہ مهنن کان پوءِ پنجاب جو مها بيسُرو پاپ سِنگر ٿهي مشهور ٿي ويو.''

صاحب ڏاڍو کليو هو چرچو ٻڌِي. مان بہ کلندو- کلندو پنهنجو ڪم ڪرڻ لڳس.

* * *

ڪشن موڪلون ڪاٽي آيو هو. گهٽائي ڏينهن صاحب هُن سان ڍنگہ سان نہ ڳالهايو، پر پوءِ خود ئي ٺيڪ ٿي ويو. ڪشن ڪوٺيءَ ۾ ڪم ڪندو هو ۽ مان ڪورٽ ۾ آواز لڳائيندو هوس. ائين مان ڪوٺيءَ ۾ ڪشن سان گڏ ڪم ۾ هٿ ونڊائيندو هوس. مونکي ڪورٽ جو ڪم سوکو لڳندو هو... ڪجهہ سڄاڻپ وارا بہ ملي ويندا هئا.

جج صاحب جي ڪورٽ اچڻ کان ڪلاڪ اڳہ مان ڪيسن جي فائيلن واري اَٽئچِي ٻڌُہ پنهنجي سائيڪل تي ڍوئي ڪورٽ اچي ويندو هوس. صاحب جي ويهڻ وارو اُيو چئمبر، ڪورٽ ۾ رکيل ڪرسيون، ميز، صفائي- سيوڪ (ڪرمچاري) اچي اڳہ ئي صاف ڪري ويندا هئا. مان اَچي نلڪي مان واٽر ڪوُلر ڀري ايندو هوس يا ڪپڙو هٽي مِٽِي ڇنڊيندو هوس. رٽائرنگہ روم ۾ صاحب جي ميز تي رکيل ڪانچ جي گلاس ۾ پاڻي ڀري رکندو هوس، ڇو تہ صاحب ڪار مان لهي پهرين سِڌو رٽائرنگہ روم ۾ ئي اچي ويهندو هو. اُتي ڪجهہ وقت ويهڻ کانپوءِ ڪيسن جي سُنوائيءَ لاءِ اُيي چئمبر تي چڙهي ويندو هو. اُتي بہ پاڻيءَ جو گلاس الڳہ رکيل هوندو هو. هڪ ڏينهن اِسٽئنو کان فائيل جي ڪنڊ لڳڻ سبب گلاس ٽيڙو ٿي ويو. صاحب مون تي خفي ٿي ويو، ''تون گلاس رکين ئي اهڙيءَ جڳهہ تي ٿو... هن طرف رکندو ڪر... سڄي ميز آلِي ٿي ويئي... عقل جو اَنڌو آهين تون...''

مون پڇيو، ”ٻيو ڪٿي اَچان پاڻي؟“

”ٻاهہ وسائڻي اٿيئي؟ سڄو ڏينهن پاڻي-پاڻي ڪندو ٿو رهين... هيءَ ميز آلِي ڪري ڇڏيئہ هاڻي...“

صاحب هٿ ڌوئي پنيان پيو هو. پاسي ۾ بينل وڪيل بہ عجب ۾ هئا تہ آخر ڪريو تہ پاڻي ئي آهي ۽ جج صاحب ايترو چِڙجي پيو آهي. گهڻيئي دفعا جج صاحب وڪيلن ۽ مُنشين تي بہ گرم ٿي ويندو هو. جيڪڏهن ڪو وڪيل ليٽ حاضر ٿيندو هو تہ اَچي ’ساري سَر‘ چوندو هو. جج صاحب ناراض هوندو هو. گهڻا وڪيل تہ آواز لڳندي ئي اَچي حاضر ٿيندا هئا. ننڍين ڪورٽن (لوئَر ڪورٽن) ۾ حاضر ٿيڻ وقت وڪيل ڪارو ڪوٽ گهٽ ئي پائي ايندا هئا، پر اسانجي صاحب جي ڪورٽ ۾ سڀ ڪارو ڪوٽ پائي ۽ ٽاءِ لڳائي ئي حاضر ٿيندا هئا. گهڻو ڪري نوان مُنشي تہ صاحب کان ڏڪي پنيان ئي بيهندا هئا. مان ريڊر کان تاريخ پڇي گهڻن کي فارغ ڪري ڇڏيندو هوس، ڇو تہ مان خود مُنشي ٿي چڪو هوس ۽ مُنشين جي مسئلن جي مونکي چڱيءَ طرح خبر هئي.

هڪ ڏينهن مان سپاويڪ ئي پڇي وينس، ”سَر... مالڪڻ تہ ڪڏهن آئي ڪونهي... ڪڏهن ايندي مالڪڻ؟“

”توکي مالڪڻ کان ڏهي ونڻي آهي... ڪُتي جو پچ آهين تون ٻارهن سالن کان پوءِ بہ ٿيڙي جي ٿيڙي... ڪڏهن تہ پوئڪڻ کان پري هٽي ويندو ڪر... پنهنجي ڪم سان مطلب رکندو ڪر... ٻُڌءِ يا نہ؟ لڳي ٿو تنهنجي ڪنن ۾ ڪِيڙا پئجي ويا آهن... جانورن جي تيل سان مرندا...“

هاڻي مونکي صاحب جي گارين ۽ چِڙٻن تي غصو نہ ايندو هو. صاحب کي چيڙي مونکي ڏاڍو آنند ملندو هو. هڪ ڏينهن صاحب پاڻي گهُريو تہ مان ائين ئي گلاس پري... هٿن ۾ پڪڙي ڪٿي آيو هوس. صاحب چيو، ”ڳالهہ ٻُڌ اويي، ٽِري ڪٿي آهي؟ اڳتي ان نموني پاڻي يا ڪا شيءِ مونکي ڏنئہ تہ مان تنهنجو مٿو ڦاڙي ڇڏيندس... جيڪا بہ شيءِ گهُرايانءِ... باعزت ٽِري ۾ ڪٽي اچجانءِ... ڪو مهمان ڪا شيءِ گهُرئي، تہ بہ... ٻُڌءِ؟“

”اَچا جي سَر، اڳتي ڌيان رکندس.“

ٻئي ڏينهن ئي هُن جو ڪو دوست جج صاحب سان ملڻ آيو. ڊرائنگ روم ۾ ويٺا هئا. گهنٽي وڳي، مان اَندر ويس، ”او پُٽ ڳالهه ٻڌ... ٻاهر منهنجيءَ ڪار مان ڊرائيور کان عينڪ آڻ.“

مان عينڪ پڪڙي ايندي سوچي رهيو هوس ته جيڪڏهن مان ان کي هٿ ۾ کڻي ويندس ته سُٺو نه لڳندو... صاحب غصي ٿيندو... اِنڪري مان رنڌڻي ۾ آيس، عينڪ ٽِري ۾ رکي ءُ وجي پيش ڪئي. آيل دوست صاحب ته حيران ٿيو ئي. اسان جو صاحب به ڏاڍو چِڙجي پيو، ”پَري هَٿ قِتل منهن... عقل ويو اٿيئي تنهنجو، هي ڇا اوبي...؟“

”سَر جي، توهان ئي کلهه چيو هو ته ڪا به شيءِ آڻڻي آهي ته ٽِري ۾ رکي ڏيڻي آهي...“

”چُپ ڪر سالا... پوءِ ڪين ٿو، جيڪڏهن مان چمپل يا بوٽ گهُرايانءِ ته اُهو به ٽِري ۾ رکي ڏيندين؟ پَڇ هِتان بيوقوف...“

رنڌڻي ۾ وڃي مان ڏاڍو کليو هوس.

* * *

هڪ ڏينهن ڪورٽ ۾ مونکي تهذيبي ميلن جي بابا بوهڙ پرو. جگديو سنگهه جسووال ڳولهي لڌو. هُن منهنجي اُستاد يَملا جَٽ جي باري ۾ لکيل ڪتاب پڙهيو هوءِ نوڪري لڳڻ کان اڳ مان هُن سان مليو به هوس. چوڻ لڳو، ”تنهنجي اُستاد يَملا جَٽ جي ياد ۾ هڪ وڏو تهذيبي (سيپيٽڪ) ميلو لڳي رهيو آهي... اُتي تنهنجو پهچڻ تمام ضروري آهي... تون اُستاد يَملا جيءَ جو چيلو آهين... اُن جي باري ۾ ڪتاب به لکيو اٿيئي... پيو به گهڻو ڪجهه لکيو اٿيئي، ميلي تي تنهنجو پورو-پورو مانُ-سنمان ڪندا... اُتي تون پنهنجي اُستاد جا چار-پنج گيت ڳائي ڇڏجانءِ جيئن اُنهن جي ياد به ماڻهن ۾ تازي ٿي وڃي.“

جسووال پنهنجي ڪار ڪورٽ ۾ ئي کڻي آيو هو. مان ڏکي رهيو هوس ته اندران صاحب ئي نه گهنٽي وڃائي ڇڏي...

جسووال وري چيو، ”ڪيڏو منهن سڄايو اٿيئي... تون هِتي ماڻهن کي آواز هڻندو ڦري رهيو آهين... پنجاب جا ماڻهو توکي آواز هڻندا ڦري رهيا آهن... سڄي عمر هتي ئي بيٺي مري ويندين... ٿيو ڇا آهي توکي...؟ اڃان عمر ئي ڪيتري آهي تنهنجي... چڱو، مان وڃان ٿو هاڻي... تون جج صاحب کان ڪهڙي نہ ڪهڙي بهاني موڪل وٺي ميلي تي اچج.“

مون پريل من سان چيو، ”دادا... چانهہ ڪٽي اچان؟“

جيتوڻيڪ مونکي خبر هئي تہ باپو جسووال کي چانهہ نہ ٿي پياري سگهيس. دادا چيو، ”نہ، مان نہ پيئندس چانهہ.“

جسووال پريل من سان ڪار ۾ ويهي هلي ويو.

منهنجي اُستاد جي نالي تي ايڏو وڏو ۽ سنو ميلو ڪيو پئي ويو ۽ مان پلا جواب ڪيئن ٿي ڏيئي سگهيس؟ ميلي ۾ اڃان ڏهہ ڏينهن باقي هئا، مون هن سان پڪو واعدو ڪيو هو تہ مان ڪهڙي بہ حالت ۾ ميلي ۾ ضرور پهچندس.

پهرين مان چاهيان پيو تہ صاحب کي سچ-سچ ٻڌائي موڪل وٺي ڇڏيان، جيئن ريڊيو پروگرام لاءِ ورتي هئي. پوءِ منهنجي من ۾ آيو تہ جيڪڏهن صاحب وڃڻ کان منع ڪري ڇڏيو تہ پوءِ؟ ائين بہ ٿي سگهي ٿو تہ تون هاڻي هن ڪم لاءِ ئي ٿي ويو آهين. انڪري جيڪڏهن صاحب کي نہ ئي ٻڌايو وڃي تہ ٺيڪ رهندو. ميلي ۾ وڃڻ لاءِ مان گهڻن ئي قسمن جون ترڪيبون سوچي رهيو هوس.

صاحب جي ڪوٺيءَ جي سامهون ٺهيل سرڪاري ڪالونيءَ جي ڪوارٽرن ۾ منهنجو هڪ دوست هو، هن کي ۽ هن جي پيءُ کي ساهتيہ پڙهڻ جو شوق هو. ٻئي پيءُ-پٽ منهنجو ڏاڍو قدر ڪندا هئا. ھُنن سان منهنجو سنو ميل-ميلاپ هو. جڏهن مون ھُن کي ميلي تي وڃڻ جي باري ۾ ٻڌايو تہ ھُن چيو، ”مان بہ توسان گڏ هلندس.“

مون چيو، ”ويندا سين ڪيئن؟ ڪو پِلان تہ ٺاهيو، طريقو ڳولهيو ڪو.“

دوست تُرت طريقو ڳولهيو، چوڻ لڳو، ”تون هيئن ڪر، مونکي جج صاحب جو فون نمبر ڏي... مان فون ڪندوسانس... چوندوسانس... جي مان نِندر جو پاڻ ٿو ڳالهايان. ڳوٺ ۾ ڪنهن سان جهڳڙو ٿي پيو آهي... نِندر کي جلدي

موڪل ڏيئي موڪليوس... تون پڇي اچجانءِ... صاحب ضرور موڪل ڏيئي ڇڏيندو... ڏسندو وچ تون... هيِ ڪم پڪ ٿهي ويندو ۽ اسان گڏجي ميلي تي هلنداسين.''

مونکي دوست جي ڳالهہ وڻي. ۽ اهڙي نموني اسان پروگرام ٺاهي ڇڏيو، صاحب جي ڪوٺيءَ جو فون مون هُن کي لکائي ڇڏيو هو. ٺُنبيءَ وارو جهولو مون دوست کي اڳ ئي ڏيئي ڇڏيو هو ۽ اسانکي سِڌو ميلي لاءِ نڪري وڃڻو هو. ميلي کان هڪ ڏينهن اڳہ شام جو دوست کي فون ڪرڻو هو. فون جو اِنتظار ڪندي مان آسي پاسي ۾ ئي گهُمي رهيو هوس. من ۾ اِهو بہ ڊپ هو تہ ڪٿي اسان جي اها اسڪيم فيل ئي نہ ٿي وڃي، پوءِ ڇا ٿيندو؟

فون وڳو، صاحب کنيو، ''هيلو، ڪير ڳالهائي رهيو آهي، اَڇا، ها آهي... هيِ وٽ تنهنجو فون آهي ڳوٺ مان.''

مون فون کڻ سان لڳايو ۽ ناٽڪ ڪرڻ لڳس، ''هَئِن... اَڇا ڪنهن سان؟ اَڇا... ڏک ڪيترا لڳا اَٿس؟ اَڇا...؟ هَئِن...؟ مٿو ڦاڙي ڇڏيائينس...؟ او تنهنجي...؟ هوُ تہ نيڪ آهي...؟ ڏک گهڻا تہ نہ لڳا اَٿس...؟ گهڻا اٿس؟ چڱو پوءِ مان صاحب کان موڪل وٺي اچان ٿو...''

فون رکي ناٽڪ ڪندي مان هٿ مَلهڻ لڳس.

''هاڻي ويندين تون... سپاڻي جلدي اچي وڃجانءِ... هليِ وڃ... ائين تہ ڪشن آهي... ڏک گهڻا لڳا اٿس؟ تنهنجي ڳوٺ ۾ ماڻهو نالين-گهِٽين جي پنيان مٿا ڦاڙيندا رهندا آهن هڪ-ٻئي جا...'' صاحب چيو.

مان جلدي-جلدي دوست جي گهر آيس. اسان ڪلي رهيا هئاسين تہ وڏو دانوُ لڳو آهي. اسان ڪوٺين مان ٿيندي چورن وانگر لڪي-لڪي بس اَڏي تي اَچي وياسين.

ميلي وارن زوردار سواڳت ڪيو. جسوال مونکي آيل ڏسي ڏاڍو خوش ٿيو. اسان جي رهڻ ۽ کائڻ-پيئڻ جو سٺو بندوبست هو. صبح جو ميلي واريءَ جڳهہ تي چڱو ميڙ هو. هڪ منتري بہ پڌاريو هو. مون ٺُنبيِ ٺُنڪائيِ... اُستاد يَملا جيِءَ جا گهڻائي گيت ڳايا... ماڻهن کي ڏاڍا وڻيا... زوردار تاڙيون وڄايائون. مونکي چڱو حوُصلو مليو. ڪجهہ پئسا اِنعام طور بہ مليا. منتريءَ سنمان ڪيو،

گلي ۾ هار وڌا ويا... سنهو ڪمبل ۽ سنمان پَتر، مومينٽو بہ پيٽ ٿيو. فوٽا ڪڍيا ويا. وقت اندر ئي ڪم پورو ٿي ويو هو. بس ۾ ويناسين ۽ پنهنجي نڪاٽي تي پهتاسين. پنهنجو سڄو سامان مون دوست جي گهر ئي رکي ڇڏيو هو. ڪوٺيءَ اَچي صاحب کي سَت شريِ اَڪال چيو.

”ڪيئن آهن هاٽي؟ نبريِ ويو لڙائي-جهڳڙو... ڏڪ وغيره ٺيڪ آهن؟“

”ها جيِ سَر، پاڙي وارا جهڳڙجيِ پيا... اسان جي ماڻهن کي ماري آيا... هاٽي تہ ڏسو... جيِ ڪجهہ نهي ٿو يا نہ...؟“

لڳو ڳالهہ آئي-ويئي ٿي ويئي آهي. مان خوشيءَ ۾ سڀ ڪم ڪندو ڦريِ رهيو هوس. ميلي جي رؤنق جو آنند اڃان بہ منهنجي من ۾ تازو هو. ٻئي ڏينهن روز وانگر صبح جو صاحب وٽ اَخبارون آيون. هڪ اخبار انگريزيءَ جي ايندي هئي ۽ ٻي پنجابيءَ جي. پنجابي اخبار ۾ ميلي جي وستار سان رپورٽ ڇپيل هئي ۽ گڏ ئي منهنجو فوٽو پڻ ڇپيل هو. منهنجو فوٽو منتريءَ ۽ جسووال سان گڏ بيٺل... سڄي ٽائيٽل سان گڏ صاف-صاف ڏسڻ ۾ اچي رهي هئي. صاحب مونکي زور سان آواز ڏنو، ”اوِيي هتي اچ، هيِ ڇا آهي؟ هتي ڪڏهن هلي وئين تون؟ هَئِن اوِيي؟ اويي ڪُتي جا... هيِ... تہ ڪلهہ ئي ٿيو آهي... تون ڪيئن هتي...؟ تون تہ ڳوٺ ويو هئين جهڳڙو نبيرڻ... يَملي جَٽ جو ميلو ۽ تنهنجو ڳوٺ، اها ڪهڙي کهاٽي ٿيِ...“

صاحب ڪڏهن مون طرف ڏسي رهيو هو ۽ ڪڏهن اخبار ۾ ڇپيل رپورٽ طرف.

”تون ڳوٺ جو بهانو ناهي... ميلي هلي ويو هُئين... جنهن کوهہ جو تو پاڻي پيتو آهي اُنهن جون سِرون مون ئي لڳايون آهن... مونکي بيوقوف ٿو ناهين تون...؟ تون ايترو ڪوڙو ۽ فريبي آهين...؟ ميلي ۾ وئين ڇو تون؟ ايڏو ڪوڙ ڳالهايئہِ...؟ ڏاڍو خراب آهين تون... حد ٿي ويئي يار... ڪلهہ جو ڇوڪرو... مونکي بيوقوف ٿو ناهين...؟“

”سَر جيِ معاف ڪري ڇڏيو، معاف ڪريو... اڳتي مان ڪوڙ نہ ڳالهائيندس... هن دفعي معاف ڪري ڇڏيو...“

”تو جهڙا سالا... تون سمجهين ڇا ٿو پاڻ کي اويي؟ مون توکي سِڏو نہ ڪيو

تہ مونکي بہ سيشن جج نہ چئجانءِ... ڏس تہ سَهين ڪيئن بيٺو آهي سانڍي وانگر اَڪڙجي... منترين سان گڏ... گلي ۾ هار پيا اٿَس... تنهنجي شڪل آهي هارن جهڙي... تنهنجي گلي ۾ مون لٽل چِلٽَن جا هار نہ وڌا... تہ چئجانءِ... اچي وئين وڏو گايڪ تون... ٺوڙيانءِ تنهنجون ٽنگون. سياڻي ڪندس سيشن جج سان ڳالهہ... تنهنجو ڪم تَمامُ ڪندس... گهر پڄايانءِ توکي... مونکي اَنڌو ٿو ٿاهين.''

''سَر جي، معاف ڪري ڇڏيو جِي... اڳتي ڪوڙ نہ ڳالهائيندس جِي... هن دفعي معاف ڪريو.''

مان معافيون گهُري رهيو هوس، صاحب زور-زور سان بنا روڪ ڳالهائيندو پئي ويو. مونکي ڪجهہ سمجهہ ۾ نہ اَچي رهيو هو... ڇو تہ صاحب منهنجي چوري پڪڙي ورتي هئي.

P P P

ٻڳائڻ لڳو صاحب

صاحب پڪو ملوَئِي هو. مالوي جي پئدائش... تعليم بہ مالوي ۾... ڳ وناٽو جَت هو، ائين بہ صاف، ٻولِي بہ سوَلِي... پر ڏات بہ سچو جيئن اڳ ۾ ذڪر ڪيو آهي... نوَڪري بہ وڏي عرصي کان مالوا ۾ ئي ڪري رهيو هو. پنهنجي ڳوٺ پلي ئي گهٽ ويندو هو... گهڻو ڪري پنهنجيءَ موَج ۾ ئي خوش هوندو هو. جڏهن بہ ڪڏهن صاحب موهاليءَ ويندو هو ۽ واپس موٽندو هو تہ تناوَ سان ڀريل ئي موٽندو هو، چڻ ڪِت-پِت ڪرڻ ئي ويندو هو... ڪٽيئي دفعا مون پاڻ سان گڏ وارن اَردلين کي چيو هو تہ مون صاحب جو نالو جهڳڙالوُ رکي ڇڏيو آهي. صبح جو جڏهن صاحب جي ڪار ڪورٽ جي ٻاهران اچي بيهندي هئي تہ ٻيا اَردلي ڏسي چوندا هئا، ”وٺ سائين، اچي ويو جهڳڙالوُ...“

* * *

’توُتَڪ توُتَڪ توُتيِيان، هَئي جَما لو...‘ اهو گيت ڏاڍو مشهور ٿيو هو... جنهن بہ گهٽيءَ-پاڙي ۾ گهُسو، اِهو ئي وڄندو ٻُڌڻ ۾ ايندو هو. جج صاحب جي ڪنن ۾ بہ اِهو ڪٿان پئجي ويو هو. هڪ ڏينهن صاحب چوڻ لڳو، ”منهنجي ٻالهہ ٻُڌ اوپي تُنبي ماستر... تون اِئين ئي ٿُنگہ-لُنگہ-لُنگہ ڪٽي گهُمندو ڦرندو آهين... تون بہ اهڙو ڳانو شروع ڪر... توُتَڪ توُتَڪ توُتيِيان... ڇڏ تُنبيءَ جو پيڇو... يَملا مري ويو... تُنبي بہ مري ويئي... ائين ئي ڪَدوءَ ۾ ڏنڊو گهُسائي ڦرندو آهين، جيڪڏهن ٻاڻو اَتيئي تہ ائين ٻائي جيئن مَلڪيت ٻائيندو آهي... توُتَڪ توُتَڪ توُتيِيان... نين آ جا توُتان والي ڪوُهہ تي...“

صاحب جون اِهي ٻالهيون فالتوُ هيون. ڪو مطلب نہ هو اِنهن ٻالهين جو. مان صاحب کي گهڻيئي دفعا ٻڌائي بہ چڪو هوس تہ مان يَملي جَٽ جو چيلو-شرڌالوُ آهيان... ٻائڻ منهنجو ڌنڌو نہ شوَق آهي... تُنبِي منهنجي ڳروءَ جي نشاني آهي... صاحب جو اِنهن ٻالهين سان ڪو واسطو نہ هو. هُن جي من ۾ جيڪي ڪجهہ ايندو هو، اُهو ٻڌائي ڇڏيندو هو. پنجابِي ڳايَڪي، ساهتيہ

۽ ڪلا جي باري ۾ يا سنگيت-ڪلچر جي باري ۾ به هُن کي بلڪل ڄاڻ ڪانه هئي.

شام ٿي، صاحب موڊ ناهڻ لڳو. اڄو ڏاڍو خوش هو. اڄ هڪ خبر آئي هئي ته ججن جون پگهارون تمام گهٽيون وڌايون ويون آهن. مون ته ائين ئي پڇي ورتو، ”سَر جي... اڄ توهان ملڪيت جي گاني ٽوُٽَڪ ٽوُٽَڪ ٽوُٽيِيان جي ڳالهه ڪري رهيا هئا، توهان ڪٿان ٻڌو اهو گيت سَر جيِ...؟“

”ته ڇا تون ئي هڪ اڪيلو گيت ٻڌڻ-ٻڌائڻ ڄاڻين ٿو؟ مان نٿو ٻڌي سگهان؟ جيڪڏهن مان ڳائيندس به ته توکان سؤ پيرا وڌيڪ سُٺو ڳائيندس؟ تون هيِ ڇا ٽُنگه-لُنگه ڪندو رهندو آهين... اِها ته منهنجي لاءِ معمولي ڳالهه آهي.“

صاحب وسڪيءَ جو پيگه اندر ڦٽو ڪيو ۽ پڪوڙا کاڌائين.

مان رنڌڻي طرف وڃڻ لڳس، ”اويي وڃين ڪٿي ٿو، هتي اَچ مون وٽ... وڃ پنهنجي ٽُنگه-لُنگه کڻي اچ... مان وڄائي ڏيکاريانءِ توکي... تون ته ائين ٿو سمجهين نه ته اها تو اڪيلي کي ئي وڄائڻ ايندي آهي... ڏسڄانءِ پُٽ مان اِن کي ڪيئن ٿو وڄايان... توکان ته سُني ئي وڄائيندس... ڏسڄانءِ هاڻي.“

اهو ٻُڌي مان ڏاڍو گهبرائجي ويس ته صاحب ته هاڻي ٽُنبيءَ جي تار ئي ٽوڙي ڇڏيندو. هيءُ نئون ئي پَنگو ڪڙو ٿي ويو. هن کي ڪهڙي خبر ٽُنبيِ وڄائڻ جي باري ۾... نه ڪڏهن هن پڪڙيِ... نه خبر... نه سُر. هاڻي نشئي ٿيو ته ڇا چوانس...؟ خير، مان ٽُنبيِ کڻي آيو هوس.

”اويي کڻي اچ اويي کڻي اچ، ڏي مونکي مراسيِ ٽُنگه-لُنگه-لُنگه-لُنگه.“

مون ڏڪندي صاحب طرف ٽُنبيِ وڌائيِ. صاحب اُلٽي هٿ سان اُلٽي ٽُنبيِ پڪڙيِ. تار تي اُلٽيون-سِڌيون آڱريون هڻڻ لڳو. ٽُنبيِ ويچاري ٽُنگه-لُنگه ڪري ٽُنڪڻ بدران ’ڊِپ-ڊَپ-ڊَپ-ڊَپ‘ ڪرڻ لڳي. مان ڏڪي رهيو هوس ته صاحب هاڻي ٽُنبيءَ جي تار ٽوڙي ئي رهندو. صاحب ٽُنبيءَ سان مٿو هڻڻ لڳو، پر ٽُنبيِ ’ڊِپ-ڊَپ-ڊَپ-ڊَپ‘ ئي ڪندي رهي. آخر جڏهن ڳالهه نه نهي ته صاحب منهنجي طرف ٽُنبيِ وڌائيندي چيو، ”هيِ وٺ پڪڙ مراسيِ،

مونکان نٿي وڃي، تون ئي وڄائي اِن کي، وٺ پڪڙ پنهنجي... اُلٽو پنگو وٺي
ڇڏيو مون...“

مون تُنبِي پڪڙي ۽ تار سيٽ ڪئي. اُستاد يَملي جَٽ جا گيت، ’جَگتي
نوُجَد کي توُيَگتي نوُکَر لَئہ، جِن تيرا هوٽا اي سهائي‘ جي طرز ڪڍڻ لڳس.
صاحب هڪ ٻيو پيگ اندر ڦٽو ڪيو، مٿو ڌوڏڻ لڳو، ”ڏس اويي، ڪيئن ٽُنکي
ٿي سالي... ڏي... هَئن...؟ منهنجي هٿ ۾ اَچي گوُنگي ٻڻجي ويئي... هاڻي
ڏس ڪيئن ٿي ٽُنکي... مراسِي ئي وڄائي ٿو سگهي اِن کي.“

مان طرز ڪڍي ئي رهيو هوس تہ صاحب چيو، ”اويي ڳالهہ ٻڌ او مراسِي،
تون تُنبيءَ تي توُتَڪ توُتَڪ توُتِيان جي طرز ڪڍ... مان گيت ٿو ڳايان... ۽
تون تُنبِي وڄائي... مون سان گَڏ... وڄائي او تُنبِي...“

مان وڏيڪ عجب ۾ پيس تہ صاحب کي اڄ گانو ڪيئن ياد اچي ويو؟
۽ فرق ڏسو، ڪٿي تُنبِي ۽ ڪٿي توُتَڪ توُتَڪ توُتِيان گيت... پاپ ڊانس...
۽ اِن جو تُنبيءَ سان گَڏ ڪهڙو ميل آهي ڀلا؟

مون چيو، ”سَر جي... اِهو گيت تہ پڇمِي (اولهي) سازن تي ڳايو آهي
مَلڪيت... اِهو تُنبيءَ تي نٿو ڳائي سگهجي... اِهو تہ اِليڪٽرانڪ سازن تي
ڳايو ويندو آهي.“

”پري هَٽ قِتل مُنهن... عقل جا اَنڌا... تون مونکي سمجهائي رهيو
آهين... آيو آهي وڏو غلام علي خان... توکي مون ويهہ دفعا سمجهايو آهي
تہ مونکي نہ سمجهائيندو ڪر... هرهڪ ڳالهہ ۾ پاڙيهي اڳيان ٽيڻ لڳندو آهين...
ڇو نٿو ڳائي سگهجي تُنبيءَ تي... ڏي تُنبِي مونکي... مان ٿو توکي ڳائي
ڏيکاريان...“

صاحب منهنجي هٿ مان تُنبِي پڪڙي ورتي ۽ وڏي-وڏي آواز ۾ گلو
ڦاڙي ڇوڻ لڳو:

او هَئي جَما لو
توُتَڪ توُتَڪ توُتِيان
يائي توُتَڪ توُتَڪ توُتِيان

تُنبِي ڪيئن وڃي ها؟ اُها وري ’ڊِپ-ڊِپ-ڊَپ-ڊَپ‘ ئي ڪندي رهي
۽

صاحب منهن مٿي ڪري پاڳلن وانگر توُتَڪ- توُتَڪ- توُتِيان- نِي آجا توُتان والي ڪوُهه تي... مٿئين سُر ۾ ڳائيندو رهيو. جڏهن صاحب جي ڳالهه نه ٿهي ته هُن هڪ ٻيو نئون پنگو ڪڙو ڪري ڇڏيو... چوڻ لڳو، ”اوبي ڳالهه ٻُڌ... تون منهنجي پنيان هَئي جَما لو، هَئي جَما لو چئه... جيئن مَلڪيت جي پنيان چوندا آهن... گڏ ئي تُنبي وڃائي چئه... لَئه ڏس، مان ڳايان ٿو...“

صاحب وري ڳائڻ لڳو، جيئن مونکي چئي رهيو هو، تيئن ئي مان ڪري رهيو هوس. عجب ۾ به هوس... ڪل به اَچي رهي هئي ته صاحب کي هاٺي ڪير چوي... نه ئي صاحب کي ڳاني جي خبر هئي... بس هُن جي مٿان ڳائڻ جو ڀوُت سوار ٿي ويو هوس... بي سُرا آواز ڪڍي رهيو هو. مان ڪري به ڇا ٿي سگهيس؟ جواب ڪيئن ڏيانس؟ جڏهن مان ’هَئي جَما لو هَئي جَما لو‘ چئي رهيو هوس ته تُنبي لاهور ۾ هوندي هئي ۽ مان مُڪتسَر کان پريان ڪوٽ ڀائي ۾ گهُمي رهيو هوس... صاحب ويچارو بٽالا جي پاسي اَمرجيت گُرداسپوري جي ڳوٺ اُڏووالي کي روُڙيون تي هوندو هو...

ڪو سُر نه... نه ڪو ميل... صاحب بي سُڌ ٿي ”توُتَڪ- توُتَڪ- توُتِيان“ چوندو ويو. جڏهن پوري طرح ساهه ڦوڪجي ويس، سهڪي پيو، ته چيائين، ”اَڙي ڏنئه مراسي، مون ڳانو ڳايو... تون سمجهين ٿو ته منهنجي بنا ڪو ڳائي ئي نٿو سگهي هتي... تون اڪيلو ئي ڳايڪ پئدا ٿيو آهين؟ ٻُڌِه منهنجو گيت؟ اِئين ڳائيندا آهن... اسانکي به ڳانو ايندو آهي...“

اندر ئي اندر ۾ مونکي ڏاڍي کل اچي رهي هئي. پلي ئي مان کُلئي عام کلي نه سگهي رهيو هوس. اچ به صاحب پنهنجو پاڻ ۾ ڏاڍو خوش هو. هُن چڱي طرح توُتَڪ- توُتَڪ- توُتِيان گيت ٻڌو به نه هو ۽ نه ئي هڪ اڌ سِٽ کان سواءِ هُن کي سڄو گيت ايندو ئي هو. هي ته شراب ۾ ڊرڪيل کي نقلي ڪلاڪاري چڙهيل هئي... جيڪا هاٺي ساهه ڦوُڪجڻ ڪري لهي ويل لڳي رهي هئي.

رنڌڻي ۾ اچي ڪم کي لَڳئي به مونکي چڱي دير ٿي ويئي هئي، پوءِ ڪاڏو وغيره ڻاهڻ جي تياري ۾ لڳي ويو هوس. ڪم ڪندي مان پنهنجن ئي ويچارن ۾ مست هوس ته صاحب ته ڪمال آهي. ايڏا تَهه هئا اِن جا... جو ڦير ائيندو وچ خبر ئي نه پوندي ته ڪهڙا- ڪهڙا تماشا ٿو ڪري... ڪڏهن ڪيئن ٿو ٿي

وچي ۽ ڪڏهن هڪدم الڳ... سوچيندو-سوچيندو مان دال کي داڳ ڏيڻ لاءِ بصر ڪٽڻ لڳس. خبر ناهي صاحب کي ڇا سُجهيو جو هوُ منهنجي پنيان آهستي سان آيو ۽ يڪدم وڏي آواز ۾ گلو ڦاڙيائين، ”او يائي هَئي جَما لو... اويي توُتيِيان توُتڪ...“

منهنجي هٿ مان چاقوُن تہ ڪرڻ واروئي هو مان بہ ڪرندي-ڪرندي مشڪل سان بچيو هوس ۽ صاحب خوشيءَ ۾ وڏا-وڏا آواز ڪڍي ڪلڻ لڳو، ”اويي واه اويي مراسيِ، تون تہ ڊرپوڪ آهين... قِتل مُنهن، ڏڪي ڪري ڪري پيو هُئين... وچ اويي... توکي ڪجهہ نٿو اَچي، سواءِ ٺُنگہ-لُنگہ-لُنگہ جي... مان سيڪاريانءِ پُٽ توکي ڳائڻ جو ڍنگہ... تون توُتڪ توُتيِيان ڳائيندو ڪر... توکي يَملي ڪان ڇا ڏهي وٺي آهي... اويي اُهو تہ مري ويو ڪڏهوڪو... هاڻي تون مَلڪيت جو چيلو بڻجي وچ مراسيِ... تون بہ مري وچ... تون بہ مري وچ مراسيِ...“

صاحب فالتوُ هِتي-هُتي جي هٽي رهيو هو. مان هُن جي نياريِ ليِلا ڏسي عجب ۾ هوس.

P P P

مينهن جي گابيءَ جو وڇوڙو

مينهن جي گابيءَ جي مان پوُري-پوُري شيوا ڪندو هوس، پوءِ به اُها ڏاڍي ڪمزور ٿي پيئي هئي... ڳوناٽي مينهن جي ڏيءَ جو شهري وايومنڊل ۾ من نہ لڳو هوندو... مان ائين ئي سوچيندو هوس.

گابيءَ جي پيٽ ۾ ڪيِڙا هئا... ڏينهون پوءِ هوءَ وڌيڪ ڪمزور ٿي رهي هئي. چارو بہ نہ کائي رهي هئي. پنهنجي ماءُ (مينهن) جو کير پيئڻ تہ هوءَ ڪڏهوڪو ڇڏي چڪي هئي. جڏهن گابيِ مينهن جو کير پيئندي هئي، تڏهن بہ صاحب چِڙجندو هو، ”ڏس اويي ساليِ سڄو کير پي ويندي... چڪيِس پنيان... اسان ڇا پيئنداسين... ڏس ڪيئن پيِ رهي آهي کير... سڄو پيِ ويندي ڪميري... اسان موهاليءَ ڇا موڪليندا سين؟“

هاٽي صاحب اُلٽو چوندو هو، ”اويي تون گابيِءَ کي بکيو ٿو رکين، هن کي صحيح طريقي سان چارو نٿو ڏينس، تون ماري ڇڏيندين هن کي... جيڪڏهن گابيِ مري ويئي تہ پڇائي ڇڏيندوسانءِ توکي، ٻڌيِ ڇڏ هاٽي...“

مون چيو، ”سَر جيِ، ڪڏهن توهان چوندا آهيو تہ گابيِ ڪمزور آهي، ڪشن کي ڏيئي ڇڏ... توهان کير نٿا پيئڻ ڏيوس... هاٽي چئو ٿا مري رهي آهي... مان ٿوريئي ماريان ٿو هنکي؟“

صاحب مون طرف ڏٺو پر چُپ رهيو.

هڪ ڏينهن صاحب وري گابيِءَ جي ڳالهہ ڪٽي وينو، ”ڳالهہ ٻڌ اويي، توکي گابيِ مارڻي آهي... چارو نٿو وجهين هن کي؟ جيڪڏهن هيءَ مري ويئي، پوءِ ڏسجانءِ تنهنجو ڇا ٿو حال ڪريان؟“

منهنجي منهن مان بہ نڪري ويو، ”سَر جيِ، چارو تہ کائي ئي نٿي هيءَ... هن جي سامهون تہ پيو هوندو آهي چارو... مان هن جي منهن ۾ ڪيئن وجهان؟ هن جي پيٽ ۾ ڪيڙا آهن سائين...“

”پوئڪڻ تہ توکي سُنو ايندو آهي... کائي ڇو نہ ٿيِ چارو تنهنجي نانيِ؟ ڪٿي آهن ڪيِڙا هن جي پيٽ ۾؟ تو هن جي پيٽ ۾ گهُسيِ ڏٺو آهي؟ وڏو

آيو آهين سِول سَرجن... تنهنجي پيٽ ۾ ڪيڙا ڇو نہ پيا... جو اڳيان ڪان پوئنڪندو ٿو رهين هر وقت...''

گابي نيڪ ٿيڻ بدران ڪجهہ ئي ڏينهن ۾ وڌيڪ ڪمزور ٿي پيئي هئي. ڪيڙا مارڻ واريءَ دوا بہ اَثر ڪونہ ڪيو هو. هڪ ڏينهن مان سرڪاري وَيٽنرِي ڊاڪٽر کي بہ گهُرائي آيو هوس. ڊاڪٽر ٽُڪا هنيا هئا ۽ دوا ڏني هئي.

هڪ ڏينهن رنڌڻي جو ڪم پورو ڪري کٽ تي ليٽيو ئي هوس تہ مينهن زور-زور سان رنڀائڻ لڳي. جڏهن گهڙيءَ دير تائين بس نہ ڪيائين تہ مون دروازو کولي لائيٽ ٻاري... گابي مري ويئي هئي. مينهن گابيءَ طرف وڌي رهي هئي... مون سوچيو جيڪڏهن صاحب کي هاڻي ٻڌايو تہ هو گوڙ ڪرڻ لڳندو تہ گابي ماري ڇڏيَئہ. اڳ ۾ ئي مشڪل سان ٽِڪيو آهي... ٿي پيگہ هٽندي ئي صاحب ٽُن ٿي ويندو آهي. اڄ بہ چڱو ئي پيتو هئائين. پوءِ مون سوچيو جيڪڏهن صاحب کي هاڻي نہ ٻڌايو تہ هوُ گاريون ڏيندو تہ رات جو ئي مونکي ڇو نہ ٻُڌايئہ. مون صاحب جو دروازو نہ کڙڪايو... آواز ڏنو، ''سَر جِي... سَر جي... سَر...'' مونکي کونگهرن جا آواز ٻُڌڻ ۾ آيا. پوءِ مون من ۾ فيصلو ڪيو تہ صاحب کي هاڻي نہ ئي جاڳائجي. گاريون ئي کائڻيون آهن، اُهي صبح-صبح جو بہ تازيون ملي وينديون. مان پنهنجي ڪمري ۾ اچي ليٽي پيس، مينهن اڃان بہ گلو ڦاڙي رهي هئي. ليٽيل-ليٽيل منهنجي من ۾ ويچار آيو تہ گابي ائين ئي پيل نہ رهڻ کپي. سياڻا ماڻهو چوندا آهن تہ مريل شرير ڊڪيل هئڻ کپي. گابيءَ تي ٻوڻ رکي ڇڏڻ کپي. پوءِ شايد مينهن بہ رڙيون ڪرڻ بند ڪري ڇڏي. پنهنجي ڌيءُ جي بي وقت وڇڻ جو دکہ ڪري رهي آهي ويچاري ماءُ... ويڻ وجهي رهي آهي وڏا-وڏا... مان ويس... گابيءَ مٿان ٻوڻ وجهي آيس پر مينهن پوءِ بہ رڙيون ڪرڻ ڪان نہ هٽِي. ڏيرراتِ تائين ائين ڪندي رهي، ''آن... آن... آن...''

صبح جو صاحب کي چانهہ جو ڪوپ ڏيندي مون چيو، ''سَر جِي، گابي مري ويئي...''

''مري ويئي...؟ لڳي پيو مرڻ وارِي... هاڻي مينهن کير ڪيئن ڏيندي...؟''

صاحب چانهہ جو ڊڪ پريندي چيو. صاحب گابيءَ جي مرڻ جو ٻُڌي دکي

نہ ٿيو هو.

”سَر جيِ... گابيِ ٻي وٽي ايندا سين جانورن جي مارڪيٽ مان.“

”اُلٽيون ڳالهيون ڇو ڪندو آهين... اهڙا گابا ۽ گابيون ڪٿي وڪامندا آهن جو جڏهن مرضي پوي پڪڙيو ۽ مينهن جو ٿڻ هُن جي منهن ۾ وجهي ڇڏيو... تون پاڻيهي ڳالهيون ٺاهيندو رهندو آهين... ڳالهہ جو مطلب توکي خبر نہ هوندو آهي... تون پاڻيهي ڇوُسي ونڃانءِ ڏُهڻ کان اڳہ.“

صاحب ٿورو گرم ٿي ويو هو.

مان رنڌڻي ۾ وڃڻ لڳس، ”وڃين ڪٿي ٿو... منهنجي ڳالهہ ٻُڌ پهرين... وڃ... پهرين هُن مورکہ ڪشن کي چئہ تہ هن کي ڦٽو ڪرائي، وڃ جلدي.“

”سَر جيِ، مينهن رُنو ڏاڍو رات جو... وچ وچ ۾ ويڻ بہ وجهي رهي هئي گابيءَ کي... ڏيءَ مري ويس ويچاريءَ جي...“

صاحب چِڙجي پيو، ”ڦِٽل منهن... مان ڇا ڪريان؟ تون بہ روئي وٺ مينهن کي گلي لڳائي... ڇئي رهيو آهي مينهن روئي ٿي... جڏهن تون مرندين تنهنجي ماءُ بہ ائين ئي روئندي ڪير...“

صاحب کان اهڙي سڌي ڳالهہ ٻُڌي ۽ دب کائي مان هاڻي سِڌو ڪشن جي گهر طرف ٿي پيس. هوُ سامهون کان ايندي رستي تي ملي ويو، ”رات جو گابيِ مري ويئي ڙي ڪشن سِنها.“

ڪشن زور-زور سان کلڻ لڳو، ”سُني خبر ٻُڌائي اٿيئي، مري ويئي تہ ورهائي ٻُڙ، پتاشا ڪيرو... ڪير تہ توهان ٻئي پيئندا هئا ۽ چاروڪُتريندو رهندو هوس مان... خراب نِيَت وارن سان ائين ئي ٿيڻو هو.“ ڪشن جي کل روڪڻ سان بہ نہ رڪجي رهي هئي.

جڏهن گابيءَ کي مينهن جي پاسي کان کڻڻ لڳاسين تہ هوءَ اجان بہ زور سان رڙيون ڪرڻ لڳي. هِتي-هُتي ٽپا ڏيڻ لڳي. پاسي ۾ بيٺل صاحب مينهن کي ٻچڪارڻ لڳو، ”مُن... چ... هي... چُپ ڪر.“

گابيِ سائيڪل پنيان رکيل ڪونيءَ کان ٻاهر اَڇي ويئي هئي. صاحب چُپ ڪري ڪمري ۾ وڃي رهيو هو. مان بہ هُن جي پنيان-پنيان هوس. مينهن لڳاتار رڙيون ڪري رهي هئي.

”اوبي وڃ... هُتي پاٽي - ٻاٽي پيار پنهنجي ماسيءَ کي، منهنجي پنيان منهن کڻي اچي رهيو آهين... بيوقوف... جڏهن ڏس، منهنجي پنيان ئي ڦرندو رهندو آهي...“

”سَر جي پاٽي پياريو هومانس، پيئي نٿي، اُئين ئي رڙيون ٿي ڪري... دکہ ڪري رهي آهي ويچاري پنهنجيءَ ڏيءُ جو...“

صاحب ٻُٽبٽائيندو اندر وڃي گهُسيو.

* * *

حقيقت ۾ جڏهن کان ڪوٺيءَ ۾ مينهن آئي هئي مان ۽ ڪشن ڏاڍو دکي ٿي ويا هئاسين.

ڪشن جي ڊيوٽي فقط کير ڏُهڻ جي هئي ۽ منهنجي ڊيوٽي مينهن جي شيوا سنڀال، چارو وجهڻ، ڇيڻو کڻڻ، مينهن کي سنان ڪرائڻ جي هوندي هئي. صاحب جي ڪوٺيءَ ۾ آيل سوڪڙيءَ واري ڳوناڻي مينهن جي آمدنيءَ اڪيلو مونکي ئي نہ، پر ٻين بہ گهڻن ئي ماڻهن کي پري-پري تائين دکي ڪري ڇڏيو هو. ۽ ٻيو کير-کير کهڙي-کهڙي دکہ سان دکي هو، اهو بہ ٻڌائي ئي ڇڏيانوَ. صاحب جي ريڊر تي تمام گهڻو بوجو هو. گهڻيون ئي مزدوريون وٺندو هو ۽ پوسرندو رهندو هو ۽ هُتي جج صاحب جو چوڻ هو تہ توهان منهنجي نالي تي ماڻهن کان رشوتون ٿا وٺو. ريڊر مونکي هفتي جا پئسا ڏيئي ڇڏيندو هو ۽ مان اُنهن مان مينهن جو چارو پاسي واري چاري جي دڪان تان آڻيندو هوس. مينهن جي لاءِ کَلِي، داڻو ۽ ٻيو فيڊ يا دوا جي جوابداري ريڊر جي هئي ۽ ريڊر دکي ٿي چوندو هو تہ هُن کان گهر ۾ رکيل پنهنجي مينهن جي شيوا اوتري نٿي ٿئي، جيتري صاحب جي مينهن جي ڪرڻي ٿي پوي. ڍنگر ڊاڪٽر بہ دکي ٿيل ڦرندو هو... صاحب هن کي چئي رکيو هو تہ هوُهر هفتي مينهن کي ڏسڻ ضرور اچي... چاهي مينهن بيمار هجي يا نہ! ڍنگر ڊاڪٽر کي هر هفتي دکي ٿي اچڻو پوندو هو. هُتي ڪشن صبح جو ڏاڍو جلدي اُٿندو هو ۽ مان اُن کان بہ اڳہ اُٿي مينهن جي اڳيان چارو وغيره وجهيڏُهڻ لاءِ تيارڪندو هوس. ڪشن کير ڏُهي وٺندو هو ۽ مان ڪَئِن پري سائيڪل جي پنيان رکندو هوس

۽ بس اَڏي تي اچي موهالي وڃڻ واريءَ بس جي ڊرائيور کي اچي ڏيندو هوس. صاحب جو کير لڏينديو... ڊرائيور-ڪنڊڪٽر الڳ ڏکي هئا.

هڪ ڏينهن هڪ سرڪاري وڪيل صاحب ڪوٺيءَ تي آيو، صاحب کي مُفت ۾ اُلٽي صلاح ڏنائين. چوڻ لڳو، ”سَر ڪوٺيءَ ۾ هيڏي جڳهه فالتوُ پيئي آهي. چو نه مينهن لاءِ توهان چارو هتي ئي پَيدا ڪرائي ڇڏيو... جيڪڏهن حڪم هجي ته مان پنهنجي دوست جي دڪان تان ٻج ۽ ڀاڻ موڪلي ڏيانوَ...“ ونو سائين، اِهي شيون به اَچي ويون... مان ۽ ڪشن دل سان روئندا وڪيل ۽ صاحب کي گاريون ڏيندي چارو ڇَٽڻ (وڃهڻ) لڳاسين. چاري کي پاڻي ڏيڻ لاءِ ننڍي موٽر به لڳي ويئي هئي.

هڪ ڏينهن اُهو ئي سرڪاري وڪيل آيو ته صاحب چيو، ”وڪيل صاحب توهان صلاح تمام سُني ڏيندا آهيو... چوندا آهن ته جيڪو چوي اُهو ئي ڪُندو ڪولي... توهان پنهنجي ڪنهن جاٽوءَ کي چئي هڪ ترالي توڙي ته گهُرايو... جڏهن ڪان اسان جي مينهن جي ڳابي مُئي آهي، اُها ڪمزور ٿي رهي آهي.“ ۽ ٻئي ڏينهن ئي توڙيءَ جي ترالي اچي لٿي صاحب جي ڪوٺيءَ تي. هاڻي؟ جانور هڪ، چارو ۽ ٻي خُراڪ چئن جانورن جيتري گڏ ٿيڻ لڳي. مان ڪشن سان ڪلڻ لڳس، ”تون به هڪ ٻڪري پالي ڇڏ... راشن پاڻي صاحب جي ڪوٺيءَ مان ختم نه ٿيندو... جيڪا مرضي ٿيئي ڪارائيندو وڃجانس ڪَٽي-ڪَٽي پنهنجي ٻڪريءَ کي.“

سڄو ڏينهن مينهن ڪجهه نه ڪجهه چَرندي رهندي هئي ۽ ڇيڻو به تمام گهڻو ڪندي هئي. مان ڪوڏر سان ڇيڻو گڏ ڪندو هوس، ٻَنَل ۾ وجهندو هوس وڃي ڪچري جي پيٽيءَ ۾ ڦٽو ڪندو هوس... دل سان ڀڳوان جي مهرباني به مڃيندو هوس ته شڪر آهي ڪنهن صاحب کي اِهو عقل نه ڏنو ته سُڪل ڇيڻا ٺهرائيندو ڪر... بزار ۾ وڪامي ويندءِ. جيڪڏهن صاحب کي ڪو صلاح ڏئي ها ته صاحب جي حڪم ڪان پوءِ اِهي سُڪل ڇيڻا ٺاهڻ... اُس ۾ سُڪائڻ ۽ پوءِ مارڪيٽنگ ڪرڻ جو ڪم به منهنجو ئي ٿئي ها.

هڪ ڏينهن مان مينهن جو ڇيڻو ڪٺي رهيو هوس. مينهن ڇيڻي تي پير رکي بيٺي هئي. پير هٽائي نه رهي هئي. مان چڙجي پيس ۽ ڪوڏر مينهن جي

پير تي هٽي ڪيڍي. هوءَ چيٽي تان هَٽي، مون چيٽو ڪنيو ته ڪوڏر الڳه تي ويئي. مستريءَ کان ڪوڏر نيڪ نيڪ ڪرائڻ جو جهنجهٽ الڳه سان ڪڙو تي ويو.

هڪ ڏينهن ريبدر ڏاڍو ڏکي ٿيو ۽ چوڻ لڳو ته پيائي هاڻي منهنجا هٿ متي آهن... مينهن جي وڏي خرچ جي هاڻي مونکان شيوا نه ٿيندي... مون صاحب کي اِها ڳالهه ٻڌائي ته صاحب ٻئي ڏينهن ئي اِستئنو کي گهُرائي چيو، ”ريبدر کي مون ڪنهن کان ڏهه رپيا به وٺندو ڏنو ته هُن جي خير ڪونهي... ٻُڌيِ چڏ... تون ڪندو ڪر خرچ جو بندوبست پاڻ... ڪين ڪرڻو آهي... ڪٿان ڪرڻو آهي... توکي خبر ئي آهي.“

اِستئنو کي ته اِشارو ئي کپندو هو ته ماڻهن کي لُٽ... هو ته اڳهِ ئي تيار ڦرندو هو. خرچ ڪيڻ لاءِ هُن کي صاحب کان کُلي موڪل کپندي هئي، جيڪا ملي ويئي هئس. اِستئنو به هڪ ٻن ٽاڻيدارن (صوبيدارن-اِنسپيڪٽرن) کي چئي مينهن جي خرچ سان گڏوگڏ پنهنجو بندوبست ڪري چڏيو هو. ريبدر جو خيسو هاڻي ٿڌو رهندو هو ۽ هوُ سڄو ڏينهن پوسرندو رهندو هو.

ڏُند ٿيڻ لڳي. تمام سخت ٿڌ جا ڏينهن اچي ويا هئا. هڏيون ڏکنديون هيون ۽ ٺُر-ٺُر ڪري هلندي ڦرندي ڪم ڪرڻ وارا هڪ ٻئي کي گاريون ڏيندا رهندا هئا. ڪير جو کَٽِن ڪٽي مشڪل سان ئي بس اڏي تي پهچندو هوس. هڪ ڏينهن کَٽِن سائيڪل جي پنيان ڪري پيو... کَٽِن ٻڌڻ واري گسيل نوڙِي ٽُٽي پيئي هئي. جڏهن منهنجي سائيڪل هڪ کڏي تان گذري... کَٽِن هيٺ لڳو ۽ ڊِڪڻ کُلي پيو. منهنجي سائيڪل تان لهڻ کان اڳه اڌ ڪان وڏيڪ ڪير ڪري چُڪو هو. شڪر آهي جو کَٽِن ۾ کڏو نه ٿيو هو... نه ته جج صاحب مونکي کڏي ۾ وجهي چڏي ها ۽ پوءِ خبر ناهي ڪيترن ڏينهن تائين صاحب کي کَٽِن جي کڏن تي روئندو رهڻو هو. خير! ماں ڏاڍو ڏکي ويو هوس... هاڻي ڇا ڪريان؟ ڪريل ڪير ڪٿان آڻيان؟ جيڪڏهن صاحب کي ڪير ڪرڻ جي باري ۾ ٻڌائيندس، تڏهن به گاريون ۽ جوتا پوڻ وارا هئا. اِنڪري... ماں همٿ ڪري پاسي واري نلڪي تي ويس ۽ چڱو ئي پاڻي کَٽِن ۾ وجهي چڏيو. ڊِڪڻ لڳايو ۽ ٽُٽل من سان کَٽِن آڻي ڊرائيور کي ڏنو... وري اڳتي

ڊرائيور بہ کھڙو گھٽ ھو ڪنھن ڪان؟ چيائين، ”ڪيئن آھين اَردليِ صاحب... اڄ تہ فؤجون ليٽ آھن... لڳي ٿو صبح - صبح جو صاحب ڪان ڪجھہ اِنعام مليو اٿيئي.“

مون ڪجھہ نہ چيو ۽ سائيڪل تي چڙھي پيس. اڪثر مان پنھنجي ڏُکن جو حال ڊرائيور سان اوريندو ھوس. ڪڏھن - ڪڏھن ھو بيھي چانھہ پيئندو ھو تہ صلح ڪري مونکي بہ چانھہ پيئاري ڇڏيندو ھو. تڏھن ھن سان گڏ ۾ الھين جي ڏي - وٺ ٿيندي ھئي.

مان ۽ صاحب ڪورٽ اچي ويا ھئاسين. منجھند جو جڏھن مان صاحب جي روٽي کڻڻ ڪوٺيءَ تي ويس تہ پاسي واري ڪوٺيءَ جي اَردليءَ رامي ٻڌايو تہ اڄ تنھنجي ڪوٺيءَ جو فون گھڻيءَ دير تائين وڄندو رھيو... (اُن وقت اجان موبائيل فون نہ آيا ھئا، لئنڊ لائين فون ئي ھئا)... مونکي شڪ ٿيو تہ پڳوان نہ ڪري، ضرور مالڪڻ جو فون ئي ھوندو. پر فون ڪير کڻي؟ مان ۽ صاحب تہ ڪورٽ ۾ ھئاسين. جڏھن مان روٽي ڻاھي کڻي ڪورٽ آيس... تڏھن جج صاحب چيمبر ۾ ويھي بحث ٻڌِي رھيو ھو ۽ بحث بہ خون جي ڪيس جو ھو... منھنجيءَ جڳھہ تي اَردليءَ طور ڪشن بيٺو ھو. جڏھن مان صاحب جي روٽيءَ وارو ٽفن رٽايرنگہ روم ۾ رکڻ لڳس تہ صاحب جي آفيس وارو لئنڊ لائين فون وڄڻ لڳو. مون فون جو رسيور کڻ سان لڳايو، مالڪڻ کَڙڪيِ رھي ھئي، ”صاحب ڪٿي آھي، مونسان ڳالھہ ڪرائيس ھاڻي ئي.“

مون چيو، ”ما... جيِ... صاحب تہ بحث ٻڌِي رھيو آھي... بيزيِ آھي صاحب ڏاڍو.“

مالڪڻ رڙ ڪري چيو، ”تنھنجو ۽ تنھنجي صاحب جو اھو بِزيِ - بِزيِ وارو ۽ بحثون ٻڌڻ وارو ڪم ڪڏھن پورو ٿيندو؟ ھل - ھل... مون سان ڳالھہ ڪرائيس... ڪُتو ڪٿان جو... ڪير جي چوري ڪرڻ لڳا...“

مالڪڻ جي چِڙ ٻڌِي منھنجو پيشاب نڪرڻ وارو ھو. مان ڊکي صاحب جي چيمبر ۾ آيس ۽ ننڍي آواز ۾ صاحب جي ڪن ۾ چيو، ”سَر، مالڪڻ جو فون آھي... اُھا ڪنھن پرابلم ۾ ٿيِ لڳي... ھولڊ تي آھي فون سَر...“

صاحب وڪيلن جي بحث وچ ۾ ئي روڪي ڇڏي ۽ وڃي فون جو چوڳو

پڪڙيو. مان بہ آهستي - آهستي صاحب جي پٺيان وڃي بيٺو هوس.

”اَڇا، اَڇا... ڪائي نہ ڪائي ڳالهہ ناهي... مان خبر ڪيان ٿو هنن جي جوُن منڊليءَ مان... هي سڀ ڪُتي جا ٻچا آهن... هن کي تہ خبر ئي هوندي تہ ڇا ٿيو آهي، تون بہ اُتان جي جئرام کان خبر ڪيائي... هيءُ ئي موهاليءَ جي بس اَڏي تان ڪير وٺي اڏي تي ئي وڪٽي ڇڏيندو هوندو... هِن جو نالو جئرام آهي، آهي ڪُتي جي هَڏ.“

صاحب کي موهاليءَ واري نوڪر تي شڪ ٿيڻ لڳو هو.

فون رکي صاحب منهنجي طرف مخاطب ٿيو، ”اوئي اچ ڇا ڪيئہِ، ڪير موڪليو هُيئہ يا پاڻي موڪلي ڇڏيئہ... توهان ماڻهو سالا سڀ چور آهيو... لڳي ٿو تون رستي تي ڪير وڪڻڻ لڳو آهين چانهہ جي کوکي واري کي... ڪير وڪٽي باقي پاڻِي نوکي ڇڏيو هوندُئہ.“

مان روئي پيس، ”نہ جيِ سر... بلڪل نہ... ڪڏهن بہ نہ سَر... گروءَ جو قسم آهي سائين...“

”ڇگو پوءِ... هوُ ڊرائيور - ڪنڊڪٽر حرامزادا... اِهي ڪير چوري ڪندا هوندا...“

”نہ جيِ سَر... نہ... اڳہ ڪڏهن بہ ائين نہ ٿيو آهي جيِ... ساري سَر... مون ئي ڳالهہ لڪائي هئي... اچ ڪير ڪري پيو هو... مون ئي اُن ۾ پاڻي ملائي ڇڏيو هو... سَر اڳتي نہ ڪير ڪرندوءِ نہ ئي ڪڏهن اهڙي شڪايت ايندي...“

”هَت - هَت ڪُتا... پاڳل سالا...“ ائين چوندي صاحب چيمبر طرف هلي ويو هو... جتي وڪيل باقي بحث ٻڌائڻ لاءِ هُن جو اِنتظار ڪري رهيا هئا.

P P P

صاحب جو پير ٽُٽو

صاحب کي ٻه ڳُڻ مَڱِڻ ٻه مليل هئا... جيڪي صاحب جي ڪورٽ وچڻ وقت صبح جو ڪونيءَ اڳيان اَچي حاضر ٿيندا هئا ۽ وري شام جو ڪورٽ ڪان ڪونيءَ تائين... ڪار ۾ گڏ ويهي صاحب کي ڇڏڻ ايندا هئا. ڪورٽ ۾ هو صاحب کي ويهاري خالي ويهي ڪرسيون ٽوڙيندا هئا، اُٻاسيون ڏيندا هئا... هر-هر چانهه پيِ ايندا هئا... گپ شپ هڻي ٽائيم پاس ڪندا هئا. صاحب هُنن جي طرفان بي پرواهه ئي هو... هُنن کي ڪم نه چوندو هو ڪڏهن. جنهن ڏينهن ڪڏهن ڪنهن اپيل جو فيصلو ٿيڻو هوندو هو، ته هوُ پوريءَ طرح ساوڌان رهندو هو...اپيل جنهن جي حق ۾ ڪئي ويندي هئي... هوُ وڪيل جي اڏي تائين هُن سان گڏ ويندو هو ۽ پنهنجي حصي جي 'شيوا-پاڻي' وٺي ايندو هو. هاڻي اهو 'شيوا-پاڻي'ءَ وارو ڏنڌو مونکي سمجهه ۾ نه آيو هو. مان آواز ڏيندو رهجي ويندو هوس... هل ڀائي... فلاڻو بنام ڍينگرو حاضر ٿئي... يا وري چانهه پاڻي ڍوئيندو هوس ۽ وڪيلن کي آواز ڏيندو هوس... هتي ريڊر ۽ اِسٽئنو پنهنجي 'شيوا-پاڻي' ڪرائي ڇڏيندا هئا.

اِهو 'شيوا-پاڻي'ءَ وارو ڏنڌو اسانجي ڀارتيه حڪومت جي ڍانچي ۾ ايترو ته وڌيڪ گهڙجي ۽ ملي چڪو آهي جو اِن بنا هڪ قدم ٻه هلڻ مشڪل ٿي پيو آهي. ٻڪايل ۽ خونخوار سِرڻن وانگر بابوُشاهي 'شيوا پاڻي'ءَ لاءِ مرڻ-مارڻ تي لهي پيا آهن.

هڪ ڏينهن صاحب ٻارهن دڪانن جي اَپيل منظور ڪئي. ڪنهن معمولي جَت جا دڪان هئا ۽ اَپيل دڪاندار جي حق ۾ ٿي ويو هو. جيئن ئي صاحب حڪم ٻُڌائي چيمبر ڪان هيٺ لٿو ۽ رٽائرنگ روم ۾ ويو ته مان پاڻيءَ جو گلاس صاحب جي ميز تي رکي ٻاهر آيس. ريڊر چيو، ”او وچ... سردار جيِءَ ڪان پنهنجي 'شيوا-پاڻي' وڃي گهُر.“ شايد ريڊر ڄاڻي ٻُجهي يا غلطيءَ سان چيو هو، ”سردار جيِءَ ڪان...“

مان ڊڪيس ۽ سردار جيِءَ جي پنيان وڃي چيو، ”باباجيِ منهنجي

’شيوا - پاڻي‘؟‘‘ اُهو بزرگ سردار منهنجي مٿان ڪُتي وانگر ڪريو، ’’اَپيل تہ دڪاندار جي حق ۾ ڏياريئہ ماءُ جا خسم... شيوا - پاڻي مونکان ڪهڙيءَ ڳالهہ لاءِ؟‘‘

مان شرم کان پنتي پئجي ويس.

جڏهن صاحب ڪار ۾ ويهڻ لاءِ ويندو هو تہ ڳن مٺن هُن جي ويهندي ئي ڊرائيور جي پاسي واري سيٽ تي ويهي رهندو هو... صاحب جي طرف وارو ڪار جو دروازو مان ئي بند ڪندو هوس. اِن سان گڏ ئي مان سئليوٽ بہ ڪندو هوس. جيڪڏهن مان ڪورٽ پهرين پهچندو هوس تہ ڪار جو هارڻ ٻُڌي ساوڌان ٿي ويندو هوس، ڪار بيهندي هئي... مان صاحب جي طرف وارو دروازو کوليندو هوس... سئليوٽ ڪندو هوس...

هڪ ڏينهن ڪار هلڻ لڳي تہ صاحب اجان چڱيءَ طرح وينو ڪونہ هو. مون ڪٽي دروازو زور سان بند ڪري ڇڏيو. صاحب جو پير اُن ۾ اَچي ويو. صاحب رڙ ڪئي، ’’او هو... هاءِ ! بيڙيءَ ٻُڏا... مان مري ويس.‘‘

ڊرائيور ڪار بيهاري ڇڏي. صاحب سِليپر مان پير ڪڍي هٿن سان دبائي رهيو هو. مان ڏڪندي پنيان بينو هوس.

’’اچ - اچ ڪونيءَ اچ... توکي ٻڌاياںءِ ٿو... ڪونيءَ اچ، ٽوڙيندس تنهنجون ٽنگون... هل وڌائي ڪار...‘‘

صاحب مون تي ڏند پيِسي رهيو هو. جنهن حساب سان صاحب سوُر محسوس ڪيو هو، اُن مان ائين لڳي رهيو هو تہ پير وڏيڪ ئي دبجي ويو هو. هاڻيءَ ڪونيءَ تي وجي منهنجي شامت اچڻ واري هئي. آخر مان، من مضبوط ڪري ڪونيءَ تي پهتس. مونکي ايندو ڏسي ڳن مٺِن گيٽ جي سامهون بيهي کلي رهيو هو. ڪشن کي ڊاڪٽر آڻڻ لاءِ موڪليو هئائين. ڪشن ڳن مَٺن جي چڱيءَ طرح ڳالهہ بہ ڪونہ ٻُڌِي تہ ڇا ٿيو ۽ ڇا نہ... ۽ ڪهڙو ڊاڪٽر وٺي اَچڻو آهي. هُن سمجهيو تہ ڪلهہ - پرهينءَ واري مينهن بيمار آهي... ڍنگر ڊاڪٽر کي آڻڻو آهي. ڪشن اجان ڪونيءَ اندر گهُسيو ئي هو تہ هُن جي پنيان ئي ڍنگر ڊاڪٽر اچي ويو... صاحب پڇيو، ’’توهان ڪيئن آيا؟‘‘

ڊاڪٽر ٻُڌايس، ’’ڪشن سڏايو آهي جيِ... سَر... حڪم ڪريو.‘‘

صاحب اُن ئي وقت ڪشن کي گاريون ڏيڻ شروع ڪري ڇڏيون... هو ٻُڌندو رهيو ۽ شرمندو ٿي ٻنگر ڊاڪٽر موٽي ويو. صاحب اڱڻ ۾ ڪرسيءَ تي وينو هو، ٽنگن سِڌي ڪري وڇائي هئائين.

”تون ماڻ... مون طرف ڇا منهن ڪٽي اچي رهيو آهين... نڪري وڃ هتان... ڪُتو ڪٽان جو... انڌو ڪتي جو... هيئن بند ڪندا آهن دروازو؟ پير ٽوڙي ڇڏيئه منهنجو...“

صاحب ڏاڍو غصي ۾ هو. مان مٿو جهڪائي بُت ٿي بيٺو رهيس.

هاڻي اصلي ڊاڪٽر اچي ويو هو... اِنسانن وارو... لڳي پيو ڇڻ ڏک جو سڄو سبب ڱن مَئن ڊاڪٽر کي اڳ ۾ ئي سمجهائي ڇڏيو هو. ڊاڪٽر چيو، ”پُٽ... دروازو ڏيان سان بند ڪندا آهن.“

مان ڇا چوان؟ صاحب وري شروع ٿي ويو، ”هي تہ اَنڌو آهي... اَنڌو بلڪل ئي اَنڌو... ڪو عقل ڪونهي هِن کي... خبر ناهي ڪنهن پرتي ڪري ڇڏيُس سالو ڪارو ڪانءُ؟“

”ڊاڪٽر صاحب... ڏک گهڻو تہ ڪونهي؟“ صاحب ڊاڪٽر کان پڇيو ۽ ’هاءِ - هاءِ‘ ڪندي ٽنگن ميڙهيائين.

”نہ جي سَر... ڏک تہ ڪو خاص ڪونهي... بچاءُ ٿي ويو... آيوڊيڪس لڳائيندا رهو... باقي رات جو ٽاڪوڙ ڪجانءِ... سيڪ ڪجانءِ... ٺيڪ ٿي ويندي.“

ڊاڪٽر آيوڊيڪس جي شيشي کولي. صاحب جي پير تي آيوڊيڪس مَلهِي ويئي. شيشي بند ڪندي ڊاڪٽر چيو، ”هِي وٺ پُٽ، رات جو هڪ دفعو جڏهن صاحب سمهي تڏهن لڳاءِ ڇڏجانئس... سيڪ بہ ڪجانءِ.“

”هي ڇا لڳائيندو... ڏيو مونکي ڏيو ڊاڪٽر صاحب توهان... مان پاڻهي لڳائي ڇڏيندس.“ صاحب ڊاڪٽر کان شيشي وٺي ڇڏي.

شام ٿي ويئي هئي. ڪشن ڪم ڪري رهيو هو، سڄو تماشو ڏسي خوش بہ ٿي رهيو هو. پر اڄ صاحب وٽان ڪشن کي جيتريون گاريون مليون... اوتريون سڄي نوڪريءَ ۾ نہ مليون هوندس.

منهنجي ڪن ويجهو منهن ڪري چوڻ لڳو، ”صاحب بہ توسان ئي ٺيڪ

ٽيندو آهي... مون جهڙي ڪي ڇا ٿو سمجهي... ڇگو پير ٽوڙيس سالي جو، مان ته چوان ٿو سالي جي سڄيءَ ٽنگ تي پلاسٽر چڙهي ها... پوءِ نيڪ ٿئي ها ڪم.''

اڄ مان صاحب جي ڪمري ۾ نه ويو هوس. جڏهن ڪان ڪشن ڪم تي آيو هو هاٽي مان ڪڏهن-ڪڏهن ڳوٺ به هلي ويندو هوس پر ويندو هوس رات جو، ڪشن سان گڏ سڀ ڪم ڪرائي. جڏهن ڇگي رات ٿي ويئي ته مون ڪشن کي چيو، ''يار وڃ، وڃي صاحب کان پڇي اڄ ته مان ڳوٺ وڃان؟''

ڪشن وڃي صاحب کان پڇيو، ''سائين، نندر ڳوٺ وڃڻ لاءِ موڪل ٿو گهُري.''

صاحب تمام گرم ٿي ويو، ''هُن جون ڇا ٽنگون ٽُٽل آهن؟ منهنجي اڳيان چو نٿو اَچي بيهي هو؟ هَئِن؟ منهنجو پير ٽوڙي هاٽي ڳوٺ وڃي رهيو آهي سالو موُرکه ڪتان جو. اويي مراسي... ڪٿي آهين توُن اويي ڪُتا...؟''

مان مٿو هيٺ ڪري، صاحب جي سامهون وڃي بيٺس. ''اويي، مٿو جهُڪائي نه بيهه ُهِتي... وڃ پهرين پاڻيءَ جو جَڳه ڪٽي اچ... پاڻي ختم ٿي ويو آهي... ڪٽي اچ پاڻي.''

صاحب به ٿي پيگه هٽي چُڪو هو. پاڻي آندو ويو. ٻيا پيگه ٺاهڻ لڳو. ڪشن رنڌڻي ۾ هلي ويو.

''سَر جي... مان وڃان جِي... مونکي ڳوٺ وڃڻو آهي.''

''ڳوٺ وڃي توکي بيدا ڏيڻا آهن... منهنجو پير ٽوڙي هاٽي ڳوٺ وڃڻو اٿيئي؟ توکي مان ڇا-ڇا سمجهايانءِ اُلوءَ جا پَٺا... مونکان کهڙن جنمن جو بدلو وٺي رهيو آهين تون... تنهنجي ڳچِي ٽوڙيان اُٿي مان؟ تنهنجي ٽُنگه-لُنگه ٽوڙيان يا تنهنجي ڳچي؟ ٻنهي مان ڇا ٽوڙيانءِ؟ ٻڌاءِ مونکي ڇا ٽوڙيانءِ؟ منهنجو پير ٽوڙي ڳوٺ ويندين؟ پنهنجي ماءُ-پيءُ کي وڃي ڇئجانءِ مون صاحب جو پير ٽوڙي ڇڏيو... ڇئجانِ وڃي... جيڪڏهن مان تنهنجي ٽنگه ڪٽي ڇڏيانءِ تون هلي سگهندين... جيڪڏهن تنهنجي آڱر ڪٽي ڇڏيانءِ هاٽي، تنهنجي ٽُنگه-لُنگه ڪيئن وڄندي؟ وڄندي؟ جيڪڏهن وڄندي ته ٻڌاءِ؟''

”سَر جي، غلطي ٿي ويئي معافي ڏيو جي... مون کهڙو دروازو ڄاڻي ٻُجهي بند ڪيو هو... اڳتي ڌيان رکندس جي...“ مون چُپِ ٽوڙي.

”ڪير جا وڏيڪ ڳالهائڻ ۽ معافيون وٺڻ تہ توکي منت ۾ اچي ويندو آهي... ڪم سڀ اُلٽا ئي ڪندو آهين... وڃ-وڃ ڳوٺ پنهنجي... روءِ وڃي ماءُ-پيءُ جي اڳيان تہ صاحب جو پير ٽوڙي ڇڏيو... وڃ، پيڇو ڇڏ منهنجو... مر وڃي ڪٿي... گڏهہ ڪٿان جو.“

ويچاري صاحب جي وَس ڪان ٻاهر جي ڳالهہ هئي. ڏک جي سوُر سبب هوُوڏيڪ پئي ويو هو... هاڻي بنا بريڪ جي ڳالهائي رهيو هو. مان دکي تہ هوس ئي، پر ڳوٺ وڃڻ جو اُتساهہ بہ هو... سائيڪل کوٺيءَ مان ڪڍي ۽ سُکہ جوساهہ اچڻ جي اُميد ٿي.

رستو ايترو خراب هو جو سائيڪل سڄي رستي تي ڪڙچ-ڪڙچ ڪندي رهي هئي، اونڌهہ کانسواءِ ٻيو ڪجهہ ڏسڻ ۾ نہ اَچي رهيو هو. شام ٿيندي ئي ان رستي تي بہ هلڻ بند ٿي ويندو هو، ڪو-ڪو ئي لنگهندو هو اُن وقت. سڄو رستو سُنسان ٿي ويندو هو... چُپ. جڏهن مان لڳ ڀڳ سؤ پئدل هٽي چڪو هوندو هوس تہ گهُمي ڪري شهر طرف ڏسندو هوس... ڪا ڪا ئي اُپي لائيٽ ٻرندي نظر ايندي هئي... جيئن-جيئن ڳوٺ ويجهو ايندو هو تيئن-تيئن سائيڪل بہ تيز-تيز ڀڄڻ لڳندي هئي... مونکي گهر جي ويجهو هئڻ جي همت ٿيندي ويندي هئي. سارين جي کيتن ۾ ڏيڏرن جي ڊَئن-ڊَئن بہ هڪ آواز ٻڌڻ ۾ ايندو هو.

کيتن ۾ ٻوڙين جي ڍاڻيءَ جا ڪجهہ گهر هئا. ٻوڙين تمام ڏٽا مٽا ڪتا رکيا هئا... جن کي رات جو هوُڪُليو ڇڏي ڏيندا هئا ۽ هوُروڊ تي ايندڙ-ويندڙ جي خبر وٺندا هئا. جيڪڏهن منهنجي سائيڪل ٿورو بہ آواز ڪري ها تہ هوُ ڀوئڪندا-ڀوئڪندا منهنجي پنيان پئجي وڃن ها. ڪتو پلي هڪ ئي ڀوئڪندو هو پر اُن جو آواز ٻڌي ڪري ٻين ماڻهن جا ڪتا بہ ڀوئڪڻ لڳندا هئا. ڪتا پنيان پيل ڏسي مان سائيڪل ڀڄائي ڇڏيندو هوس. جڏهن سائيڪل جي چَئِن لهڻ جي ڳالهہ ياد ايندي هئي... تہ سائيڪل آهستي ڪري ڇڏيندو هوس...

چَئِن ٺيڪ ڪرائڻ جو وقت ئي نہ ملندو هو... صاحب جو ڪم پورو ٿئي...

تڏهن ڪجهہ ٻيو ڪريان؟ جڏهن مان پنهنجي پنيان پيل ڪُتن کي ڳاريون ڏيندو هوس تہ صاحب لاءِ بہ ڳاريون نڪري ٿي ويندي هيون. پنهنجي پنيان ڀؤنڪي ڊڪندي ايندڙ ڪُتن کي ڪڏهن مون ائين بہ چيو هو، ''ڀؤ ونڪو-ڀؤنڪو پيڻ جا يارو... ڀؤنڪو توهان سيني جو پيءُ... اُهو شهر ۾ ڀؤنڪندو آهي... هاڻي هوُ دارون ۽ ڪاڏي سان پيٽ ڀري ڪونگهرا هڻي رهيو آهي ۽ توهان ٻڪہ مري ڀؤنڪندا ڦري رهيا آهيو مون وانگر... اڄ رات ٿي وڃڻ کان پوءِ بہ توهانکي آرام ڪونهي سالو... ڀؤنڪو ڀؤنڪو... اڃان ڀؤنڪو... پيڻ جا يارو...''

اِن نموني گرم ٿيندي مان ڳوٺ پهچي ويندو هوس. صبح جو گُرڊُواري جي باباجيءَ جي ڳالهائڻ تي جاڳندو هوس... چانهہ وغيره پِي وري سائيڪل تي ٽنگہ رکي چڙهندو هوس. هاڻي مان ڪُتن کان بچڻ لاءِ ڏنڊو بہ گڏ رکڻ لڳو هوس. جڏهن مان ڏنڊو گهُمائيندو هوس تہ ڪُتا پري-پري ڀؤنڪندا رهندا هئا، ويجهو نہ ايندا هئا.

* * *

مان ڪورٽ جي دروازي سامهون بيهي چوندو هوس، ''هَل فلاڻو بنام ڊينگرو حاضر ٿئي...'' تہ چڻ وراندي جي ڇت گونجندي هئي. شُنوائيءَ لاءِ ايندڙ سڀ ماڻهو منهنجا سنا جاڻوُ ٿي چُڪا هئا. ماڻهون ڳالهيون ڪندا هئا، ''پائي ڏاڍو وڏو آواز آهي چوري جو... گونججي اُتي تي...''

ڪو چوندو هو، ''پُٽ آهستي لڳائيندو ڪر آواز، ڏاڍو زور سان آواز ٿو ڪڍين يار...''

هڪ ڳوٺ ۾ ڪا ٻڍِيماتا هئي. هُن جو پنهنجي ماٽيلي پُٽن سان زمين جو ڪو جهڳڙو هلي رهيو هو... هوءَ هرهڪ شُنوائيءَ تي ايندي هئي. صبح جو تمام جلدي ڪورٽ جي دروازي جي ٻاهر اچي ويهندي هئي... اَڃان سُوپِر آيو ڪونہ هوندو هو... هوءَ آيل ويٺل هوندي هئي... هڪ-اڌ روٽي پچائي پاڻ سان گڏ ٿي کڻي ايندي هئي. مان ڪوشش ڪندو هوس تہ ٻُڍي ماتا کي تاريخ ملي ۽ هوءَ جلدي گهَر وڃي. هُن جا ماٽيلا پُٽ بہ برابر اچي... سامهون ويهي رهندا هئا... مان چوندو هوس، ''ماتاجي توهان جي تاريخ وجهائي ٿو ڇڏيان،

تون گهر وڃ.‘‘

هوءَ چوندي هئي، ’’مونکي وچي کهڙو چرخو هلائڻو آهي پُٽ... هوُ ڏس وينل منهنجا دشمن... هنن جي نڪ ۾ دم ڪري ئي ڇڏينديس... سچو-سچو ڏينهن ويهون هاٿي ڪم ڇڏي... سُواد اچي هن کي... مونکي گهر وڃڻ جي ڪا جلدي ڪونهي پُٽ.‘‘

هڪ ڏينهن ٻُڍِي ماتا پنهنجي ڪيسي مان هڪ لفافو ڪڍيو ۽ اُن مان هڪ ڪپڙي جي ٽُڪري ۾ ٻَڌل ڏهين جو نوٽ ڪڍي منهنجي طرف وڌائيندي چيائين، ’’وٺ پُٽ وڏي عمر ٿِئيئي! تون تہ ڏاڍو سُنو آهين پُٽ... ايڏو پيار ٿو ڪرين... وٺ... چانهہ پيئُجانءِ... دڪان تان منو وٺي کائجانءِ پُٽ... وٺ.‘‘

’’نہ نہ ماتاجِي... مان توکان نہ وٺندس؟ نہ نہ... مان نہ وٺندس پئسا!‘‘ منهنجي روڪيندي-روڪيندي بہ زبردستي هُن ڏهين جو نوٽ منهنجي کيسي ۾ وجهي ڇڏيو.

گهڻائي دفعا مان صاحب ۽ اِسٽاف لاءِ ڪٽليءَ ۾ چانهہ وجهائي کڻي ايندو هوس تہ هڪ ڪوپ فالتوُ ٻِڍي ماتا لاءِ بہ کڻي ايندو هوس. هڪ ٻہ دفعو هوءَ نہ-نہ ڪندي هئي... پوءِ ڪوپ پڪڙيندي ئي ٻن ڍُڪن ۾ چانهہ پِي ويندي هئي... هُن جا پُٽ بہ سامهون ويهي ڏسندا رهندا هئا.

جڏهن صاحب جي ڪار ڪورٽ جي سامهون اچي بيهندي هئي تہ صاحب ڏاڍيءَ مستيءَ ۾ ڪار مان لهندو هو... نُمڪ-نُمڪ ڪري هلندو هو... هڪ گَن مَٿن اڳيان ۽ هڪ پٺيان هلندو هو. ڪورٽ جي دروازي جي سامهون آيل وينل ماڻهو صاحب جي عزت ۾ اُٿي بيهندا هئا. ٻِڍي ماتا بہ اُٿندي هئي ۽ هٿ جوڙي بيهندي هئي. جڏهن صاحب هُن جي پاسي کان لنگهندو هو تہ هوءَ پنهنجا جوڙيل هٿ پنهنجي مٿي کي ڇُهائيندي هئي. مان اِهو ڏسي عجب ۾ پوندو هوس تہ اسانجي صاحب جي ڪيڏي عزت آهي. ٻِڍي ماتا جي عمر صاحب جي ماءُ جي عمر جيتري هوندي... پر ٻِڍي ماتا نصاحب جي پد کي مانُ ڏيندي آهي. واہ! ڪيترو مانُ... عزت-شانُ... اسانجي جج صاحب جي حصي ۾ آيو آهي.

* * *

اڄ ڪورٽ اڌ ڏينهن ئي هلڻي هئي. ڪنهن ڏڻ-وار جي ڪري اڌ ڏينهن موڪل هئي. اڄ صاحب کي هڪ ڪيس جو فيصلو ڪرڻو هو... جيڪو هڪ بلئڪميلر جڳا سنگهه سان لاڳو هو. هُن کان پوسٽ پڪڙي ويئي هئي. بلئڪميلر نوجوان ئي هو. هوُ صبح جو ئي ڪورٽ کان ٻاهر اچي ويهي رهيو هو ۽ وچ ۾ گهڻيئي دفعا اُٿي-اُٿي هِتي-هُتي ويو هو. منجهند تي... صاحب کي فيصلو ٻڌائڻو هو... مونکي چيائين، ”پُٽ، آواز لڳائي، ڪيون هن جو نبيرو.“

مون آواز لڳايو، ”هل يائي-سرڪار بنام جَڳا سنگهه حاضر ٿئي.“ پر جَڳا سنگهه نہ آيو. مون وري آواز هنيو پر جَڳا سنگهه نہ آيو.

”سَر جي... اُهو تہ آهي ئي ڪونہ ٻاهر ڪٿي... آواز ٻُڌي بہ نہ آيو آهي.“

صاحب چيمبر مان اُٿيو... رٽائرنگ روم ۾ وڃي وينو. ڪجهہ فائيل ڏٺائين. ويهن منٽن ڪانپوءِ وري چيائين، ”هل اويي آواز لڳائي هُن کي، ڪريان نبيرو هِن جو.“

مون وري آواز هنيو، ”سرڪار بنام جَڳا سنگهه حاضر ٿئي.“

جَڳا سنگهه نہ آيو.

”سَر جي، آهي ڪونہ هوُ ڪٿي.“

ايترو ٻُڌندي ئي صاحب چِڙجي پيو، ”ڪٿي ويو مُئو... ڪورٽ ۾ حاضر ڪونہ ٿيو؟ هڪ هنڌ نٿو وِهي... مونکي سزا ٻُڌائڻي آهي... هوُ ٻاهر ڇو گهُمي رهيو آهي...“

مان بہ ٿورو غصي ٿي ويو هوس جَڳا سنگهہ تي. جڏهن مان وري ڪورٽ جي دروازي ۾ هُنکي ڏسڻ ويس تہ آواز هنيو، ”جَڳا سنگهہ حاضر ٿئي،“ تہ جَڳا سنگهہ بلئڪميلر سامهون کان هلندو پئي آيو... مان هُن مٿان ٽُٽي پيس، ”توکي خبر ناهي؟ تون ٻاهر گهُمي رهيو آهين... صاحب کي توکي سزا ٻڌائڻي آهي... مون سُپاويڪ ئي اَچيت مَن... جيئن کان ٻُڌو هو تہ سزا ٻُڌائڻي آهي... ائين ئي ٻاهر ڳالهائي رهيو هوس. هل اندر پيش ٿيءُ.“

منهنجي ايتري ڳالهہ ٻُڌندي ئي جَڳا سنگهہ پنيان پيو. مون گوڙ ڪرڻ شروع ڪيو، ”ڀڄي ويو او... ڏوهي ڀڄي ويو... پڪڙيوس... ڏوهي ڀڄي ويو...“ گَن مَئن هن جي پنيان پيو. مان صاحب جي رٽائرنگ روم ۾ ڊڪي آيس

تہ صاحب بيٺو هو، ”سائين، جَڳا سنگهہ پهچي ويو...“

”هل هِتان ڪُتا...“ صاحب ڪَڙڪيو.

صاحب مونکي پيٽ جي گار ڏيئي گلي کان پڪڙيو، زور سان مُڪ هڻي ڪڍيائين، ”تون جج آهين يا مان؟ توکي فيصلو ٻڌائڻ اوپي؟ توکي... توکي ڪنهن چيو هو؟ جج تون آهين يا مان؟ پاڻ تہ توکي مرڻو ئي آهي، مونکي چو ٿو مارائين... توکي آواز ڏيڻ لاءِ رکيو آهي يا سزا ٻڌائڻ... سالا ڪُتا تو چو آرڊر ٻڌايو.“

صاحب گاريون ڏيئي رهيو هو. اِسٽئنو ۽ ريڊر بہ اَچي ويا هئا. مان هڪ طرف ٿي متو جهڪائي بيٺو هوس.

مان رٽائرنگ روم مان ٻاهر اچي ويو هوس.

گَن مئن ۽ سپاهي جَڳا سنگهہ کي قابوءَ ۾ ڪري اچي رهيا هئا. جڏهن صاحب اڳيان پيش ڪيو ويس تہ صاحب پڇيس، ”ڇا ڳالهہ هئي؟ پهچي وئين؟ پڳين چو... اِهو ٻڌائي پهرين.“

”سَر جي، جڏهن هِن آرڊر ٻڌايو... مان ڊڄي پهچي ويس... مونکان پڳو نہ ويو جي... رستي تي ڪري پيس مان.“

مان وري ٿورو پري هٽي ويس. سڄي ڪورٽ گڏ ٿي هئي.

”نِندر ئي حڪم ٻڌائي ڇڏيو... پائي ماڻهو پهچي ويو، ماڻهو پهچي ويو.“

ماڻهو ڳالهيون ڪري-ڪري کلي رهيا هئا. جَڳا سنگهہ کي هٿڪڙي لڳائي وئي. صاحب چاهي پيو تہ اِها ڳالهہ ٿڌي ٿي وڃي پر ڳالهہ ٿڌي نہ ٿي... مکہ ضلع سيشن جي نوٽيس ۾ ڳالهہ اَچي وئي هئي. صاحب سيشن جج وٽ ويو ۽ هُن کي ٿڌو ڪري آيو هو. ڏوهہ وڏيڪ صاحب جو مڃيو پئي ويو چو تہ هُن مونکي ئي گرمي-گرميءَ ۾ حڪم ٻڌائي ڇڏيو هو. ائين ڏوهہ تہ اسان ٻنهي جو ئي هو... قانونن اها ڏاڍي غلط ڳالهہ هئي.

خئر... ڳالهہ آئي-وئي ٿي وئي. ائين گهٽن ئي ڏينهن تائين وڪيل ۽ مُنشي مونکي چيڙي کلندا رهيا هئا.

P P P

منهنجي ۽ صاحب جي بدلي

ٽن چئن ڏينهن کانپوءِ ڳوٺ آيس ته ڊئڊيءَ خطن جو بنڊل ڏنو. اهي سڀ خط منهنجي ليکڪن ۽ ڪلاڪار دوستن جا هئا... جڏهن مون پڙهيا ته سيني اهي ئي مُهڻا ڏنا هئا ته جڏهن ڪان تون اَردليءِ ٿيو آهين... خط لکڻ ئي بند ڪري ڇڏيا اٿيئي ! گهٽن جي ٽيڪا هئي ته لڳي ٿو تنهنجي ڪَلا برباد ٿي ويئي آهي.

رنڪوءَ جو خط به نڪتو... جيڪو جج صاحب ۽ مالڪڻ ڀُن ڪان لکايو هو... ڀُنن جي به اهائي شڪايت هئي ته هيترن ڏينهن ڪان تو نه ڪو فون ڪيو... نه ئي ملڻ آئين. (تڏهن موبائيل فون نه هوندا هئا، لئنڊ لائين فون ئي هئا) رنڪوءَ به مُهڻو ڏنو هو. اڳئين جج صاحب، مالڪڻ ۽ ڀُن جي پُٽ رنڪوءَ کي به مان نه ڀُلجي سگهيو هوس، پر هتي ٿورو به خالي وقت نه ملڻ سبب ڪلاڪار دوستن ۽ رنڪوءَ ڪان به هڪ نموني ٽُٽِي چڪو هوس.

رات ڳوٺ ۾ ڪاٽِي. صبح جو ڪوٺيءَ پهچي ويس. ڪشن اڱڻ ۾ ڪرسي وڇائي ويٺو هو. مونکي دروازي تي ڏسي چيائين، ”او اڇ ڀائي ٽُنبيءَ وارا... هاڻي لُٽ موَجن جا ڏينهن... صاحب ته اڄ صبح جو چنڊيگڙه هلي ويو آهي... فون آيو هو رات جو ! صاحب پرهينءَ ايندو... هاڻي تون هتي ويهي ٽُنبِي وڄائي... ۽ کهاڻيون ٺاهي ويهي.“

مونکي صاحب جي چنڊيگڙه وڃڻ جي عجب ۾ پريل خوشي ته ٿي ئي... پر ويچار به سُجهيو. مون ڪشن کي چيو، ”ڳالهه ٻڌ يار ! تون منهنجو وڏو ڀاءُ آهين... منهنجي وينتي مڃ... مونکي رنڪوءَ جو خط آيو آهي... ڀُن توکي به نمستي لکي آهي ۽ صاحب ۽ مالڪڻ مونکي گهُرايو آهي... مونکي وڃڻ ڏي يار... سڀاڻي منجهند تائين اچي ويندس... وڃڻ ڏي...“

ڪشن چيو، ”چڱو پوءِ وڃڻو ئي اٿيئي ته هاڻي ئي هلي وڃ، صبح تائين اچي وڃجانءِ... ۽ منهنجي طرفان جج صاحب، مالڪڻ ۽ رنڪوءَ کي نمستي چئجانءِ.“

ڪشن ڪان موڪل وٺي پهرين مان جج صاحب جي ڪٽنب سان ملڻ لاءِ نڪري پيس. ڏيڍ ڪلاڪ ۾ بس هُنن جي شهر وٺي ويئي. رنڪوءَ مالڪڻ گهر ۾ ئي هئا. صاحب ڪورٽ ويو هو. مونکي آيل ڏسي رنڪو خوشي-خوشيءَ گلي مليو. پنهنجي پڙهيل ڪتابن جا نالا ٻڌائڻ لڳو.

مالڪڻ چيو، ”اَڙي مشڪل سان ڇوڪرو آيو آهي... مونکي به ڪا ڳالهه ڪرڻ ڏي... پهرين هن جو حال احوال ته وٺ... پنهنجيون ئي ڳالهيون ٻڌائڻ ويهي رهيو آهين...“

مالڪڻ مونکان منهنجي صاحب جي باري ۾ پڇي رهي هئي. مان ٻڌائي رهيو هوس. رنڪوُ چئي رهيو هو، ”نِندر پائي... تنهنجي تُنبيءَ جو ڪهڙو حال آهي؟. هاڻي تو ڪا ڪهاڻي-ٻَهاڻِي لکي آهي؟ ڪٿي ڇپجي آهي؟ هاڻي تنهنجي ساهتيڪاري جا ٿي چوي پِلا... اَردليءَ وارو ڪم سُنو آهي... ٻڌاءِ ڪا نئين تازِي...؟“

رنڪو ڦٽاڦٽ سوال ڪري رهيو هو. مان ائين ئي جواب ڏيئي رهيو هوس. مالڪڻ منهنجيون ڳالهيون ٻڌي چيو، ”پُٽ... ڳالهه ٻڌ منهنجي... همت نه هارجانءِ. آفيسر جي موڊ جي ڳالهه هوندي آهي... رنڪوءَ جي ڊئڊيءَ جو سڀاءُ ڏس... توکي ته خبر آهي ته ڪڏهن به ڪنهن نوڪر کي اوبي چئي سڏ نه ڪندو آهي... پُٽ، پُٽ چوندو آهي... چڱو... پوءِ تنهنجو صاحب توکي پيار به ڪندو آهي. جيڪڏهن داروُن پي اُلٽو سِڌو ڳالهائيندو آهي ته چُپ رهندو ڪر... سڀ هڪ جهڙا نه هوندا آهن... ڪو ٻيو سٺو آفيسر اچي ويندو.“

مالڪڻ جون ڳالهيون همت وڌائڻ واريون ۽ سُنيون هيون. ان نموني ڳ الهيون ڪندي چڱو وقت گذري ويو. جج صاحب به ڪورٽ مان اچي ويو. مون پير ڇُهيا. صاحب ڏاڍو خوش ٿيو. پاسي ۾ ويهاري ڳالهيون پڇڻ لڳو. مان عجب ۾ هوس ته هِي به ته جج ئي آهي... ۽ هوُاسان وارو به جج ئي آهي... ڪيڏو فرق آهي. هيِ مونکي پنهنجي ٻار وانگر پيار ٿو ڪري ۽ هوُ گاريون به ڏيندو آهي، مراسِي چئي مذاق به اُڏائيندو آهي، گيت ٻڌي ٻڌي پنهنجي وندر به ڪندو آهي.

مان ۽ نِندر بزار هلي وياسين. رنڪوءَ جو چنچل سُڀاءُ ۽ هُن جي ساهتيڪ

لاڙي تي مان ڏاڍو خوش هوس. هوُ مونکي پنهنجي ننڍي ڀاءُ وانگر لڳندو هو. عام آفيسرن جي ڀارن وانگر هُن ۾ ڪا بُرائِي ڪونہ هئي هيل تائين... ان سبب اها هُن جي چڱائِي ۽ گڻ هئا. چڱي دير تائين اسان بزار ۾ گهُمندا رهياسين، ڳالهيون ڪندي گهر موٽياسين.

هُتي پنيان ڪوٺيءَ ۾ پلي ٽي ڪشن هو... ۽ صاحب چندڀڳڙه ويل هو پر پوءِ بہ مونکي صاحب جي اچي وڃڻ جي ۽ ڪوٺيءَ جي چنتا لڳل هئي.

روٽي کائي ليٽندي ٽي مون صاحب ۽ مالڪڻ کي چئي ڇڏيو، ”مونکي تہ صبح جو سوير توهان جي سمهئي-سمهئي ٽي هلي وڃڻو آهي... هاڻي منهنجي نمستي قبول ڪري وٺو.“

مالڪڻ چيو، ”تہ پوءِ وٺ هي پنهنجو سامان. مان توکي هاڻي ٽي ڏيئي ٿي ڇڏيانءِ سنڀالي رکہ... جيڪڏهن صبح جو ٽي وڃڻو اٿيئي تہ.“

مالڪڻ منهنجي لاءِ هڪ تمام سنو پئنٽ-خميس جو ڪپڙو وٺي رکيو هو. ڪجهہ رپيا بہ هُن جلدي سان منهنجي خيسي ۾ وجهي ڇڏيا. مان هُنن جي پيار-مانَ اڳيان نہ ڇا ڪريان؟ صبح جو تمام سوير ٽي مان ۽ رنکو بس اڏي تي آياسين... پهرين بس ملي ويئي.

وقت تي ڪوٺيءَ تي اچي مون ڪشن کي ڪُلي موڪل ڏيئي ڇڏي... هوُ پنهنجي گهر هلي ويو. ٻئي ڏينهن صبح جو ڪشن اچي ٻُڌايو تہ صاحب شايد سِڌو ڪورٽ ويندو... تون ڪورٽ هلي وڃ... مان ڪورٽ ۾ وقت تي حاضر هوس... ڪورٽ لڳڻ کان پنج منٽ اڳہ صاحب اَچي ويو... مون سَت شري اَڪال چيو... صاحب اَڻ ٻُڌو ڪري ڇڏيو.

”وڃ ڏسي اچ... سيشن جج صاحب اَچي ويو آهي يا نہ.“ صاحب حڪم ڏنو. مان ڏسي رهيو هوس... صاحب چڱو اُداس هو. شڪل بہ بدليل-بدليل لڳي رهي هيس. خئر هجي !

سيشن جج صاحب آيل هو. صاحب هُن سان ملڻ هلي ويو. ڏهن منٽن کانپوءِ موٽي آيو ۽ ريڊر کي چيائين، ”سڀني ڪيسن جون تاريخون وجهي ڇڏ... مان ڪوٺيءَ ٿو وڃان.“

ڪار ۾ ويهي صاحب هلي ويو. مان عجب ۾ هوس تہ آخر ڳالهہ ڪهڙِي آهي؟

صاحب اڄ ڪورٽ ڇو نہ لڳائي؟ موٽي ڇو ويو آهي؟ اَڌ ڪلاڪ ڪانپوءِ ڳالهہ کُلي پيئي... سُپريٽينڊينٽ سيشن آفيس مان خبر پيئي تہ صاحب جي بدلِي ڪئي ويئي آهي. صاحب کي تُرت نئين جڳهہ تي جائِن ڪرڻ جو حڪم ڏنو هو.

اِن سبب صاحب تہ اُداس هو ئِي، پر گهبرايل بہ ڏسجي رهيو هو. ڪنهن هاءِ ڪورٽ ۾ شڪايت ڪئي هئي... هاءِ ڪورٽ صاحب کي حڪم ڏنو تہ فلاڻي جڳهہ تي وڃي تُرت جائِن ڪر ۽ شڪايت تي اِنڪوائري لڳي ويئي هئي.

ڪورٽ مان ڪم نبيري مان ڪوٺيءَ پهتس. ڪشن اڱڻ ۾ گهُمي رهيو هو. هُن آهستي سان چيو، ”ڇو اويي... صاحب جي بدلِي ٿي ويئي... ٻُڌو آهي شڪايت بہ ٿي ويئي...؟ سياڻي وڃڻو آهي صاحب کي... ڇا ٿيو هو؟“

ڪشن کي صاحب پاڻيهي ٻُڌائي ڇڏيو هو بدليءَ جي باري ۾. ڪشن چيو، ”صاحب ايندي ئي دارون پيتو ۽ هاڻي کَڙڪي لڳائي ويٺو آهي... تون نہ سڏ ڪجانءِ صاحب کي... پوءِ چوندين گاريون ڏنائين... هاڻي ويندي - ويندي گاريون نہ کائجانءِ.“

مان عجب ۾ هوس تہ ايترو جلدي صاحب جي بدلي ٿي ويئي...؟ عجب سان گڏوگڏ صاحب جو هتان کان هلي وڃڻ جو ڏک بہ ٿي رهيو هو. ڀلي صاحب کهڙو بہ هو... آخر هو تہ منهنجو صاحب ئي. جيڪڏهن مونکي چڙٻيندو هو تہ پوءِ مڃائي بہ وٺندو هو.

چڱي شام ٿي ويئي هئي. ڪشن بہ اڄ ٿوري ئي دير ۾ پنهنجي گهر مان ٿي ڪوٺيءَ اچي ويو هو. ”او ڪشن؟ ڪشن اوبي؟“ صاحب آواز ڏنو.

ڪشن ڀڄندو آيو... مان هُن جي پٺيان - پٺيان هوس... ڪشن ڪمري ۾ گهُسيو... مان دروازي جي ٻاهر ئي بيهي رهيس.

”اوبي هو ڪٿي آهي... نِندر ڪٿي آهي؟“

”سَر جِي سَت شري اَڪال.“ مان اڳتي آيس.

”ڇا ڪندو ڦري رهيو آهين تون اوبي؟ ٻاهر ويهي ڇا ڪري رهيو هُئين؟... ڳالهہ ٻُڌ... تون ۽ ڪشن منهنجو ضروري سامان سنڀاليو... اوبي توکي خبر آهي؟ منهنجي بدلِي ٿي ويئي آهي، مونکي وڃڻو آهي... اوبي ڇو خبر

اٿيئي ٿوڪي؟''

مون مٿو جهُڪائي آهستي سان چيو ''ها جي...'' پوءِ صاحب چُپ ٿي ويو. صاحب پنهنجا ڪپڙا ۽ بسترو گڏ ڪرائڻ ۾ لڳل هو. پوءِ رنڍڙي جو ڇڱو ئي سامان گڏ ڪيو ويو. هلندي هلندي صاحب ٻه ٽي پيگ به لڳائي ڇڏيا هئا. جج صاحب ٿورو سرورُ ۾ اَچي ويو ته چوڻ لڳو، ''اوبي پُٽرو ! مان سياڻي هلي ويندس... توهان پنهنجي نئين صاحب جو اِنتظار ڪريو... اوبي نِندريا... ڳالهہ ٻڌ اوبي تنهنجي ٽُنبي ڇا ٿي چوي... ٽُنگہ-لُنگہ-لُنگہ... هاڻي تنهنجي ٽُنبي ڪير ٻڌندو اوبي... مان ڪيئن ٻڌندس تنهنجي ٽُنبي... اوبي اچ مون وٽ... هتي اچ !''

صاحب مونکي پنهنجي پاسي ويهاري ڇڏيو. اهو پهريون دفعو هو جڏهن مان صاحب جي پاسي ويٺو هوس... منهنجي ڪهڙي همت صاحب جي پاسي ويهڻ جي؟ ''ڳالهہ ٻڌ اوبي پُٽ، تنهنجي ٽُنگہ-لُنگہ-لُنگہ... ٻڌاءِ مونکي، مان ڪيئن ٻڌندس؟ هاڻي تون هتي رهندين، ٻڌائي اوبي مونکي، ڪيئن ملندين تون؟'' صاحب جون اَکيون پرجي آيون ۽ هُن مونکي گلي لڳايو، پلي صاحب شرابِي هو پر پوءِ به هُن کي ان نموني نرم دل ٿيل ڏسي مونکي عجب لڳو هو.

''سَر جي، ڪهڙي هنڌ ٿي آهي بدلي؟''

''تمام پري ٿي آهي پُٽ... تمام پري... اوبي پُٽ نِندر... تنهنجا گانا ٻُڌِي مونکي چاهہ ٿيندو آهي... تنهنجي ٽُنگہ-لُنگہ-لُنگہ... هاڻي مونکي ڪير ٻُڌائيندو، ڪير پچائيندو منهنجي روٽي؟ ٻڌاءِ مونکي نِندر... ڪير وڃهندو مينهن کي چارو... مينهن ٻُڪئي مري ويندي... پهرين ڳابِي مري ويئي اوبي... ڪير ڪڍندو ڇيڻو؟ ڪير ڪُتريندو چارو؟ ڪير آواز لڳائيندو؟ ڪير وڄائيندو ٽُنبي اوبي پُٽ...؟''

هاڻي جج کنهن ٻار وانگر روئڻ لڳو. ڪشن پاڻيءَ جو گلاس ڏيندي چيائين، ''سَر پاڻِي پِي وٺو... وٺو...''

مون چيو، ''سَر پاڻِي پيئو جِي... اسان ڪٿي نہ ويندا سين... توهان جي ويجهو آهيون... توهان جي بدلِي ڪئنسل ٿي ويندي... توهان همت رکو...''

پاڻي رکي ڇڏ هتي پُٽ ڪشن... هيءَ ڏي مونکي.“ صاحب بوتل طرف اِشارو ڪيو. پيگ ٺاهي اندر ڦٽو ڪيائين. توال سان اکيون اُگهيائين... مُڇون ٺيڪ ڪيائين. مان ۽ ڪشن صاحب جي پاسي ئي ويٺا هئاسين.

”هتي اچ پُٽ نِندر... هتي پاسي ۾ اچي ويهه.“

”ڀالهه ٻڌ پُٽ اوبي... هاڻي ويندي-ويندي گانو-وانو ٻڌائي مونکي... ڪو ڀائي يَملي جَٽ جو... ڪٿي اچ اوبي ڪشن هِن جي ٽُنگ-لُنگ-لُنگ ڪٿي پيئي آهي؟“

ڪشن تُنبي ڪڍي آيو. صاحب کي ڏسي مان به اُداس ٿي ويو هوس. پوءِ مان تُنبي ٽُنڪائي اُستاد يَملي جو ئي گيت ڳائڻ لڳس:

اَصلي سَڄڻ جَد وِي مِليا
تَکي آن چَڙي سَرورُ
تانگهه دِلان وِچ رهي هَميشا
بيشَڪ وَسي دورُ
اَصلي سَڄڻ ديد دي ڀُکي
نقلي لوبي ذَر دي
لالچ کوري اَکين ديکي
ڪِسي ڪِسي لَئي مَردي
اَصلي دي مَن ڌِيرج ديکي
نَقلي پائي قَتورُ
اَصلي سَڄڻ...

صاحب مٿو ڌوڻي ڌوڻي جهومِي رهيو هو ۽ جهومِي-جهومِي ئي صاحب جون اَکيون وهڻ لڳيون. گيت اَڃان پورو نه ٿيو هو. صاحب وچ ۾ ئي چوڻ لڳو، ”اوبي نِندر... هاڻي اسان به پَري جا سَڄڻ ٿي وياسين اوبي... سياڻي اسان کي به پري هلي وڃڻو آهي.“

صاحب مراسين جي ٻارن وانگر روئڻ لڳو. مون گيت پورو ڪيو. تُنبِي رکي ڇڏي. صاحب سامهون رکيل تُنبيءَ طرف ڏسي چيو، ”اوبي نِندرِي! تنهنجي ٽُنگ-لنگ-لنگ ڪٿان ٻُڌندي هاڻي... پُٽ تون مون سان گڏ ئي هل... مان

تہ توکي گڏ وني ئي هلندس... ڏسان ٿو ڪير ٿو روڪي...“

اڄ مان صاحب جو اِهو وڏرا ڳي روپ ڏسي عجب ۾ هوس. ڪٿي تہ صاحب گاريون ڏيندو هو... چڙجندو هو... گهڻيئي دفعا مارڻ بہ آيو هو... پُٺيءَ ۾ مُڪ بہ هنئي هئائين... پر اڄ دارون پيئڻ سبب ڳالهہ الڳہ هئي. صاحب جو من ڏاڍو نرم ٿي ويو هو. چڱي رات تائين صاحب وينل هو.

صبح جو صاحب کي وڃڻو هو. مينهن ۾ ويو وڏو سامان اڄان ڪوٺيءَ مان نہ ڪٽي وڃڻو هو. اِهو پوءِ ڪٽي وڃڻو هو... صاحب کي نئين جڳهہ تي جائِن ڪرڻو هو... ان ڪري اڪيلو وڃي رهيو هو.

ڪورٽ ۾ آيل هڪ پيادي مونکي ٻُڌايو، ”تنهنجي بہ بدلِي ٿي ويئي اٿيئي... سيشن جج وٽ ! توکي بہ اڄ ئي وڃي اُتي جائِن ڪرڻو آهي...“

صاحب ڪار ۾ ويهڻ لڳو. ڪشن پير پَٽِي هَٽِي ويو هو. جڏهن مان ويندي صاحب جا پير پَوڻ لڳس تہ منهنجون پريل اَکيون ڏسي صاحب مونکي گلي لڳايو ۽ ٿپکِي ڏيئي چُپ چاپ ڪار ۾ ويهي رهيو. ڪار هلڻ لڳي... مون ٻئي هٿ جوڙي متو جهُڪايو ۽ پنهنجِي بدليءَ جو حڪم وٺڻ لاءِ ڪورٽ طرف سائيڪل موڙي ڇڏِي. جڏهن مان ڪورٽ جي وڏِيءَ گيٽ ۾ گهُسڻ لڳس تہ سائيڪل بيهاري پنهنجي خاڪِي ڪپڙن سان اَکيون اُگهِي ڇڏيون هيون.

P P P

۽ مان ڳوٺ پڳس !

هاڻي منهنجي ڊيوٽي ضلع ۽ سيشن جج جي ڪوٺيءَ ۾ ٿي ويئي. اُتي ڪجھ ٻيا به ماڻهو ڪم ڪندا هئا. ٻه مالي هئا، ٻه ڪيتي ٻاڙيءَ لاءِ رکيل هئا. سيشن هائوس جي آسي-پاسي چڱي زمين هئي. اُتي ڪٽڪ ۽ مُندن مطابق فصل پوکيو ويندو هو. مان هاڻي پنجون ٽايَر ٿي هوس... اُنهن چئن ماڻهن سان گڏ ڪم ڪرڻو هو... جيڪو هُنن کي چوڻو هو. اُهي چارئي به سرڪاري هئا... پَڪا ڪرمچاري هئا ! روٽي تيار ڪرڻ لاءِ ٻه راڌائو الڳ سان هئا. جيڪو ڪجھ مونکي ڪم چيو ويندو هو... مان ڪري ڇڏيندو هوس... ڪڏهن مالين سان گڏ پوکه... ڪڏهن ڳائين جي شيوا... ڪڏهن ڪمرن جي صاف-صفائي... ڪڏهن فصلن کي پاڻي... ڪڏهن-ڪڏهن ڪورٽ جو ڪو ڪم ۽ ڪڏهن بزار مان ڪا شيءِ آڻڻي هوندي هئي.

صاحب سُٺو هو. پنهنجي ڪم ۾ مست رهندو هو. مالڪڻ ڪِٽي-ڪِٽي ڪائيندي رهندي هئي. ويهڻ ئي نه ڏيندي هئي ڪڏهن. سُياءَ جي ڏاڍي سخت هئي. ڳوٺ مان روز ويندو هوس. پِلي دکي هڄان يا سکي. سائيڪل تي چڙهندي ئي ڳائڻ لڳندو هوس :

دَڙ وَتِ زمانا ڪَتِ

پَلي دِن آوَڻگي...

چار مهنا گذريا. جج صاحب جي ڌيءَ پنهنجي نندڻ-نندڻ ٻارن سان گڏ ماءُ-پيءُ سان ملڻ آيل هئي. ٻارن کي اِسڪول مان موڪلون هيون.

هڪ ڏينهن مان ڳوٺ مان ايندي ٿورو ليٽ ٿي ويو هوس. ايندي ئي مالڪڻ سؤ-سؤ گاريون ڏنيون، ”تون ڳوٺ وڃڻ بند ڪري ڇڏ... هتي شهر ۾ رهُه... ڪمرو وٺي ڇڏ پاڙي تي... تون چا جو نؤڪر، تون ته صاحب ئي ٿي وئين... روز ڳوٺ، مؤج سان وڃين ۽ صبح جو ناٺ-باٺ سان مرضيءَ سان اچين... ائين نه هلندَئِه نؤڪري تنهنجي...“

مالڪڻ گهڻيءَ دير تائين ڳالهائيندي رهي هئي ۽ مان ٻُڌندو رهيو هوس.

اِئين بہ گهڻن ئي ڏينهن کان مان دکي-دکي محسوس ڪري رهيو هوس. ڪڏهن-ڪڏهن پهريون جج صاحب بہ... اڳلا بہ ياد ايندا هئا... ڪڏهن من ڪندو هو تہ هتان کان پري ڪٿي... تمام پري ڀڄي وڃان. ڇا بيهندو اهڙيءَ نوڪريءَ سان منهنجو؟ تُنبي بہ هاٿي نہ وڃائي هئي ڪڏهن... من اُداس-اُداس رهندو هو. ڪڏهن سوچيندو هوس، سڄي عمر ان نموني چَپراسيپڻي ۾ ئي گذري ويندي؟ ڪهڙو ڪم آهي هيءُ؟

هيءُ آفيسر عام ماڻهن جو ڇا اِنصاف ڪندا... جڏهن تہ پنهنجي گهَروُ نوڪرن (جيڪي شيوا ڪندا آهن... هنن جا پيٽ ڀريندا آهن، هنن جي شيوا ڪندا آهن) سان ئي ڏاڍي بي اِنصافي ٿا ڪن. اِهو ڪٿان جو قانوُن آهي...؟ پگهار سرڪاري... ڪم ڪوٺين ۾. ڪاغذن تي ڊيوٽي ڪورٽ ۾ آهي.

سڄي عمر باسڻ ڌوئندي، گاريون کائيندي ۽ ڇيڙو ڪڻندي ئي نڪري ويندي منهنجي... اِهو تہ بلڪل سچ آهي... منهنجي من چيو هو. گهڻن ئي ڏينهن کان منهنجو من ڇالوُ ٿي ويو هو.

منجهند ٿي ويئي هئي. مالڪڻ مونکي اندر گهُرايو ۽ چيو، ”اڙي پگهار ڇا جي ٿو وٺين؟ ڪو ڪم ڪندي تہ مون توکي ڏٺو ئي ڪونهي ڪڏهن... هل هيئن ڪر هُن پُٺئين ڪمري ۾ سُوِيٽيءَ پيشاب ڪري ڇڏيو آهي... اُتي ٿورو پوچو هڻي ڇڏ... ڪر صاف وڃي... هل... صاف ڪر.“

”مالڪڻ جي مان نہ پوچو هڻندس... مان نہ هڻندس... بين کان هڻائي پوچو... مونکي پوچو هڻڻ لاءِ نہ رکيو ويو آهي... سپاٽي چونديِنءَ، اسانجي ٻارن جي لٽڙن ڪڻ... مان نہ... مان ڪو جمعدار آهيان... نہ مالڪڻ جي نہ...؟“

ايترو ٻُڌندي ئي مالڪڻ ڦاٽي پيئي، ”تنهنجو پيءُ هڻندو پوچو؟ جيڪڏهن هڻڻو نہ اٿيئي تہ هتي ڇا ڏِڪا کائڻ ايندو آهين؟ وڃ پنهنجي گهر، دَفا ٿي... ڪيئن ٿو ڳالهائي منهنجي اڳيان... تون تہ ڏاڍو بيشرم آهين... مونکي جواب ڏيئي ڇڏيئہ، هليو وڃ هتان...“

”مالڪڻ جي مان نہ پوچو هڻندس... مون چئي ڇڏيو، مان نہ هڻندس...“

”نہ هڻ... نہ هڻ... وڃ ڀڄي وڃ هتان... هتي نہ بيهہُ.“ مالڪڻ مونکان

بہ وڌيڪ گرم هئي.

”هاڻي هتي ڏسڻ ۾ نہ اَچڻ جو ڪم آهي.“ ... ”هاڻي هتي ڏسڻ ۾ نہ اَچجانءِ مونکي...“

مون سائيڪل کنئي. ڪورٽ آيس، ڏڪندڙ هٿن سان پنجابيءَ ۾ اِستعفا لکي. سڀ آفيس وارا عجب ۾ هئا. سيشن جج صاحب کي مالڪڻ سچي ڳالھ فون تي ٻُڌائي ڇڏي هئي.

سپريٽينڊينٽ بہ عجب ۾ هو، ”پُٽ تڏي دماغ سان سوچين ها.“

”نہ جي نہ... سَر، سوچيو ڏاڍو... ڪُتي نوڪري آهي... مان مري ويندس سَر... پليز... مهرباني توهانجي... توهان ڏاڍا سُٺا آهيو... هاڻي مونکي جلدي ۽ هميشہ لاءِ موڪل ڏيئي ڇڏيو... مان وڃان...“ ائين چوندي مان روئي پيس.

اِستعفا وارو ڪاغذ ڏيئي مان ڪورٽ ڪان ٻاهر اچي ويو هوس.

شام ٿي رهي هئي. منهنجي دل ڪنهن چوُڙي وانگر ڌڙڪي رهيو هو... بلڪل اُن چوُڙي جي دل وانگر جيڪو هاڻي ٻليءَ جي منهن ۾ وڃڻ کان بچِي نڪيو هجي.

مون پنهنجي سائيڪل ڳوٺ طرف ويندڙ رستي تي ڪري ڇڏي. اڄ رستي تي ڏاڍي رؤنق هئي. آزاد ماڻهو پنهنجي ڪمن سان ڏاڍي موّج سان بي فڪر ٿي اچي-وڃي رهيا هئا. ڪو ڳائيندو پئي ويو... ڪنهن جي شڪل تي سچي ڏينهن جي سچِي محنت جو سروُر هو. اڄ مان بہ اُنهن آزاد آتمائن واري ماڻهن ۾ شامل ٿي ويو هوس.

رستي جي آسي-پاسي سائو-سائو فصل اڪين کي ٿڌاڻ ۽ مني ٿڌي هوا من کي شانتيِ ڏيئي رهي هئي. کيتن جي ساوڪ تي پکي اُڏامي لاتيون لمي رهيا هئا. پکين جي گيتن منهنجي من ۾ عجيب تَرنگ ڇيڙِي ۽ منهنجو من بہ ڪجھ ڳائڻ لاءِ ٿيو. هڪ پل لاءِ تہ مونکي لڳو تہ جڻ اڄ مان بہ اُنهن پکين سان گڏ-گڏ اُڏامي رهيو آهيان.

اڄ ٻوُرين جي ڊاڻيءَ تان ڪُتا بہ ڪونہ ڀؤنڪيا هئا... جيڪڏهن ڀؤنڪن بہ ها تہ اڄ مان هُنن کي گاريون نہ ڏيان ها. ٻوُرين جي ڪچين سِرن جا گهر مونکي پنهنجا-پنهنجا ۽ پيارا-پيارا لڳا. ٿئل ڪَچو رستو مونکي جي.ٽي. روڊ

لڳي رهيو هو. اڄ منهنجو پنهنجو ئي عجيب سنسار هو. اڄ مان بلڪل هلڪو هوس ۽ سائيڪل تي اُڏامندو-اُڏامندو گهر طرف وڃي رهيو هوس. مان وڏي سُر ۾ ڳائي رهيو هوس :

دَرُ وَتَ، زمانا ڪَتِيا
ڀَلي دِن آ گَئي اويي...
ڀَلي دِن آ گَئي اويي...

P P P